سنڌي پهاڪا ۽ محاورا

(هڪ اڀياس)

مرليڌر جيٽلي

سنڌي ٻوليءَ ۾ محاورا

(هڪ اڀياس)

مرليڌر جيٽلي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2004ع

Roshni Book No. 103

ڪتاب جو نالو: سنڌي پهاڪا ۽ مُحاورا
(هڪ اڀياس)
ليکڪ: ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي
ڪتاب ۾ استعمال هندي لفظن جا تز متبادل لفظ ڏيندڙ: ولي رام ولڀ

چاپو پهريون: © روشني 1996ع
چاپو ٻيون: © روشني 2004ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
قيمت: 100.00 روپيا

SINDHI PAHAKA AIN MUHAVARA
(A STUDY OF SINDHI PROVERBS AND IDIOMS)

Writer: **Dr. Murlidhar Kishinchand Jetli**
Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composers, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
First Edition © Roshni 1996
Second Edition © Roshni 2004

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سنڌ بڪ ڪلب، رابعه اسڪوائر - حيدرآباد
ڪانياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
مولانا عطاءُ الله ٽونيه مدرسه، سراج العلوم پير شريف
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
قاسميه لائبرري - ڪنڊيارو
مڪتبه عثمانيه چنيهاڻي - ڪنڊيارو

فهرست

مهاڳ 5

1. لوڪ ادب ۾ پهاڪا ۽ محاورا 20-11

لوڪ ادب ڇا آهي. لوڪ جو مطلب ڇا آهي. ادب ڇا آهي. معياري ادب ۽ لوڪ ادب. لوڪ، ادب، لوڪ - ثقافت جو هڪ ڀاڱو. لوڪ ثقافت جا مکيه تت يا جزا. لوڪ جيون جو طريقو. لوڪ اظهار جو طريقو. لوڪ ادب جا مکيه قسم.

2. ٻوليءَ ۾ پهاڪا ۽ محاورا 30-21

مروج استعمال. مروج استعمال جا قسم. مروج استعمال جا ٻيا مثال. پهاڪن ۽ محاورن ۾ ٻي معنيٰ ڪيئن ٿي ملي. مروج استعمالن جي اهميت.

3. پهاڪو 53-31

پهاڪو لفظ جي اکري معنيٰ. ڪهاوت. چوٽي. پهاڪي جون خاصيتون. پهاڪن جي ساراهه ۾ چيل سخن. الڳ الڳ ٻولين ۾ پهاڪي لاءِ لفظ. پهاڪي جي وصف. پهاڪن جي سچائي ۽ ڪن پهاڪن ۾ نظر ايندڙ تضاد. پهاڪا ۽ ٻيا سخن. پهاڪو ۽ حوالو. پهاڪو ۽ نصيحت ڀريا نڪتا. پهاڪو ۽ ٽوٽڪو يا لطيفو. پهاڪو ۽ پرولي.

4. محاورو يا اصطلاح 69-54

محاوري يا اصلاح جي اکري معنيٰ. محاورو ۽ ورجيس. محاورو ۽ لفظي طاقت. لفظ ۽ معنيٰ. لفظي طاقت يا لفظن جي طاقت. اظهار. ڏسيندڙ طاقت. اشاري واري طاقت يا اِشارو. محاورن ۾ ڏس ۽ اشارو. محاورو ۽ النڪار. ورجيس تي وڌيڪ ويچار.

5. پهاڪي ۽ محاوري ۾ فرق 72-70

پهاڪو، محاورو.

6. ڀاڪن جو جنم ۽ ارتقا 94-73
ڀاڪن جو جنم. ڀاڪن جي جنم جا مکيہ ڪارڻ. لوڪ ڪٿائون. تاريخي شخصيتون، واقعا ۽ حالتون. سياڻن جا سخن ۽ نصيحت آميز نُڪتا. انساني جذبات جو رد عمل. پروليون ۽ ٻول. ٻوليون جو هڪ ٻئي تي اثر ۽ لساني ورثو. ڀاڪن ۽ چوڻين جي قدامت. ڀاڪن جي ارتقا. روپ وڪاس. ارٿ وڪاس.

7. ڀاڪن جي ورهاست 118-95
الفابيٽ موجب ترتيب. موضوع موجب ورهاست. موضوع موجب ورهاست ۾ مسئلا. موضوع موجب ڀاڪن جا مکيہ درجا. تاريخ سنبنڌي ڀاڪا. قدرتي ماحول، وڻن ٽڻن ۽ پسن پکين سنبنڌي. کيتي ٻاريءَ سنبنڌي. سماجي سرشتي سنبنڌي. جيون درشن، لوڪ وهنوار ۽ نيتيءَ سنبنڌي. ٻين موضوعن تي ڀاڪا. فاحش ڀاڪا.

8. محاورن جو جنم ۽ ارتقا 123-119
محاورن جو جنم. محاورن جي ارتقا

9. محاورن جي ورهاست 131-124
الفابيٽ موجب محاورن جي ترتيب. موضوعن موجب ورهاست. تاريخ، لوڪ ڪٿائون ۽ آکاڻيون. قدرتي ماحول، وڻ ٽڻ ۽ پسون پکي، وغيره. جسم جي عضون سان واسطو رکندڙ. سماجي حالتون ۽ ريتيون رسمون. عوامي اعتقاد ۽ عقيدا. سنگيت ۽ ناچ گانا. رانديون. فاحش محاورا.

10. ڀاڪن ۽ محاورن جون لساني خاصيتون 134-132
ٻوليءَ جا جهونا روپ جيڪي هاڻي عام ٻول چال ۾ استعمال نٿا ٿين يا عام فهم نہ آهن. وياڪرڻ جا جهونا روپ. رچنا جو علحدو نمونو. حرف جري حالتن جا جهونا روپ. سماس. ٻين ٻولين جا ڀاڪا هوبهو يا ٿوريءَ ڦيرگهير سان کڻڻ.

11. ڀاڪن ۽ محاورن ۾ سنڌيت 150-135
سماجي حالتون. ريتيون رسمون. عوامي اعتقاد. سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي. سنڌي ٻوليءَ جو روپ.

مددي ڪتاب 151

مهاڳ

سنڌي پهاڪا ۽ محاورا گڏ ڪرڻ طرف سنڌي عالمن ۽ تعليمدانن جو ڌيان گذريل صديءَ ۾ ڇڪيو. سن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ بعد، برطانيه سرڪار ملڪي ۽ سماجي سڌارن ِسان گڏوگڏ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ساهت جي واڌاري لاءِ به ڪوششون شروع ڪيون. انهيءَ سلسلي ۾ سن 1853ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي طرفان ِعالمن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي، جنهن سنڌيءَ لاءِ ڪتب ايندڙ عربي- فارسي لکت کي معياري روپ ڏنو. انهن اکرن جي آڌار تي سنڌيءَ لاءِ ٻاونجاهه اکري پٽي يا الفا بيٽا تيار ڪئي ويئي، جيڪا اڄ تائين واهپي ۾ اچي رهي آهي. انهيءَ لکت ۾ پوءِ اسڪولن لاءِ سنڌيءَ ۾ درسي ڪتابن تيار ڪرڻ جي به شروعات ٿي. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته عربي- فارسي اکرن سان گڏ، ديوناگري- سنڌي، گرمکي ۽ هندو سنڌي (سنڌوي) اکرن جو به واهپو سنڌي لکڻ لاءِ چالو رهندو آيو، جيتوڻيڪ ان جو دائرو تمام محدود هئو.

سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جا مجموعا

"ديوان ڪوڙومل چندنمل کلناڻي" (1844-1916) پهريون سنڌي تعليمدان ۽ نثر نويس هئو، جنهن پنهنجيءَ مادري زبانْ جا پهاڪا گڏ ڪري هڪ ننڍو ڪتاب "سنڌي پهاڪا" نالي سان سن 1889ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان ۾ اٽڪل ٻارهن سؤ سنڌي پهاڪا الف- بي وار ڏنل آهن. انهن جي سمجهاڻي ڏنل نه آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ پاڻ ان لاءِ سبب ڄاڻايو اٿس ته "اصل هر هڪ پهاڪو ڪيئن چوڻ ۾ آيو ۽ ڪهڙي وقت ۽ ڪيئن ڪم آڻجي، انهن جي بيان ڏيڻ جو ارادو هوم... پر ائين ڪجي ها ته غريب غربو يا ڇوڪر ٻاڪر وٺي ڪين سگهي ها." ظاهر آهي ته ڪتاب جي وڌي وڃڻ جي ڊپ کان هن پهاڪن جي معنيٰ نه سمجهائي آهي. ٻيو ته منجهس ڪجهه

پهاڪا اڌورا ڏنل آهن. مثال طور،

"پائر ڪوٽ جا ڪنگر، پٽ گهر جي سونهن."

ان جو سچو روپ هن ريت آهي.

"پائر ڪوٽ جا ڪنگر، پٽ گهر جي سونهن،
وينا ڪن ورونهن، ڏچڻ ڏوران ئي ڏري."

جيئن تہ ديوان ڪوڙومل ڪلثاڻي پهريون عالم آهي، جنهن هن موضوع تي ڪتاب لکي شايع ڪيو، ان ڪري سندس ڪتاب ۾ ڪٿي ڪجهہ اوڻايون نظر اچن ٿيون. ان هوندي بہ هن انهيءَ زماني ۾ ايترا سنڌي پهاڪا گڏ ڪري لاشڪ جس جوڳو ڪم ڪيو آهي.

حقيقت ۾ ڏسجي تہ حيدرآباد سنڌ جي هڪ ٻئي عالم 'ديوان کيولرام سلامتراءِ آڏوائيءَ' انهيءَ ڏس ۾ ديوان ڪوڙيمل ڪان بہ اول قدم رکيو هئو. هن سرڪاري ڪاتي مان 1864ع ۾ رٽائرڊ ٿيڻ بعد، سال 1869ع ۾ "گلشڪر" نالي سان سنڌي پهاڪن جو هڪ مجموعو لکي تيار ڪيو هئو. هن پنهنجن ٻين ٻن ڪتابن "گل" ۽ "سوکڙي" سان گڏ ڪل تي دستخط سرڪاري تعليم ڪاتي کي ڇپائڻ لاءِ ڏنا. افسوس جي ڳالهہ آهي جو اهي ٽيئي دستخط پنجتيهن کن سالن ڪان بہ وڌيڪ عرصو سرڪاري دفتر جي ڪٻٽن ۾ بند پيا هئا. نيٺ ڪنهن سرڪاري عملدار جو ان طرف ڌيان ويو، جنهن سن 1905ع ۾ 'گل شڪر' ۽ پوءِ ٻيا ڪتاب بہ ڇپائي ظاهر ڪيا. 'گل شڪر' ڪتاب ۾ 570 سنڌي پهاڪا سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنل آهن. ان ڪتاب جي خوبي اها آهي تہ ليکڪ سنڌي پهاڪن جي ڀيٽ، هندي، فارسي ۽ ڪن ٻين ٻولين جي پهاڪن سان بہ ڪئي آهي. اوائلي سنڌي نثر جي عبارت جو بہ ان ڪتاب مان چڱيءَ طرح ابياس ڪري سگهجي ٿو.

گذريل صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ 'روچيرام گجومل ڪرپالاڻيءَ' پڻ انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب سن 1892 ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان جو نالو آهي "اي هئنڊ بوڪ آف سنڌي پراوربس"(A Hand Book of Sindhi proverbs). ان ڪتاب جو مکيہ مقصد هئو، انهن انگريزي عملدارن کي سنڌي پهاڪن جي ڄاڻ ڏيڻ، جيڪي سنڌ ۾ نوڪري ڪرڻ سببان لازمي طور سنڌي سکندا هئا. ان ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ سنڌي پهاڪن جي ڀيٽ هم معنيٰ انگريزي پهاڪن سان ڪيل آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ سنڌي ٻولءَ جا خاص چونڊ پهاڪا ڏنل آهن. ڪتاب ۾ اٺ سو کان بہ مٿي سنڌي پهاڪا انگريزي ترجمي سان

گڏ ڏنل آهن. ان ڪتاب جا پوءِ چار ڪن ڇاپا ڇپيا آهن.

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ٻڍعيدن جي رهاڪوءِ 'گهنشامداس رامنداس پڪت' جو سنڌي محاورا يا اصطلاح گڏ ڪرڻ طرف ڌيان ويو. هن عالم "سنڌي ٻوليءَ جي سونهن" (يعني سنڌي ورجيسون ۽ اصطلاح) نالي سان هڪ مجموعو، حيدرآباد سنڌ مان سن 1910ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هي سنڌي محاورن يا اصطلاحن جو اهو پهريون مجموعو آهي. ان ۾ اٽڪل سوا ٻه هزار سنڌي محاورا معنيٰ سان گڏ ڏنل آهن ۽ جملن ۾ انهن جو استعمال به ڏيکاريو ويو آهي. ان مجموعو جي ٻي خوبي اها آهي تہ منجهس ڪيترائي جهونا ۽ ٺيٺ سنڌي اصطلاح گڏ ڪري داخل ڪيل ويا آهن.

ويهن صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جا ٻيا به ڪجهہ مجموعو شايع ٿيا. انهن ۾ مکيہ آهن: 'مرزا قليچ بيگ' جو تيار ڪيل "پهاڪن جي حڪمت" (1925) جنهن ۾ سنڌي پهاڪن ڪان سواءِ جدا جدا ٻاين اندر ٻين ٻولين جا بہ چونڊ پهاڪا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري رکيا ويا آهن. سنڌيءَ جي مشهور نثر نويس ۽ عالم 'ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ'، "پهاڪن جي پيڙهہ" نالي هڪ ننڍڙو ڪتاب لکي حيدرآباد سنڌ مان ڇپايو. انهيءَ ۾ هن هرهڪ پهاڪي جي بنياد تي روشني وڌي آهي. ڪتاب ۾ ڪل هڪ سو ٻائيتاليهہ سنڌي پهاڪا سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنا ويا آهن. انهيءَ ڪان پوءِ ڀيرومل ٻيو بہ ڪتاب "گلقند" نالي سان ٻن ڀاڱن ۾ شايع ڪيو. ان جي پهرئين ڀاڱي ۾ نوَ سؤ ٻارهن [912] سنڌي پهاڪا الف. بي وار داخل ڪيل آهن. ڪيترن هنڌن تي هم- معنيٰ پهاڪن کي گڏ رکيو ويو آهي. ڪتاب جي ٻئين ڀاڱي ۾ [1450] اصطلاح معنيٰ سميت ڏنل آهن. ڀيرومل جو هيءَ مجموعو ڀارت ۾ اڄڻ ڪانپوءِ ديوناگري سنڌي لپيءَ ۾ بہ ڇپايو ويو آهي. روچيرام جي نقشِ- قدم تي هلي، 'موهن لال جوتسنگهہ شهاڻيءَ' ڪراچيءَ مان "سنڌي اڊيمس" (Sindhi Idioms) نالي سان هڪ ڪتاب آزاديءَ ڪان ڏهاڪو کن سال اڳ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. انهيءَ ۾ هڪ ڪالم ۾ سنڌي محاورا يا اصطلاح ڏنل آهن ۽ سامهون ٻئي ڪالم ۾ انهن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ يا هم- معنيٰ انگريزي اصطلاح ڏنل آهن. هن ڪتاب جو مکيہ مقصد آهي سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندڙن جي رهنمائي ڪرڻ. اهو ڪتاب خاص طور شاگردن لاءِ گهڻو ڪارگر ثابت ٿيو آهي.

ديس جي آزاديءَ ڪان پوءِ سنڌ توڙي ڀارت ۾ ڪي اهڙا سنڌي عالم نڪتا آهن، جن انهيءَ ڪيتر ۾ اڳتي وک وڌائي آهي. سنڌ ۾ 'غلام اصغر' سن

1956ع ۾ "سنڌي ڪتمنڙا" نالي سان محاورن جو هڪ مجموعو حيدرآباد مان ڇپائي ظاهر ڪيو. انهيءَ ۾ سنڌي محاورن جي سمجهاڻيءَ سان گڏ انهن جو جملن ۾ استعمال بہ ڏنل آهي. سنڌ جي عالمن ۾ هن ڪيتر ۾ لاڙڪاڻي جي 'پروفيسر عبدالڪريم سنديلي' خوب پاڻ ملهايو آهي. ڪيس فقط پهاڪن ۽ محاورن جي مجموعو تيار ڪرڻ مان سڪ نہ مليو. سندس ڪوجنيڪ من جوَ لاڙو لفظن جي ويتپتيءَ ڳولهڻ.وانگر، هر هڪ سنڌي پهاڪي ۽ اصطلاح جي بنياد جاچڻ طرف بہ ٿيو. ان ڪري هن " پهاڪن جي پاڙ" (1966) ۾ چونڊ سنڌي پهاڪا ڪٽي، هرهڪ جي بنياد ۾ آيل لوڪ ڪٿا، آکاڻيءَ، تواريخي واردات، وغيره جي سهٽي نموني اپٽار ڪئي آهي. ساڳيءَ طرح، پنهنجي ٻئي ڪتاب "اصطلاحن جي اصليت" (1987) ۾ هن چونڊ سنڌي محاورن جي بنياد ۽ انهن سان واسطو رکندڙ ٻين ڳالهين تي بہ روشني وڌي آهي.

آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جا ننڍڙا مجموعو چڱي تعداد ۾ نڪتا آهن. انهن جو مکيہ مقصد اسڪولي شاگردن کي انهيءَ موضوع جي ڄاڻ ڏيڻ آهي. انهن کان سواءِ ٻيا مجموعو اهي شايع ٿيا آهن، جن جو مقصد سنڌي پهاڪن ۽ محاورن کي گهٽي ۾ گهٽي تعداد ۾ گڏ ڪري، سنڌيءَ ٻوليءَ ۽ ساهت جا گهڙا ڀرڻ آهي. انهيءَ زمري، اندر شايع ٿيل ڪتاب هن ريت آهن:

1. " پهاڪن جي پاڀوهہ" : تيرٿداس پيسومل هاٿيراماڻي (بمبئيءَ مان 1973 ۾ ڇپيل).
2. "درن جي دٻلي" (ٻن ڀاڱن ۾ پهاڪا ۽ چوٽيون)؛ 'سترامداس جڙياسنگهاڻي سائل' (احمدآباد مان 1982 ۾ ڇپايل)
3. "مائڪ موتي' (ٻن ڀاڱن ۾ ورجيسون ۽ محاورا)؛ 'سترامداس جڙياسنگهاڻي سائل' (احمدآباد مان سال 1982 ۽ 1983 ۾ شايع ڪيل).
4. "سنڌي اصطلاح" (ٻن ڀاڱن ۾) 'ليکراج ڪشنچند عزيز' (پهريون ڀاڱو سال 1976 ۽ ٻيون ڀاڱو سال 1978 ۾ بمبئيءَ مان ڇپيو.)

انهن ڪتابن ۾ پهاڪن ۽ محاورن جي معنيٰ پڻ سمجهايل آهي.

'وشوناٿ دنڪر نروٽي' نالي مهاراشٽر جي هڪ عالم ۽ منهنجي گهري دوست سال 1970ع ڌاري هڪ وڏي رٿا جي شروعات ڪئي. هن ان وقت ڀارت جي جوڙجڪ ۾ تسليم ڪيل مکيہ ادبي زبانن جي پهاڪن جي تقابلي اڀياس ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. ان رٿ اندر "ڀارتييہ ڪهاوت ڪوش" نالي سان پهاڪن جي هڪ وڏي ڊڪشنري ٽن ڀاڱن ۾ تيار ڪري ڇپائي ظاهر ڪيائين. پهرين ٻن ڀاڱن ۾ الڳ الڳ موضوعن موجب سيني ٻولين جا

پهاڪا ڏنا ويا آهن. ٽئين ڀاڱي ۾ هرهڪ ٻوليءَ جا خاص پهاڪا چونڊ ڪري داخل ڪيا ويا آهن. هرهڪ پهاڪي جي سمجهاڻي هنديءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڏنل آهي. انهي مجموعي ۾ اٽڪل ٻارهن سو چونڊ سنڌي پهاڪا، هندي ۽ انگريزي ترجمي سان مون ڪيس لکي ڏنا آهن. ڀارت جي پهاڪن جو مشابهتي اڀياس ڪرڻ جي ڏس ۾ اهو پهريون ۽ نهايت اهم قدم آهي. ان مجموعي جا ٽيئي ڀاڱا "ٽرويٽي سنگم پوني" طرفان شايع ڪيا ويا آهن. (پهريون ڀاڱو 1978ع، ٻيون ڀاڱو 1979ع، ٽيون ڀاڱو 1983ع).

سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جو وڏو ڪوش تيار ڪرڻ جو جس 'سنتداس پنهونمل ڪشناڻيءَ' کي آهي. سنڌيءَ ۾ هيستائين جيڪي به مجموعا شايع ٿيا آهن، انهن ۾ اهو وڏي ۾ وڏو مجموعو آهي. ان ۾ اٽڪل ٻارهن هزار سنڌي پهاڪا ۽ محاورا سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنا ويا آهن. ڪوش کي صحيح ڍنگ سان ترتيب ڏيئي، ڇپائي پڌرو ڪرڻ جي ذميواري منهنجي سِر تي هئي. اِهو ڪوش سال 1993ع ۾ پي. وي. ڪشناڻي ٽرسٽ، پوني طرفان شايع ڪيو ويو آهي.

سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جو اڀياس

سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل پهاڪن ۽ محاورن جي مکيه ڪتابن جا هتي جيڪي تفصيل پيش ڪيا ويا آهن، انهن مان صاف ظاهر آهي ته سنڌي عالمن جي هيستائين فقط اهائي ڪوشش پئي رهي آهي ته سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جا مجموعا تيار ڪري ڇپائجن. انهيءَ ڪيتر ۾ عبدالڪريم سنديلي جا ڪتاب ٻين مڙني کان نرالا ۽ اهميت ڀريل آهن، جن ۾ هن پهاڪن جي بنياد ۽ اصطلاحن جي اصليت تي به روشني وڌي آهي. اها سچ پچ گهڻي تعجب جي ڳالهه چئبي جو انهن مجموعن جي گذريل صديءَ ۾ ڪيل شروعات کان وٺي، هڪ سؤ سالن کان به وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، پر ڪنهن سنڌي عالم پهاڪن ۽ محاورن جي جدا جدا پهلوئن جو اڀياس ڪرڻ طرف ڌيان نه ڏنو آهي. انهيءَ ساڳئي دور ۾ ئي يورپ جي عالمن توڙي ڀارت جي جدا جدا ٻولين جي ودوانن پهاڪن ۽ محاورن جي سماجي، تهذيبي، لساني، وغيره خاصيتن جو باريڪيءَ سان اڀياس ڪري، وڏا وڏا مقالا لکي شايع ڪيا آهن. انهن تي ڪيترن کي ڊاڪٽر آف لٽريچر جون ڊگريون به حاصل ٿيون آهن.

سال 1961ع ۾ مان ڊيڪن ڪاليج، پونا جي سنڌي علم الم لسان ۾ ريسرچ فيلو طور مقرر ٿيس. تڏهين اتي جي لائبرريءَ ۾ ٻين ٻولين جي

پهاڪن ۽ محاورن جي اڀياس تي شايع ٿيل مقالا نظر مان ڪڍيم. ان ڪيتر ۾ منهنجو چاهه تہ اڳيئي هئو، ڇاڪاڻ جو سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جي گڏ ڪرڻ جي شروعات اڳ ۾ ئي ڪري چڪو هوس. ان ڪري انهن جي جدا جدا پهلوئن جي اڀياس ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيم. وقت بہ وقت الڳ الڳ ادبي مخزنن ۾ انهن موضوعن تي تحقيقي مضمون بہ لکڻ شروع ڪيم. هن مقالي ۾ انهيءَ اڀياس جو تت يا سار پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

هيءَ مقالو حقيقت ۾ "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" نالي ڪوش [تيار ڪندڙ: 'سنتداس پنهونمل ڪشناڻي' ۽ مرتب: مرليڌر جيٽلي] جي مهاڳ جي روپ ۾ شايع ٿيو آهي. انهيءَ ڪري ان جي محدود دائري کي ڌيان ۾ رکندي، ڪيترن ئي پهلوئن تيتفصيل سان بحث ڪرڻ کان ڪنارو ڪيو ويو آهي. مثال طور، شاعريءَ جي علم جي اصولن مطابق سنڌي پهاڪن ۽ محاورن ۾ النڪارن (رنگين زباني)، لفظي سگهہ طرف فقط اشارو ڪيل آهي. انهيءَ کان سواءِ سماجي پهلو، تهذيب ۽ ثقافت جي اڀياس جو پهلو، لساني خاصيتن جو پهلو، اهي اهڙا اهم موضوع آهن، جن مان هرهڪ تي الڳ تفصيل سان بحث ڪري سگهجي ٿو. مثال طور، منهنجي هڪ دوست ڊاڪٽر 'مهالنگم' "تمل پهاڪن ۾ گهريلو جيوت جو چٽر" موضوع تي مقالو لکي، ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. ان مان صاف ظاهر آهي تہ هتي جن الڳ الڳ پهلوئن طرف فقط اشارو ڪيو ويو آهي، انهن مان هرهڪ تي تفصيل سان اڀياس ڪري لکي سگهجي ٿو.

آخر ۾ هن مقالي جي مقصد ڪي چٽو ڪندس. هتي پهاڪن ۽ محاورن جي اڀياس جي فقط هڪ جهلڪ پيش ڪئي ويئي آهي، جنهن جو مقصد اهو آهي تہ سنڌيءَ ٻوليءَ ۽ ادب جي شاگردن جو انهيءَ موضوع تي گهرو ۽ تفصيل سان اڀياس ڪرڻ طرف ڌيان ڇڪائجي. جيڪڏهن هن مقالي مان اتساهہ حاصل ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن شائقن انهيءَ راهہ تي اڳتي وک وڌائي، تہ پنهنجو پورهيو سڦلو سمجهندس.

مرليڌر جيٽلي

ڊي- 127، وويڪ وهار،
دهلي- 110095
27 آگسٽ، 1993ع.

سنڌي پهاڪا ۽ محاورا

پهاڪا ۽ محاورا لوڪ ادب ۽ ٻوليءَ ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. سنڌيءَ ۾ پهاڪن ۽ محاورن جا ننڍڙا سنگرهه ته گهٽيئي ڇپجي ظاهر ٿيا آهن، پر انهن جو تنقيدي جائزو پيش ڪرڻ طرف سنڌي عالمن جو اڄان تائين خاص ڌيان نه ويو آهي. ٻوليءَ جي انهن ننڍڙن گفتن جو جيڪڏهن باريڪيءَ سان اڀياس ڪبو، ته انهن ۾ آسان ڪي سنڌي سڀيتا سنسڪرتيءَ جا ڪيترائي پهلو نظر ايندا. لوڪ ادب ۽ ٻوليءَ ۾ پهاڪن ۽ محاورن جي ڪهڙي جاءِ آهي؟ انهن جون ڪهڙيون وصفون آهن؟ انهن ۾ سنڌيت جي ڪهڙي جهلڪ ملي ٿي؟ اهڙن سوالن جي مدِ نظر هتي ٿوري ۾ سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

1

لوڪ ادب ۾ پهاڪا ۽ محاورا

لوڪ ادب ڇا آهي؟

لوڪ اَدب هڪ مرڪب لفظ آهي، جنهن جو مطلب آهي، 'لوڪ جو ساهت' يا لوڪ جو اَدب. 'لوڪ' سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جون لغت موجب ڪجهه معنائون آهن:

(1) سنسار، جهان. (2) ڌرتي. (3) قوم، قبيلو، سماج. (4) علائقو، پرديش. (5) رعيت، پرجا.

انهن معنائن ۾ اِهو لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڪتب اَچي ٿو. سنڌيءَ ۾ 'لوڪ' لفظ ڪي قدر بدليل روپ ۾ به استعمال ٿيندو آهي. جيئن ته -لوگ (ماڻهو) ؛ لوءُ (ڪٽنب، قبيلو، ٽولي) ؛ لوءِ (جڳهه، جهان).

'لوڪ' لفظ مان سنڌيءَ ۾ ٺهيل ڪجهه مرڪب لفظ هن ريت آهن:

پرلوڪ، ترلوڪ، سرگ لوڪ، مرتيو لوڪ، پاتال لوڪ، لوڪا چار، لوڪاچاري، لوڪ- مرجات، لوڪ- وهنوار، لوڪ- ترم، لوڪ- تنتر، لوڪشاهي، لوڪ -مت، لوڪناٿ، لوڪ- پريه، لوڪ-سيا، وغيره.

لوڪ جو مطلب ڇا آهي؟

جڏهن اَسين، 'لوڪ' لفظ جو استعمال لوڪ- ادب، لوڪ-گيت، لوڪ ڪٿا، لوڪ-وشواس، لوڪ- ناٽڪ، جهڙن مرڪب.لفظن ۾ ڪريون ٿا، تڏهن 'لوڪ، لفظن کي هڪ خاص معنيٰ ملي ٿي، جيڪا جرمن زبان جي 'فوڪ' (Folk) لفظ جي معنيٰ برابر آهي. اِنهيءَ 'فوڪ' مان انگريزي ٻوليءَ ۾ گهڻيئي مرڪب لفظ جڙيا آهن؛ جيئن تہ، فوڪ لور (Folk lore)، فوڪ لٽريچر (Folk Literature)، فوڪ سانگس (Folk Songs)، فوڪ ٽيلس (Folk tales)، وغيره.

ڪن عالمن اهڙي قسم جي مرڪب لفظن ۾ 'لوڪ' يا فوڪ (Folk) جو مطلب ڄاڻايو آهي: "ڳوٺاڻا ماڻهو، اَڻپڙهيل، ڳنوار، دهقاني". منهنجي ويچار ۾ آهڙن لفظن ۾ 'لوڪ' جو اِهو مطلب ڪڍڻ صحيح نہ آهي. لوڪ ساهت جا سرجڻهار ۽ لوڪ گيت ڳائيندڙ ڪلاڪار چاهي مکيہ طرح ڳوٺن ۾ رهن ٿا، پر اَڄ ڪالهہ اُهي دائمي طور شهرن ۾ بہ رهيا پيا آهن. ٻيو تہ ڪين اَڻپڙهيل ۽ ڳنوار سڏڻ بہ ٺيڪ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سندن لوڪ گيتن ۾ اُمنگن جو جيڪو نزاڪت ڀريو اظهار نظر اچي ٿو، اُهو اوچي درجي جي لکيل ادب کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ نہ آهي. آهڙن عوامي شاعرن جي رچيل پرولين ۽ ڳجهارتن، هنرن ۽ ڏور - بيتن ۾ ٻوليءَ جي نرالي سٽاءَ ۽ معنيٰ جي گهرائيءَ جون جيڪي خاصيتون ملن ٿيون، رنگين زبانيءَ جو جيڪو دلڪش استعمال ملي ٿو، اُهي اَعليٰ درجي جي آديبن جي شاعريءَ کان ڪنهن بہ حالت ۾ هيٺ نہ آهن. ٻيو تہ اَسين روزاني زندگيءَ ۾ ڏسون پيا تہ ڪيترائي اَعليٰ تعليم حاصل ڪيل شخص بہ ڀرمن- سنسن، ٽوڻن- ڦيڻن، جنترن- منترن، جنن- ڀوتن، سانن- سوڻن ۽ ريتين- رسمن ۾ اعتقاد رکن ٿا. مثال طور، پڙهيل ڳڙهيل ماءُ پڻ پنهنجي ٻار کي بُريءَ نظر کان بچائڻ لاءِ ڪيس ڪاجل يا سُرمي جو ڪارو تلڪ لڳائيندي آهي. تعليم يافتہ ماڻهو بہ نئين مڪان کي بريءَ نظر کان بچائڻ لاءِ، دِليءَ کي رڱي، اُن تي ڀوت جي شڪل ڇٽي، عمارت جي منڍ

واريءَ ديوار تي ٽنگيندا آهن. دهليءَ ۾ شاهي سڙڪن تان لنگهندي، آفيس ڏانهن يا ڏنڌي- ڌاڙيءَ تي ويندي، ڪيترائي ماڻهو، فوٽ پاٿن تي تيل جي بالٽين ۾ رکيلن، ٽين جي ٽڪرن کي ڪاتي، اُن مان ٺاهيلن ’شني گرهہ‘ جي بوٽن مٿان ڇنڇر- ڇنڇر تي پيسا رکندا نظر ايندا آهن. موٽر -ڪار يا آٽو رڪشا پٺيان آڪثر ڪاري سڳي لٽڪندي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ڪي وري سڳيءَ بدران جُتي ٽنگي ڇڏيندا آهن. ننهي جو مقصد اِهو هوندو آهي تہ ڪاريءَ نظر کان بچاءُ ٿئي. تعويذن ۽ گرهن جي پٿرن واريون منڊيون پائڻ ۾ گهٽيئي پڙهيل ماڻهو بہ وشواس رکن ٿا. پوءِ پيلا آٿپڙهيلن ڳوٺاڻن ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪيلن شهري ماڻهن وچ ۾ ڪهڙو فرق ٿيو؟

منهنجي ويچار ۾، لوڪ- ادب، لوڪ- گيت، لوڪ ڪٿا، وغيره مرڪب لفظن ۾ ’لوڪ‘ لفظ جو صحيح مطلب آهي، آهي ماڻهو، جن جو پنهنجي ورثي ۾ حاصل ڪيلن رسمن- رواجن، پرمن- سنسن، ٽوٽن- ڦيٽن ۽ آڳاٽين روايتن ۾ پورو پورو اعتقاد آهي ۽ هو اُن موجب پنهنجي روزاني زندگي بہ گذارين ٿا. اِهي لوڪ ڳوٺن ۾ رهن ٿا، تہ شهري پڙهيل- ڳڙهيل سماج جي هر طبقي ۾ پڻ موجود آهن. مطلب تہ ’لوڪ‘ اُهو آهي، جنهن جي دل ۽ دماغ تي سندس آباڻي ورثي ۾ مليل ڳالهين جو گهرو اثر هوندو آهي ۽ گهڻو ڪري اُن موجب ئي هو پنهنجي زندگي گذاريندو آهي.

ادب ڇا آهي؟

هاڻي اچو ڏسون تہ ساهت يا اَدب ڇا آهي؟ ادب جون وصفون سمجهائيندي، عالمن ڪئين ڪاغذ ڪارا ڪري ڇڏيا آهن. هتي اِنهيءَ ڊيگهہ ۾ نہ وڃي، ٿوري ۾ سمجهائجي تہ ساهت يا يا اَدب آهي ٻوليءَ وسيلي اِنسان جي اُمنگن ۽ ويچارن جو سهڻي نموني اظهار.

چترڪاري (Painting) سنگتراشي (Sculpture)، سنگيت ڪلا (Music)، ناچ (Dance) ۽ عمارت سازي (Architecture) وانگر، ساهت بہ هڪ ڪلا آهي. ساهت- ڪلا ۾ ليکڪ يا ساهتڪار، لفظن جي سهڻيءَ چونڊ ذريعي، فنائتي نموني گهربل معنيٰ جو اظهار ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ ادب ۾ لفظ ۽ معنيٰ، جو سندر ميلاپ آهي. اِنهيءَ ڪري ادب جي رچنا پڙهڻ سان من ۾ آنند يا رس جي لهر پيدا ٿئي ٿي.

معياري ادب ۽ لوڪ ادب

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته اسڪولن، ڪاليجن ۾ دستوري تعليم حاصل ڪيل ليکڪن جو رچيل ادب، جنهن کي عام طور ’اعليٰ معياري ادب‘ سڏيو وڃي ٿو، تنهن ۾ ۽ لوڪ ادب ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ حقيقت ۾ ڏسجي ته معياري ادب (Standard Literature)، دستوري تعليم حاصل ڪيل ڪنهن هڪ ليکڪ جي شخصي آزمودن، اُمنگن ۽ ويچارن جو اظهار هوندو آهي. اهو تحريري يا لکيل صورت ۾ هوندو آهي، ٻئي طرف لوڪ ادب اهو آهي، جيڪو شروعات ۾ ڪنهن هڪ شخص جي جذبات ۽ ويچارن جو اظهار هوندي پڻ، وقت گذرندي لوڪن يعني عوام جي رچنا بڻجي ويو آهي. اهو زباني روايتن ذريعي پيڙهي در پيڙهي محفوظ رکيو ويو آهي، ۽ گهڻو عرصي پوءِ اُنهيءَ جو ڪجهہ حصو قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. لوڪ ادب جو رچيندڙ اڪثر نامعلوم شخص هوندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن چاتل سڃاتل شعر يا گيت به عام ماڻهن ۾ مشهور ٿي وڃڻ بعد، وقت گذرندي لوڪ گيتن جو درجو حاصل ڪري وٺندا آهن. ڀِٽائي گهوٽ شاهہ عبداللطيف رح جا ڪيترا بيت، ڪافيون ۽ وايون انهيءَ جا سهڻا مثال آهن. ڪنهن به شاعر جي شاعري عوام ۾ مشهور تڏهن ٿي ٿئي، جڏهن انهيءَ ۾ لوڪ - مانس (لوڪ جي من، ويچارن ۽ امنگن جي) ڇاپ هجي ٿي. ٻين لفظن ۾ چئجي ته لوڪ - ادب جي سرجڻ ۾ لوڪ - سنسڪرتيءَ (عوامي تهذيب ۽ تمدن) جا تت بنيادي پٿرن طور ڪتب آندل آهن.

لوڪ ادب، لوڪ ثقافت جو هڪ ڀاڱو

لوڪ - ثقافت جنهن کي هنديءَ ۾ ’لوڪ وارتا‘ به سڏيو ويو آهي، تنهن کي انگريزيءَ ۾ فوڪ ڪلچر (Folk Culture) چئجي ٿو. اِنهيءَ لاءِ هاڻي انگريزيءَ ۾ فوڪ لور (Folk Lore) لفظ وڌيڪ واهپي ۾ اچي ويو آهي. ڪنهن به ملڪ يا سماج جي لوڪ - ثقافت جي اَڏڻ ۾ جيڪي بنيادي جزا يا تت ڪم اچن ٿا، انهن ۾ مکيہ آهن: لوڪ وشواس يا عوامي عقيدا ۽ اعتقاد، سوڻ - ساڻ، ٽوٽا - ڦيٽا، ريتيون رسمون، رهڻي - ڪهڻي، ڏڻ - وار، ميلا - ملاکڙا، وندر جا طريقا ۽ کيل - تماشا، هنر - فن ۽ لوڪ - ادب

انهيءَ مان ظاهر آهي تہ ڪنهن ملڪ يا سماج جو لوڪ - ادب، انهيءَ ملڪ يا سماج جي لوڪ - ثقافت جو هڪ ڀاڱو آهي. جيئن تہ ادب ۾ لوڪ - ثقافت جي بنيادي تتن جو عڪس گهڻي قدر نظر ايندو آهي. هتي انهيءَ ڳالهہ جو ڌيان رکڻ جڳائي تہ ثقافت (Culture) لفظ جي وسيع معنيٰ جي دائري ۾، انسان ذات جي طبعي ۽ باطني ترقيءَ جا سڀ پهلو اچي وڃن ٿا. سنسڪرتي لفظ سنسڪرت ٻوليءَ جو آهي، جنهن جو ڌاتو آهي،

'سَنس + ڪرِ' "سڌارڻ، سنوارڻ، سينگارڻ؛ پوتر ڪرڻ 'سيڪارڻ' گيان ڏيڻ".

انهيءَ لحاظ کان (ثقافت) جو مطلب آهي 'سڌارو، سينگار، پوترتا؛ شڪشا؛ علم، ڄاڻ.' انگريزيءَ ۾ ثقافت کي چون ڪلچر (Culture)، جنهن جي اشتقاق جي لحاظ کان معنيٰ - "زمين سڌاري سنواري کيتيءَ لائق بڻائڻ؛ کيتي - ٻاري، زراعت." انهيءَ موجب چئبو تہ ثقافت توڙي ڪلچر، ٻنهي لفظن ۾ سڌاري، سجاوٽ، سونهن ۽ سٺن گڻن جو مطلب سمايل آهي.

ٽيلر نالي هڪ سماج ماهر، 'ڪلچر' لفظ جي معنيٰ سمجهائيندي لکيو آهي تہ، "هيءَ هڪ اهو پورو مرڪب آهي، جنهن ۾ ڄاڻ، اعتقاد، ڪلا، اخلاق، قانون، ريتيون - رسمون ۽ ٻيون اهي سڀئي لياقتون ۽ عادتون سمايل آهن، جيڪي انسانَ، سماج جي ميمبر هئڻ جي حيثيت ۾ حاصل ڪيون آهن. (1)

هن سمجهاڻيءَ ۾ "سماج جي ميمبر هئڻ جي حيثيت". لفظن تي خاص ڌيان ڏيڻ جڳائي. اهي لفظ ڏيکارين ٿا، تہ ثقافت جو سماج سان گهاٽو رشتو آهي. انسان هڪ سماجڪ مخلوق آهي. ڪيترا جيوت - جنتو، پسون - پکي؛ بہ پاڻ ۾ گڏجي، هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيئي زندگي گذارن ٿا، ان ڪري اهي بہ سماجڪ مخلوق چئبا. چاهي سندن سماج جو سرشتو انسان جي سماج وانگر، پيچيدو ۽ مضبوط نہ آهي، پر انسان اها سماجڪ مخلوق آهي، جنهن کي ثقافت يا ڪلچر جو گڻ حاصل ٿيل آهي. ان ڪري کيس 'اشرف

(1) "Culture or civilzation is that complex whole, which includes knowledge, belief, art, morals, law, customs, and any other capabilities and habits acquired by man as a member of society."
New York (New - Kroeber A. L., Anthropology, Harcourt, Brace and World, Inc., Edition, Revised, 1948), P. 252.

المخلوقات' يعني "سيني آپايل مخلوقن مان اعليٰ" هئڻ جو درجو ڏنو ويو آهي. انسان جي انهيءَ ثقافت جو بنياد آهي ٻولي. انسان کي جيڪڏهن ٻوليءَ جي ڏات نہ ملي ها، تہ اڄ هو هيتري ترقي نہ ڪري سگهي ها.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ انسان کان سواءِ پيا بہ ڪيترائي ساهوارا، پنهنجي واتان طرحين طرحين آواز ڪري، پنهنجن ساٿين کي خوشيءَ، غم، وغيره جوپيغام پهچائين ٿا. پر سندن آواز جو سرشتو ايترو پيچيدو ۽ ڳوڙهو نہ آهي، جيترو انسان جي ٻوليءَ ۾ ملي ٿو. انسان ان ٻوليءَ جي ڏات سان ئي پنهنجي حاصل ڪيل علم ۽ ڄاڻ، تجربي ۽ جذبات کي ٻين ساٿين تائين پهچائي ٿو، نہ فقط ايترو، پر انهيءَ کي ايندڙ پيڙهين لاءِ بہ محفوظ ڪري سگهي ٿو.

ڪن سماج جي ماهرن ثقافت ۽ سڀيتا (تهذيب) ۾ فرق ڄاڻايو آهي. سڀيتا کي انگريزيءَ ۾ چون Civilization، جنهن جو اکري مطلب سهڻي، شائستي شهري زندگيءَ جي رهڻيءَ ڪهڻي سان آهي. حقيقت ۾ 'سڀيتا' جي اشتقاقي معنيٰ بہ آهي 'سڀيہ هئڻ جي ڀاونا يا حالت'. سڀيہ معنيٰ اهو جيڪو سڀا، مجلس ۾ اٿڻ - ويهڻ جو طريقو ڄاڻي ٿو ۽ ان موجب هلت ڪري ٿو. مطلب تہ "معزز، شائستو ماڻهو." ان ڪري عالمن جي ويچار موجب سڀيتا يا Civilization لفظ جي معنيٰ ۾ انسان جي فقط طبعي يا سماجي ترقي سمايل آهي. ٻئي طرف ثقافت يا ڪلچر جو واسطو انسان جي اندروني، دماغي، ذهني ۽ روحاني ترقيءَ سان آهي. عام طور ثقافت يا ڪلچر لفظ جو وسيع معنيٰ ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ جي دائري اندر انسان جي جيوت جو دماغي ۽ ذهني پهلو (علم ۽ ڄاڻ، ويچارن ۽ جذبات، اعتقاد ۽ مذهب وغيره) توڙي سندس زندگيءَ جون ٻاهريون پهلو (جسماني سجاوٽ، ويس - وڳا، هار - سينگار، ڪاڏو - پيتو، رهائش جو ڍنگ، وغيره) اچي وڃن ٿا.

لوڪ ثقافت جا مکيہ تت يا جزا

لوڪ ثقافت يعني عوامي تهذيب - تمدن جا مکيہ ڪهڙا ڀاڱا آهن؟ انهن ۾ لوڪ ادب جي ڪهڙي جاءِ آهي؟ لوڪ ادب ۾ پهاڪن - محاورن جي جڳهہ ڪٿي آهي؟ انهن مڙني سوالن کي هيٺين چارٽ ۾ سمجهايو ويو آهي:



لوڪ - ثقافت
(Folklore)
لوڪ اظهار جا طريقا
(Folkways of expression)
لوڪ جيون جا طريقا
(Flokways of living)
لوڪ اعتقاد
(Folk beliefs)
لوڪ ريتيون
(Folk Customs)
لوڪ - وندر
(Folk entertainment)
لوڪ رهڻي ڪهڻي
(Folk dresses, etc)
ٻوليءَ ذريعي
(Language as a medium)
ٻوليءَ کان سواءِ ٻيا وسيلا
(Non- lingualmedia)
لوڪ ڪلائون
(Folk arts)
(چترڪاري، ناچ، سنگيت وغيره)
لوڪ هنر - ڌنڌا
(Folk Crafts)
(واڍڪو، لهارڪو هنر، سبڻ - پرڻ، وغيره)
لوڪ ساهتيہ
لوڪ شاعري
(Folk poetry)
لوڪ ڪٿائون
(Folk tales, etc)
لوڪ ناٽڪ
(Folk drama & stage)
لوڪ چوڻيون
(Minor folk Utterances)
(ننڍڙا گفتا ۽ ٻول، ٻهاڪا، چوڻيون، محاورا وغير)
لوڪ گيت
(Folk songs)
نظمي قصا
(Folk poetic narration)

لوڪ ثقافت جا مکيه ٻه ڀاڱا آهن

1. لوڪ جيون يعني لوڪن جي زندگيءَ جو طريقو. (Folk ways of Living)

2. لوڪ جي جذبات ۽ ويچارن جي اظهار جو طريقو. (Folk ways of Expression).

هر هڪ ڀاڱي کي وڌيڪ ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1- لوڪ جيون طريقو

الف: لوڪ - اعتقاد (Folk Beliefs)

سنسار جي پيدائش، خلقڻهار جي هستي، وڻ - ٽڻ، پسون - پکي، ديوَ - پريون، جن - ڀوت، جادو - ٽوڻا، سوڻ - اپسوڻ، جهاڙ - ڦوڪ، پير - فقير، لوڪ - پرلوڪ، وغيره موضوعن بابت عوام جا عقيدا ۽ وشواس هن ڀاڱي هيٺ اچن ٿا.

ب: لوڪ - ريتيون (Folk Customs and Practices)

کيتي - ٻاري شروع ڪرڻ وقت زمين جي پوڄا، سمنڊ جي سفر تي اُسهڻ وقت پاڻيءَ جي پوڄا، قدرت جي عناصرن جي عبادت، مذهبي ڏڻ - وار ملهائڻ، انسان جي جنم کان وٺي مرڻ تائين جدا جدا موقعن تي ريتيون - رواج ۽ اعتقاد، درگاهن، عبادتگاهن، مندرن - ٽڪاڻن ۾ وڃي دعائون گهرڻ ۽ سکائون ڪرڻ، اوجهن ۽ ڀوپن جي جهاڙ - ڦوڪ ذريعي بيمارين جو علاج ڪرائڻ، وغيره لوڪ - ريتن جا ڪجهه مثال آهن.

ٻ: لوڪ - وندر (Folk ways of Entertainment)

ميلا - ملاکڙا، ملهه - ڪُشتيون، ڪُڪڙن، سانن، تترن جي ويڙهه، ڏڻ - ڏينهن تي رانديون ۽ شغل، بازيگرن جا کيل، ڳوٺاڻيون ڪچهريون، ڪٺپتليءَ جا ناچ، ڏاندن، اٺن ۽ گهوڙن جي ڊوڙ، وغيره عوام جي وندر جا ڪجهه مثال آهن.

پ: لوڪ - رهڻي ڪهڻي (Folk dresses, Food habits, etc)

سماج ۾ پنچاتي سرشتو، گڏيل ڪٽنب جو سرشتو، روايتي ويس - وڳا (اَجرڪ، سنڌي ٽوپي، ميراڻي ٽوپي، شڪارپوري پڳڙي، ڀرت جو هنر، وغيره) روايتي نموني جا زيور (نٿ، بولو، ڏانوٽي، وغيره) ڪاٺي پيتي جا نرالا ڍنگ ۽ شيون (ڏاچورا، لوڙهه، پڻ، ٻهه، گيدوڙا، وغيره)، اهي سڀ لوڪ - رهڻي - ڪهڻيءَ جا ڪجهه مثال آهن.

2- لوڪ - اظهار جو طريقو

لوڪ پنهنجن امنگن ۽ ويچارن جو اظهار جدا جدا طريقن سان ڪري ٿو. انهن جا مکيه ٻه قسم آهن: ٻوليءَ ذريعي اظهار ۽ ٻوليءَ کان سواءِ ٻين طريقن سان اظهار. هن ٻئي قسم هيٺ لوڪ ڪلائون ۽ لوڪن جا هنر - ڌنڌا، وغيره اچي وڃن ٿا. انهن ٻنهي طريقن جي اظهار تي لوڪ - مانس ۽ لوڪ - پرمپرا جي ڇاپ هوندي آهي. ڪنهن هڪ ڪلاڪار جي رچنا، عوام ۾ مشهور ٿي وڃڻ بعد سموري لوڪ - سماج جي رچنا بڻجي ويندي آهي. وقت گذرندي اها خبر نه پوندي آهي ته انهيءَ جو اصل رچيندڙ ڪير هئو؟ سرلتا، سياويڪتا ۽ غير - مصنوعي سونهن توڙي نزاڪت، اهي لوڪ - اظهار جون مکيه خاصيتون آهن.

ٻوليءَ کان سواءِ ٻين طريقن سان اظهار

الف: لوڪ ڪلائون (فَنَ) (Folk Arts)

لوڪ ڪلائن (فَنَ) (Folk Arts) جا مثال آهن: عمارت - سازي (Traditional Architecture)؛ مورتي - ڪلا (Folk Sculpture)؛ (پتلا ۽ بت ٺاهڻ، مٽيءَ جون مورتيون ۽ رانديڪا ٺاهڻ، ڪپڙن مان گڏا - گڏيون ٺاهڻ، ڪنپتليون ٺاهڻ، وغيره)؛ لوڪ - چترڪاري - ڪلا (Folk Painting) (رنگن سان ديوارن، ڌرتيءَ، سِرن، ڪاٺ، ڪاغذ، وغيره تي چٽ چٽڻ)؛ لوڪ - ناچ (Folk Dancing) (ڇيڄ، ٽپو، جهمر، ڇيڪلي، گهڙي جو ناچ، ڏونڪن جو ناچ، مغرمان، اٺن جو ناچ، گهوڙي جو نچائڻ)؛ لوڪ موسيقي (Folk Music) (روايتي سازن جو وڄڻ يا سازن وڄڻ سان گڏ ڳائڻ ۽ نچڻ، جهمريون پائڻ).

ب: لوڪن جا هنر ڌنڌا (Folk Crafts)

لوڪن جا اهڙا هنر ۽ ڌنڌا جيڪي پيڙهي در پيڙهيءَ هلندا پيا اچن، انهن جا ڪجهه مثال آهن: واڍي جو جنڊيءَ جو ڪم، سوناري جو زيورن تي ميناڪاريءَ جو ڪم، لهار جو برتن ۽ اوزار ٺاهڻ، ٺاٺارڪو ڌنڌو، ڪنڀر جو مٽيءَ جي رانديڪن ۽ برتن ٺاهڻ جو هنر، زالن جو ڀرت ڀرڻ، سبڻ ۽ رليون، وغيره ٺاهڻ جو هنر.

ٻوليءَ ذريعي اظهار

ٻوليءَ ذريعي لوڪ جڏهن پنهنجي امنگن ۽ ويچارن جو اظهار ڪن ٿا، تڏهن ادب جو سرجڻ ٿئي ٿو. لوڪ ادب جا مکيه قسم هيٺينءَ طرح آهن:

الف: لوڪ شاعري (Folk Poetry)

انهيءَ ۾ شعر جا سڀ قسم اچي وڃن ٿا. انهن مڙني جي مکيه وصف اها آهي، ته انهن کي سُر، تال، لئه ۾ ڳائي سگهجي ٿو. ان لاءِ نظم جي بحر – وزن، وغيره جي پابندي لازمي نه آهي. لوڪ شاعريءَ جا مکيه ٻه پاڱا آهن: لوڪ گيت (Folk Songs Lyrics) انهيءَ ۾ ڪنهن ڳالهه يا قصي جو بيان نه هوندو آهي؛ فقط نفيس جذبن جو سهڻي نموني اظهار هوندو آهي.

لوڪ شاعريءَ جو ٻيو پاڱو آهي: نظم ۾ ڳاتل قصا ۽ داستان (Folk Poetic Narration) جن ۾ ڪنهن ڳالهه جو سلسيوار بيان مکيه هوندو آهي.

ب: لوڪ ڪٿائون ۽ ڪهاڻيون: (Folk tales, etc)

جيئن ته، ديون – پرين، بادشاهن ۽ شهزادين، جانورن – پکين، ٺڳن – چورن وغيره جون ڪهاڻيون؛ ٻارن جون آکاڻيون.

ٻ: لوڪ ناٽڪ: (Folk Drama & Stage)

ڳوٺاڻي ڪچهريءَ ۾ مسخرن جا چرچا – گهيا، تماشا، سانگ، رام ليلا، ڪرشن ليلا، وغيره.

پ: لوڪ – چوڻيون، ننڍا گفتا ۽ ٻول: (Mionr Folk Utterances)

پهاڪا، چوڻيون، محاورا، پروليون، جهاڙ – ڦوڪ ۾ ڪتب ايندڙ منتر، ٻاراڻا ٻول، جيڪي ٻارن جي راندين ۾ چيا ويندا آهن، ننڍڙا لطيفا، گاريون ۽ فاحش گفتا، وغيره هن قسم جا ڪجهه مثال آهن.

منهنجي ويچار ۾ لوڪ ادب جي جدا جدا قسمن کي نظم ۽ نثر ۾ ورهائڻ ٺيڪ نه آهي، چاڪاڻ ته نثر ۾ چيل ڳالهين، آکاڻين وغيره ۾ به ڳاهون، بيت، ڏوهيڙا وغيره اڪثر ڪتب ايندا آهن. ساڳيءَ طرح، ڏسبو ته لوڪ چوڻيون، وغيره ۾ پهاڪا، پروليون، وغيره نثر توڙي نظم جي صورت ۾ ملن ٿا.

2

ٻوليءَ ۾ پهاڪا ۽ محاورا

انسان ٻوليءَ ذريعي جڏهن پنهنجي جذبات ۽ ويچارن جو اظهار ڪري ٿو، تڏهن هو گهربل لفظ چونڊي، پنهنجي مرضيءَ مطابق جدا جدا نمونن ۾ انهن کي ڪتب آڻي سگهي ٿو. هن تي فقط اها پابندي آهي ته ٻوليءَ جي وياڪرڻي (گرامر) سرشتي جي ڀڃڪڙي نه ڪري. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو ڪتاب گهرجي، ته هو الڳ الڳ جملن ذريعي پنهنجي خواهش ظاهر ڪري سگهي ٿو:

مون کي هيءُ ڪتاب کپي.

هيءُ ڪتاب گهرجيم.

هن ڪتاب جي گهڻي ضرورت اٿم.

مان هيءُ ڪتاب خريد ڪندس.

مون کي هيءُ ڪتاب هٿ ڪرڻو آهي. وغيره.

هنن جملن جي بيهڪ چاهي هڪ ٻئي کان بدليل آهي، پر انهن ذريعي جيڪا خواهش ظاهر ڪئي ويئي آهي، اها گهڻي قدر هڪ جهڙي آهي. ٻوليءَ جي اهڙن جملن کي 'آزاد استعمال' (Free Expressions) چئجي ٿو، ڇاڪاڻ ته انهن جي ڪتب آڻڻ وقت ڳالهائيندڙ کي آزادي آهي، ته هو پنهنجي مرضيءَ مطابق لفظن جي چونڊ ڪري، انهن کي جدا جدا بيهڪ وارن جملن ۾ ڪتب آڻي سگهي ٿو.

اهڙن آزاد استعمالن جي ڀيٽ ۾، ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙي قسم جا استعمال آهن، جن جي بيهڪ مقرر ٿي ويئي آهي، ان ٻوليءَ جو هرڪو ماڻهو ڪنهن گهربل مطلب جي ظاهر ڪرڻ لاءِ اهي استعمال بلڪل ساڳئي نموني ڀيو ڪتب آڻي. اهڙن استعمالن کي مروج استعمال (Formulas Usages) چئجي ٿو. ڪجهه مثال ڏسو:

1. هو هميشه پيو پين مان ويڪون ڪڍي، اهو ڪونه ٿو ڏسي ته پين ڪان وڏيڪ پاڻ عين سان پريو پيو آهي.
مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانه، ڳئونءَ کي چوي ته هل ڙي پڇ ڪاري.
2. رامداس اٿيئي "ٻگهلو ڀڳت". ڪانئس خبردار رهجانءِ.
3. ڪمل ساهيڙين واتان اها ڳالهه ٻڌي "پاڻي پاڻي ٿي ويئي."
4. ٻوڏ ۾ ستايلن جي مدد ڪرڻ جو ويچار ڪيو اٿيئي، ته پوءِ دير ڇو ٿو ڪرين؟ "ترت دان، مها پڃ."
5. ڪالهه ميدان تي گهٽي ئي "چوکر ٻاڪر" اچي ڪنا ٿيا هئا.

انهن مثالن ۾ جيڪي استعمال نمايان ٿيل آهن، انهن کي ٻوليءَ ۾ نرالي اهميت ملي چڪي آهي، اهي اسان جي ٻوليءَ ۾ اهڙا فارمولا آهن، جيڪي هرڪو ماڻهو ساڳئي نموني پيو ڪتب آڻي. انهن جي اندروني بيهڪ ۾ تبديل ڪرڻ جو ڪيس اختيار ڪونهي. جيڪڏهن ڳالهائيندڙ انهن جي لفظن ۾ ڪابه تبديل ڪندو ته استعمالن جو گهربل مطلب حاصل نه ٿيندو، يا انهيءَ بدليل ٿيل بيهڪ ۾ اهو استعمال مروج ليکيو نه ويندو. مثال طور، 'پاڻي پاڻي ٿي وڃڻ' هڪ مروج استعمال آهي. جنهن جي معنيٰ آهي 'لڄي ٿيڻ، شرمسار ٿيڻ.' انهيءَ ۾ جيڪڏهن اسين هم - معنيٰ لفظ ڪتب آڻي چئون - 'جل جل ٿي وڃڻ' يا 'نير نير ٿي وڃڻ' ته گهربل معنيٰ ڪانه ملندي، نڪو انهيءَ صورت ۾ اهو مروج ليکبو.

'انڌن ۾ ڪاڻو راجا' (اڻڄاڻن ۾ ٿوري ڄاڻ وارو به هوشيار ليکيو ٿو وڃي.) سنڌيءَ ۾ هڪ مروج استعمال آهي. ان ۾ جيڪڏهن تبديل ڪري چئون 'سورداسن ۾ ڪاڻو راجا'، 'نابينن ۾ ڪاڻو سلطان' يا 'بي نور ۾ هڪ - اکيو بادشاهه' ته چاهي انهيءَ جي مطلب ۾ ڦيرو ڪونه ٿو اچي، پر ان بدليل صورت ۾ اهي استعمال سنڌيءَ ۾ مروج نه ليکيا ويندا.

'موهني گونگي گانءِ آهي'، هتي 'گونگي گانءِ هئڻ' هڪ مروج استعمال آهي، جنهن جو مطلب آهي، نهٺو، نماڻو، حليم سياءَ وارو هئڻ.' ان جملي ۾ جيڪڏهن هم معنيٰ لفظ وجهي چئون ته 'موهني ڍڳي آهي' ته مطلب ئي ڦري ويندو.

ٻوليءَ ۾ جڏهن ڪو هڪ لفظ اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ڪنهن ٻيءَ معنيٰ ۾ ڪتب آڻجي ٿو، تڏهن اهو لفظ به 'مروج استعمال' بڻجي پوي ٿو. جيئن ته، 'هوءَ اميدواري آهي'. هن جملي ۾ 'اميدواري هئڻ' جي

معنيٰ آهي 'گرڀوتي هئڻ، حامله هئڻ.' هتي لفظ جي صورت ڪي قدر بدلائي جيڪڏهن چئون 'هوءَ اميدوار آهي' يا 'هُن مائيءَ کي اميد آهي' ته پوءِ گھربل مطلبَ ته نڪرندو. ساڳيءَ طرح ڪنهن چوکر کي چئجي، "گڏهه هيءَ ڇا پيو ڪرين؟ ڪجهه ته سمجهه کان ڪم وٺ" ته هن جملي ۾ "گڏهه" لفظ 'بيوقوف، ناسمجهه' جي معنيٰ ڏني ٿو. اتي جيڪڏهن "گڏهه" لفظ بدران هم - معنيٰ لفظ 'ڪودڙو، خر' ڪم آڻبو ته ان مان ساڳي معنيٰ حاصل نه ٿيندي.

سنڌي ٻوليءَ جي رواج موجب ڪيترائي ٻٽا لفظ اسين ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ پيا ڪتب آڻيندا آهيون. جيئن ته،

ننڍو نيٽو، دوست دڙو، ماٺهو چيٽو، پڪوڙو ڏڪوڙو، وغيره.

اهي ٻٽا لفظ اهڙا آهن، جيڪي اسان جي ٻوليءَ ۾ اڳي ويا آهن. انهن جي طرز تي اسين پيا نوان ٻٽا لفظ نٿا ٺاهي سگھون، يعنيٰ ٻوليءَ جي بيهڪ ۾ اهڙا ٻٽا لفظ غير - اُپجائو (Unproductive) آهن، پر انهن جي پيٽ ۾ پيا ڪجهه ٻٽن لفظن جا اهڙا نمونا آهن، جن جي طرز تي اسين نوان ٻٽا لفظ ٺاهي استعمال ڪري سگھون ٿا. جيئن ته 'ب' وينجن جي ڏهراءَ سان ٺهيل ٻٽا لفظ،

دوا ٻوا، پاڻي ٻاڻي، شربت ٻربت،

ان طرز تي اسين ٻين ٻولين مان آڌارا ورتل لفظ به 'ب' جي ڏهرائڻ سان ٺاهي سگھون ٿا. جيئن ته،

فونو ٻونو، ريڊيو ٻيڊيو، ٽي. وي ٻيوي، اسٽيشن ٻسٽيشن، وغيره.

ان مان ظاهر آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽا لفظ جوڙڻ جو اهو نمونو اُپجائو (Productive) آهي. هاڻي ثابت ٿيو ته غير - اُپجائو ٻٽا لفظ به ٻوليءَ ۾ مروج استعمال آهن، جيڪي اسان کي جيئن جو تيئن، ڪنهن به ڦير گھير ڪرڻ کان سواءِ استعمال ڪرڻا آهن.

مروج استعمالن جا قسم

سنڌيءَ ۾ ڪتب ايندڙن سڀني مروج استعمال کي اسين ٻن قسمن ۾ ورهائي سگھون ٿا.

1. اهو مروج استعمال، جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جي بيهڪ ۾ نه ٻڌجي، هڪ الڳ ايڪي يا جملي وانگر ڪتب اچي ٿو.
2. اهو مروج استعمال، جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو بڻجي وڃي ٿو.

هر هڪ قسم جي مروج استعمال کي معنيٰ جي لحاظ کان ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

الف: اهو مروج استعمال، جيڪو اکري معنيٰ نہ ڏيئي، ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي ڪا معنيٰ ڏئي.

ب: اهو مروج استعمال، جيڪو پنهنجي اکري معنيٰ ۾ ئي ڪتب اچي ٿو.

مروج استعمال
(Formular Usage)

- الڳ پورو جملو يا ايڪو
  - ٻي معنيٰ ڏيندڙ (پهاڪو)
  - اکري معنيٰ ڏيندڙ (چوڻي)
- جملي جو جزو
  - ٻي معنيٰ ڏيندڙ (محاورو)
  - اکري معنيٰ ڏيندڙ (ورجيس)

هتي ڏنل سمجهاڻيءَ موجب مروج استعمال ڪل چئن قسمن جا آهن:

1. اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ الڳ ڪتب ايندڙ هڪ پورو جملو يا ايڪو هوندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي معنيٰ ڏيندو آهي. انهيءَ کي 'پهاڪو' چئبو آهي. مثال:

هو هميشہ پيو ٻين مان ويڪون ڪڍي، اهو ڪونہ ٿو ڏسي تہ ٻين کان وڌيڪ تہ پاڻ عيبن سان ڀريو پيو آهي.

مينهن پنهنجي ڪارڻهن ڏسي ڪانہ، 'ڳئون' کي چوي تہ هل ڙي پڇ ڪاري'.

هتي ٿلهي ٽائيپ ۾ ڇپيل پهاڪو آهي. ان جي اکري معنيٰ آهي تہ مينهن پاڻ سڄي ڪاري آهي، پر پنهنجي ڪارنهن طرف هن جو ڌيان ڪونہ ٿو وڃي. ويچاري ڳئون جنهن جو فقط پڇ ڪارو آهي، تنهن کي ڀيئي نفرت جي نگاهہ سان ڏسي ۽ ڀيئي ٽوڪيس تہ تون پڇ - ڪاري آهين. بيان ۾ اسان کي ان مروج استعمال جي اکري معنيٰ گهربل ڪانهي. حقيقت ۾ ان ذريعي اهو مطلب ٿو ظاهر ٿئي، تہ نيچ ماڻهو پنهنجون اوڻايون ڪونہ ڏسندو آهي. پر ٻئي ۾ هڪ بہ عيب ڏسي بہ کيس ٽوڪيندو آهي. هتي نيچ انسان جي ڳجهي پيٽ 'مينهن' سان ڪيل آهي ۽ گهٽ عيبن واري شخص جي ڀيٽ 'ڳئون' سان

ڪيل آهي. هيءُ مروج استعمال بيان ۾ ڪنهن ٻئي جملي جو جزو نہ آهي، پر پنهنجو الڳ، وجود رکي بيٺو آهي. اهو هڪ ايڪو (Unit) آهي، جنهن ۾ ٽي جملا آهن.

2. اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ الڳ استعمال ٿيندڙ هڪ پورو جملو يا ايڪو هوندو آهي ۽ پنهنجي اکري معنيٰ ۾ نئي ڪتب ايندو آهي، انهيءَ کي 'چوڻي' سڏبو آهي. مثال:

- ٻوڏ ۾ ستايلن کي مدد ڪرڻ جو ويچار ڪيو اٿيئي تہ ٻوءِ دير ڇو ٿو ڪرين؟ 'ترت دان، مها پڄ' .

هن بيان ۾ 'ترت دان، مها پڄ' هڪ چوڻي آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ ڪنهن گهرجائو شخص جي وقت تي مدد ڪرڻ ئي ثواب جو ڪم آهي. هتي اسان کي ان استعمال جي اکري معنيٰ ئي گهربل آهي ۽ اهو بيان ۾ ڪنهن ٻئي جملي جو جزو نہ آهي.

3. اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج مطابق ٻي معنيٰ ڏيندو آهي، انهيءَ کي 'محاورو يا اصطلاح' چئبو آهي. مثال:

ڪمل ساهيڙين جي اوتان اهاٌ ڳالهہ ٻڌي 'پاڻي پاڻي ٿي وئي.'

هن جملي ۾ 'پاڻي پاڻي ٿي وڃڻ' هڪ محاورو يا اصطلاح آهي، جيڪو جملي جو جزو ٿي ڪتب آيو آهي. ان جي اکري معنيٰ مان جيڪو ٻيو مطلب 'لڄي ٿيڻ، شرمسار ٿيڻ' نڪري ٿو، اهوئي اسان کي گهربل آهي.

4. اهومروج استعمال جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ ان جي اکري معنيٰ ئي گهربل هوندي آهي، تنهن کي 'ورجيس' چئبو آهي. مثال:

- پوليس کي ايندو ڏسي چور اٿڻ ڀڳو، 'جيئن ڪاريءَ هينان ڪانءُ' ،
- ماستر جڏهن موهن کان سوال پڇيو تہ هو 'اهڙو ڪُڇي، جهڙي يت' .
- ڪالهہ ميدان تي گهٽي ٿي 'چوڪر ٻاڪر' اچي ڪٺا ٿيا هئا.

انهن مثال ۾ ٿلهي ٽائيپ ۾ ڇپيل استعمال ورجيسون آهن. اهي جملي جو هڪ ڀاڱو ٿي ڪتب آيا آهن ۽ پنهنجي اکري معنيٰ ئي ڏين ٿا.

مروج استعمال جا ٻيا مثال:

1. پهاڪا

- 'گدڙ ڊاڪ، نہ پڇي آڪي ٿو ڪتا' ،
- 'جتي اُٺ ترندو، اتي پڇ بہ تري ويندو' ،
- 'ڏڏو ڪير ٽٽين نہ پوي' ،
- 'ٻڪ ۾ بصر مٺا' ،
- 'ڪتي جو پڇ ٻارهن مهينا نڙ ۾ وجهہ تہ بہ ڏنگي جو ڏنگو' ،
- 'سيرو ڪاڏو پاتل ڦاٽي' ،
- 'ٻليءَ ڪي خواب ۾ ڇيڇڙا' .

2. چوڻيون

- 'ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڍو وڏو ڇير منو' ،
- 'يار اهو جو اوکيءَ ويل ڪم اچي' ،
- 'آهہ غريبان، قهر خدائي' ،
- 'ڏکڻ مينهن نہ وسنا جي وسي تہ ٻوڙي،
ڪانئر ڏک نہ هٽنا جي هٽي تہ جهوري' ،
- 'انسان خطا جو گهر آهي.
- 'جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي' ،
- 'لالچ بري بلا' ،
- 'دير پيا درست پيا.'

3. محاورا يا اصطلاح

- ڪير ڪنڌ تي وجهڻ (ميل ميلاپ سان رهڻ)؛
- پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻڻ، (پنهنجي هٿن سان پاڻ کي هاڃو رسائڻ)؛
- دل نہ ڳرڻ (ڀڄي نہ سگهڻ)؛
- وات ۾ مگ پوڻ (نہ ڪڇڻ، جواب نہ ڏيڻ)؛
- پَٽَ ۾ ڪبر وجهڻ (ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ)؛
- منهن ڳاڙهو ٿيڻ هڻڻ (جوش ۾، ڪاوڙ ۾ اچڻ).

4. ورجيسون

چور چڪار، وهٽ واٽو، ياڙو ڀتو، لاءِ لشڪر، ڇڊو پاڊو، ڳجهہ

ڳوهه، گهٽو تٽو، ٻڪ شڪ، تيوڻ – تلهو، ڏسٽو وائسٽو، مار مانجهان، مار پيٽي؛ اَڇو جهڙو کير؛ پيلو جهڙو هيڊ.

سنڌي پهاڪن جي ڪيترن ئي مجموعن ۾ ڏنو ويو آهي ته پهاڪا ۽ چوڻيون هڪ هنڌ گڏ ڏنا ويا آهن. چاڪاڻ ته پنهي جي بيهڪ ۾ فرق نه آهي. ٻئي پوري معنيٰ ڏيندڙ ايڪا يا جملا آهن. انهن جي گڏ ڪندڙن عالمن جي راءِ ۾ پهاڪو ۽ چوڻي ٻئي هم معنيٰ لفظ آهن. سنڌن ويچار ۾ پهاڪو اڪثر اکري معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي. اهو ٻيو مطلب ئي اسان کي بيان ۾ گهربل هوندو آهي. پر ڪجهه پهاڪا فقط اکري معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن. جن کي 'چوڻي' به چئبو آهي.

ساڳيءَ طرح، محاورن يا اصطلاحن جي مجموعن ۾ ڪيترائي اهڙا لفظي ميڙ (Phrases) ڏنا ويا آهن، جيڪي فقط پنهنجي اکري معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا. 'ڀيرو مل' مهر چند آڏواڻيءَ "گلقند" (پهاڪن ۽ اصطلاحن جو مجموعو) جي ٻئين ڀاڱي اندر اصطلاحن ۽ ورجيسن کي هم معنيٰ لفظ ليکيو آهي. هن ڪتاب جي آخر ۾ سمجهاڻي ڏيندي لکيو آهي. "اصطلاح يا ورجيس ان کي چئجي ٿو، جنهن جي اکري معنيٰ هڪڙي ۽ رواج موجب ٻي آهي." پر انهيءَ ڀاڱي ۾ ڪجهه اهڙا لفظي ميڙ به ڏنا آهن، جيڪي اصطلاح نه آهن. اهي فقط اکري معنيٰ ۾ ڪتب ايندا آهن. مثال طور،

اَڳت يا جمع ڪرڻ (بنديءَ ۾ جمع واري پاسي ۾ پيسا داخل ڪرڻ)؛
ڀاڱي ڀائي (حصيدار، ڀائيوار)؛
لڄ آيس (لڄي ٿيو)؛
سچ ڪني ڪڍي (سچ ٿورڙو اُبريو).

انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته سيني عالمن اهاڳالهه مڃي آهي ته پهاڪا يا چوڻيون، مُحاورن (اصطلاحن) يا ورجيسن کان الڳ آهن. چاهي هنن معنيٰ جي لحاظ کان انهن کي وڏيڪ قسمن ۾ نه ورهايو آهي. پر منهنجي ويچار ۾ جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ انهن مروج استعمال جو باريڪيءَ سان ڇيد ڪبو، ته پوءِ انهن کي ٽئن قسمن ۾ ورهائڻو پوندو، جيئن هتي (مٿي) سمجهايو ويو آهي.

پهاڪن ۽ محاورن ۾ ٻي معنيٰ ڪيئن ٿي ملي؟

اسان ڏٺو ته بيان ۾ پهاڪن ۽ اصطلاحن جي اکري معنيٰ نه ڪٿي، ٻي معنيٰ ڪٿجي ٿي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته، اهڙن استعمالن ۾ لفظن جي اکري

معنيٰ مان ٻيو مطلب ڪيئن ٿو حاصل ٿئي؟ هيءُ اهڙو موضوع آهي جنهن تي علم لسانيات ۽ شاعريءَ جي علم ۾ گهڻي تفصيل سان بحث ڪيل آهي. هتي اُپٽار نہ ڪري، فقط ٿوري ۾ انهيءَ تي روشني وجهڻ ٺيڪ ٿيندو.

جڏهن اسين ڪنهن کي چئون ٿا، ”فلاڻو اٺيئي ٻگهلو ڀڳت، متان سندس ڦندي ۾ ڦاٿو آهين.“ تڏهن اسان جو مطلب اهو نہ آهي، تہ بيان ڪيل ماڻهو ٻگهلو پکي آهي. ٻڌندڙ بہ ڄاڻي ٿو، تہ جنهن جو بيان ڪيو ويو آهي، اهو ماڻهو آهي، پکي نہ آهي. تڏهن هو ٻوليءَ جي رواج مطابق انهن لفظن جي ٻي معنيٰ ڪڍي ٿو، جا آهي ”ٺڳ، دوکيباز، مڪار.“ هن مان ظاهر آهي تہ، جنهن لفظ جي اکري معنيٰ بيان ۾ نٿي ٺهڪي، تڏهن ان جي ٻي معنيٰ ڪڄي ٿي، پر انهيءَ جو اهو مطلب نہ آهي تہ، جيڪا بہ ٻي معنيٰ اسان کي وڻي، اها ڪڍون. حقيقت ۾ اهڙي حالت ۾ لفظ جي ٻي معنيٰ اها ڪڍبي آهي، جنهن جو لفظ اکري معنيٰ سان ڪونہ ڪو لاڳاپو ضرور هوندو آهي. هتي ’ٻگهلو‘ لفظ جي اکري معنيٰ آهي ’ٻگهلو پکي‘؛ ۽ ’ڀڳت‘ لفظ جي معنيٰ آهي، ’ڀڳتي ڪندڙ؛ سنت ساڌو‘ هتي انهن لفظن جو مطلب ’ٺڳ، دوکيباز، مڪار‘ ڪنيو ويو آهي، جنهن جو لفظن جي اکري معنيٰ سان گهرو لاڳاپو آهي. هتي ٻگهلي ۽ ٺڳ ماڻهوءَ جي سڀاءَ ۾ هڪجهڙائيءَ طرف اشارو ڪيل آهي. اوهان ڏٺو هوندو تہ ٻگهلو پکي جڏهن ڳچي بدن ڏانهن سرڪائي، اکيون ٻوٽي، چپ چاپ ڍنڍ ۾ هڪ ٽنگ تي بيٺو هوندو آهي، تڏهن ائين لڳندو آهي، ڄڻ تہ ڪو ساڌو مهاتما پاڻيءَ ۾ هڪ ٽنگ تي بيٺو تپسيا ڪري، پر جيئن ئي پاڻيءَ ۾ ذري بہ چرپر ٿي، تيئن ئي اهو اکيون ڦرڙائي، مڇيءَ کي ڏسندي ئي جهٽ هڻي چهنب ۾ پڪڙي وٺندو آهي. ٺڳ ماڻهو بہ انهيءَ ٻگهلي پکيءَ وانگر آهي. هو ٻاهران تہ ڀاڙو ڀولو، ساڌو لڳندو آهي. پر اندر ۾ پڪو ابليس هوندو آهي.

اتي ٻيو سوال هو ٿو پيدا ٿئي، تہ اسين ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ ڪٿان ٿي چو ٿا آڻيون، جو بيان ۾ انهن جي اکري معنيٰ نٿي ٺهڪي، جنهن ڪري اسان کي پوءِ ٻي معنيٰ ڪڍڻي ٿي پوي. انهيءَ جو جواب هيءُ آهي، تہ اسين ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ ان ڪري ٿا استعمال ڪريون، جو منجهن زور ۽ اثر پيدا ڪرڻ جي جيڪا قوت آهي، اها فقط اکري معنيٰ ڏيندڙ لفظن ۾ ڪانهي. ڪنهن کي ’ٺڳ يا دوکيباز‘ چوڻ سان انهيءَ ماڻهوءَ جو سڀاءُ چٽيءَ طرح ۽ اثرائتي نموني

ظاهر نٿو ٿئي، ڇاڪاڻ جو ڏنگي هڪ خيالي (Abstract) عمل آهي، پر انهيءَ ماڻهوءَ کي "ٻـگهلو ڀڳت" چوڻ سان اسين ٻگهلي پکيءَ جي تمثيل تي سندس سياءَ جو چٽو ۽ اثرائتو چٽ چٽي ڇڏيون. اهڙن لفظن کي استعمال ڪرڻ جو اهو ئي مکيه مقصد آهي. سنسڪرت ۾ شاعريءَ جي علم جي ڄاڻن 'شبد شڪتي' (لفظن جي طاقت) موضوع هيٺ، انهن سوالن جي باريڪيءَ سان ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. ڪنهن به ٻوليءَ ۾ محاورا ۽ پهاڪا ان طرح پنهنجي اکري معنيٰ کي ڇڏي، ٻوليءَ جي رواج مطابق ٻي معنيٰ جو اظهار ڪندا آهن.

مروج استعمال جي اهميت

مروج استعمال يعني پهاڪا، چوڻيون، محاورا ۽ ورجيسون آهن، ٻوليءَ جي سونهن. انهن جي جوڳي استعمال سان ٻولي سلوڻي، دلڪش ۽ اثرائتي بڻجي پوي ٿي. مثال طور،

"دشمن کي ايندو ڏسي هو پٺ پائي اٿي ڀڳو"

يا

"دشمن کي ايندو ڏسي هو ائين ڀڳو، جيئن ڪاريءَ هينان ڪانءُ."

انهن جملن ۾ جيڪا سونهن، نزاڪت ۽ اثر آهي، اهو " دشمن کي ايندو ڏسي هو ڀڄي ويو" انهيءَ سادي رواجي جملي ۾ نه آهي. 'انگريز آيا هندستان ۾ واپاري بڻجي، پر پوءِ ملڪي قوت جو فائدو وٺي حاڪم بڻجي ويهي رهيا. 'آئي ٽانڊي لاءِ بورچاڻي ٿي ويٺي.' انهيءَ مان پهاڪي ڪڍي ڇڏڻ سان بيان جو اثر گهٽو گهٽجي ويندو.

موضوع جي لحاظ کان پهاڪا ۽ چوڻيون وهنواري زندگي جي آزمودن مان حاصل ڪيل ڏاهپ ڀريا گفتا آهن. اسان جي اَبن ڏاڏن، زندگيءَ جي لاهين چاڙهين، ڏکن ڏولائن، غمن خوشين ۾ رهندي، وهنواري زندگيءَ جي آزمودن مان جيڪي پرايو، اهو سڀ ننڍڙن سخنن جي صورت ۾ سهيڙي پوئين کي ورثي ۾ ڏيئي ويا. اهڙن ننڍڙن ڏاهپ ڀرين گفتن، سماج ۾ مروج ٿي پهاڪن ۽ چوڻين جو دَرجو حاصل ڪيو. هتي اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ جڳائي ته پهاڪا ۽ چوڻيون هڪ شخص جي دماغي ورزش جي پيدائش نه آهن. ڪو عالم جيڪڏهن ڪنڊ پاسيرو اڪيلائيءَ ۾ ويهي سوچ ويچار ڪري ۽ نصيحت آميز، پُر – معنيٰ نڪتا لکي عوام اڳيان رکي، ته اهي پهاڪيءَ يا

چوڻيءَ جو درجو مشڪل حاصل ڪري سگهندا. انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ هرڪو پهاڪو هرڪا چوڻي پهرين پهرين ڪنهن هڪ شخص جي واتان نڪتل آهي، پر انهيءَ ۾ جيون جي سچائي اهڙي تہ سهڻي، دلچسپ ۽ اثرائتي نموني پيش ڪيل آهي، جو ان سماج جا ٻيا ماڻهو پڙهندي ئي متاثر ٿيو ٿا وڃن ۽ پوءِ اهي انهيءَ سخن کي اپنائي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ پاڻ بہ ان جو استعمال ٿا ڪن. اهڙيءَ طرح هڪ شخص جي آزمودن ۽ جذبات جي سڀاويڪ اظهار تي ٻڌل سخن، عوام ۾ مروج ٿي، پهاڪو يا چوڻي، بڻجي وڃي ٿو.ڪن حالتن ۾ اعليٰ شاعرن جي بيتن جون ننڍڙيون ٽڪون بہ اثرائتيون ۽ دلڪش هئڻ سببان عوام جي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي ٿيون وڃن. مثال طور، شاهہ لطيف جي ڪلام جون هي سٽون ڏسو:

– ديسي سيڻ ڪجن، پرڏيسي کهڙا پرين.
– ڏک سکن جي سونهن، گهوريا ڏک سکن ري.
– ڌتيءَ ڌڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

اهڙا سخن بہ عام ماڻهن ۾ مروج ٿي، وقت گذرندي پهاڪي يا چوڻيءَ جي درجي تي پهچي ٿا وڃن.

3

پهاڪو

* 'پهاڪو' لفظ جي اکري معنيٰ

سنڌيءَ ۾ هڪ مصدر آهي 'پَهَڻُ'. اُن جون مکيہ معنائون آهن، 'خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح وٺڻ يا ڏيڻ، ملڻ، سرچڻ؛ نبرڻ'.

مثال طور:

1. تڏهن ويهي سات وارن، پاڻ ۾ 'پهيو' پرياڻا .

(مخدوم غلام محمد بگائي)

2. پتگن 'پَهہ' ڪيو، مڙيا متي مچ.

(شاهہ عبداللطيف)

'پهہ' ڌاتوءَ ۾ 'آڪو' پڇاڙي گڏڻ سان لفظ ٺهيو آهي 'پهاڪو'. ان ريت فعل - ڌاتوءَ ۾ 'آڪو' يا 'ڪو' پڇاڙي جوڙڻ سان سنڌيءَ ۾ ٻيا بہ اسم ٺاهيا آهن. جيئن تہ،

ميڙ - (ميڙڻ) - ميڙاڪو؛
چُنُ (چُنڻ) - چُناڪو؛
لُڇڻ - لُڇڪو؛
چٻڻ - چٻڪو؛ چلڻ - چلڪو.

انهيءَ ڪري 'پهاڪو' لفظ جي اکري معنيٰ آهي - 'اهو نڪتو يا گفتو، جنهن ۾ ڪو اونهو خيال يا ويچار سمايل آهي.' عام ماڻهن جي روزاني جيوت ۾ اهو گفتو صلاح يا هدايت طور ڪتب آڻجي ٿو، جنهن مان ٻين کي اڪثر صحيح واٽ تي هلڻ لاءِ اشارو ملي ٿو.

---

* هن مقالي ۾ 'پهاڪي' جي وسيع معنيٰ کنئي وئي آهي، جنهن ۾ اکري معنيٰ ۾ محبت اينڊڙ 'چوڻيون' بہ شامل آهن.

’پهڻ‘ مصدر مان ٺهيل ٻين ڪن لفظن يا اصطلاحن جا مثال هيٺين ريت آهن:

پهہ. ’پورُ‘ خيال، اونهو ويچار، غور، صلاح، رٿ، تجويز، منصوبو‘.
’پهہ پارڻ‘ خيال ڪرڻ، ارادو ڪرڻ، رٿ رٿڻ،
’پهہ پچار.‘ ’صلاح مصلحت، خيال جو اظهار،
’پهہ پچائڻ.‘ خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، منصوبو سٽڻ‘
پهہ ڪرڻ. ’ٺهراءُ ڪرڻ‘،
پَهہ پوڻ. ’پور پوڻ، خيال اچڻ‘،
پهڪار. صلاحڪار وغيره.

انهن مثالن مان به ان ڳالهہ جي پٺڀرائي ٿئي ٿي، تہ پهاڪو اهو گفتو آهي، جنهن ۾ ڪو گنڀير ويچار يا سهڻي صلاح سمايل آهي.

هاڻي اچو تہ ڏسو تہ پَهُہ – ڌاتوءَ جي تاريخي اوسر ڪيئن ٿي آهي. سنسڪرت ۾ هڪ ڌاتو آهي ’ڏرش‘ جنهن جو گردان ۾ روپ ٿئي ٿو ’پَشيہ‘، ان مان سنڌيءَ ۾ ڏسڻ، پسڻ، فعلن جي اوسر ٿي آهي. ’پشيہ‘ جون سنسڪرت ۾ مکيہ معنائون آهن. ’ڏسڻ، نهارڻ، ويچار ڪرڻ، غور ڪرڻ، جاچڻ، سمجهڻ، اندر جي آواز سان جاچڻ، فيصلو ڪرڻ، سنسڪرت جا ڪجهہ لفظ جڏهن بدلجي سنڌي روپ اختيار ڪن ٿا، تڏهن انهن جي ’ش‘ آواز جي تبديل ڪڏهن ڪڏهن ’هہ‘ ۾ بہ ٿي وڃي ٿي. مثال طور، پَش ويهون (ٻڪري، رڍ، جانور) ’مَنَشيہ، ماڻهو، پاش‘ ڦاهي.

ساڳيءَ طرح، سسنڪرت ڌاتو ’پشيہ‘ بدلجي سنڌيءَ ۾ روپ ورتو آهي ’پهہ‘ ۽ انهيءَ جون ڪيتريون معنائون ساڳيون قائم رهيون آهن.

مرائيءَ جو فعل ’پاهِڻي‘ بہ سنسڪرت ’پشيہ‘ مان نڪتو آهي ۽ مُعنيٰ بہ ساڳي اٿس. گجراتيءَ ۾ هڪ مرڪب لفظ آهي، ’پهاڻي پترڪ‘ يعني ’جاچ رپورٽ‘. هتي پڻ ’پهاڻي‘ لفظ جو مول سنسڪرت ’پشيہ‘ فعل آهي.

’پهڻ‘ فعل جو وڪاس سنسڪرت فعل ’پر + اِيڪش‘ مان بہ ممڪن آهي، جيڪو پراڪرت ۾ ’پيهہ‘ ۽ سنڌيءَ ۾ ’پهہ‘ روپ ۾ ملي ٿو ۽ معنائون اٿس:

’جاچڻ، غور ڪرڻ، ڌيان سان ڏسڻ، جائزو وٺڻ، ويچار ڪرڻ.

عبدالڪريم سنديلي ’تحقيق لغات سنڌي‘ ۾ ’پهاڪو‘ لفظ جي ويتپتي هن ريت ڏني آهي:

پهاڪو (سن. پَٿ + ڪو پيچاڙي) نصيحت آميز چوڻي، ضرب المثل (1) جامع لغات سنڌي (جلد پيو) جنهن جي ايڊيٽرن ۾ عبدالڪريم سنديلو به شامل آهي، انهيءَ ۾ پڻ 'پهاڪو' لفظ جي ساڳي ويتپتي ڏنل آهي. (2)

حقيقت ۾ 'نصيحت آميز چوڻي' جي معنيٰ ۾ 'پهاڪو' لفظ جي ويتپتي سن 'پَٿ' مان ڪڍڻ درست نه آهي. مرزا قليچ بيگ 'سنڌي لغات قديمي' توڙي 'لغات لطيفي' ۾ 'پهاڪو' لفظ جي هڪ معنيٰ "واٽ، رستو، پهه" پڻ ڏني آهي. انهيءَ معنيٰ ۾ 'پهاڪو' يا 'پهو' لفظ جو مول سنسڪرت 'پٿ' ۾ ڄاڻائڻ بلڪل درست آهي. انهيءَ معنيٰ جي لاءِ هن شاهه جي ڪلام ۾ آيل هيٺينءَ سٽ جو حوالو ڏنو آهي:

آتڻ وجهي آگ ۾، پڇنديس پوءِ پهاڪو. (3)

سنسڪرت لفظ 'پٿ' يعني رستو، مارگ، گس، 'سنڌيءَ ۽ ٻين ڪيترين ئي هاڻوڪين ٻولين ۾ ساڳئي روپ ۽ معنيٰ ۾ پڻ ڪتب اچي ٿو، پر انهيءَ جو بدليل روپ پڻ پراڪرت، سنڌي، هندي، رجستاني وغيره ٻولين ۾ ملي ٿو. جيئن ته، سنڌيءَ ۾ هي لفظ ڏسو:

پَهُه. پهو (سنسڪرت پٿ) - رستو، واٽ، گس.

پَهي (س. پٿِن) واٽهڙو، قاصد، پانڌي، همراهه.

ساڳيءَ طرح راجستاني ۽ هنديءَ ۾ 'پهه، پاهه' لفظ ملن ٿا، جن جي معنيٰ آهي رستو، واٽ، انهيءَ مان ظاهر آهي ته سنسڪرت جي 'ٿ' ڏوني هاڻوڪين ٻولين ۾ ڪڏهن ڪڏهن بدلجي 'هه' پڻ ٿئي ٿي. ('پٿ' سان ڀيٽيو انگريزي لفظ 'پاٿ' Path).

ڪهاوت

'پهاڪي' (نصيحت آميز گفتي) جي معنيٰ ۾ سنڌيءَ ۾ ٻيا جيڪي لفظ واهپي ۾ اچن ٿا، اُهي آهن– 'ڪهاوت، ڪهات يا ڪَهَتَ'. انهن ۾ پهريون روپ 'ڪهاوت' ته هندي، راجستاني، وغيره ٻين ڪيترين ٻولين ۾ به ملي ٿو.

(1) سنديلو عبدالڪريم، تحقيق لغات سنڌي، (ڇاپو ڇوٿون) لاڙڪاڻو، سنہ 1963ع، ص 130.

(2) بلوچ نبي بخش خان (مرتب) جامع سنڌي لغات (جلد پيو)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1981ع، ص 854.

(3) مرزا قليچ بيگ، سنڌي لغات قديمي، حيدرآباد سنڌ، 1924ع ص. 96 ۽ "شاهه جو رسالو" حيدرآباد سنڌ 1932ع، ص. 150 يا گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاهه جو رسالو" ڇاپو 1979ع، ص. 307 ۽ 469.

انهيءَ لفظ جي ويتپتي ڳولهي لهڻ، عالمن لاءِ هڪ وڏو مسئلو بڻجي پيو آهي. انهيءَ باري ۾ مکيہ رايا هيٺ ڏجن ٿا:

1. پنڊت رامدهن مشر جي ويچار ۾ 'ڪهاوت' جو مول روپ 'ڪٿاوت' آهي، پراڪرت نيمن جي مطابق، 'ٿ' جي تبديلي 'هہ' ۾ ٿيڻ عام آهي. ڪهاوت جو آڌار اڪثر ڪي آکاڻيون وغيره هونديون آهن. ڪهاوتون پڻ ڪٿائن وانگر عوام ۾ مشهور ٿي وڃن ٿيون. اِن ڪري انهيءَ لفظ جو مول 'ڪٿا' ۾ هئڻ گهرجي. پلاٽس بہ 'ڪهاوت' جي اها سمجهاڻي ڏني آهي.
2. واسديو شرڻ اگروال پراڪرت 'ڪهاپ' ڌاتوءَ ۾ 'ت' پڇاڙي جوڙڻ سان 'ڪهاوت' لفظ جي بناوت سمجهائي آهي.
3. ڪيشو پرساد مشر 'ڪهہ' ڌاتوءَ ۾ عربي پڇاڙي 'آوت' لڳائڻ سان هن لفظ جي رچنا سمجائي آهي. ڪَهہ + آو + ت = ڪهاوت.
4. سڌيشور ورما نالي مشهور ماهر لسانيات جي راءِ ۾ هن لفظ جي رچنا هن ريت آهي: ڪَهہ + آو + اَت = ڪهاوت.
5. هنومان پرساد جي پودار جي ويچار ۾ هيءُ لفظ ڪهہ + آوت = ڪهاوت نموني ٺهيو آهي، يعنيٰ اهو سخن يا گفتو جنهن کي عام ماڻهو پيڙهي در پيڙهي چوندا ۽ ٻڌندا پيا اچن، انهيءَ طرز تي هنديءَ ۾ ڪهناوت (ڪهنا + آوت) لفظ بہ واهپي ۾ آهي.
6. ڪهاوت ۾ 'وت' حقيقت ۾ 'بات' جو بگڙيل روپ آهي، ان ڪري انهيءَ جو مطلب آهي 'ڪهي هُئي بات' (چيل ڳالهہ). گوسوامي تلسيداس ان معنيٰ ۾ 'بتڪهي' لفظ جو استعمال ڪيو آهي.
   راجستانيءَ ۾ پڻ 'ڪهبت' لفظ 'ڪهاوت' جي معنيٰ ۾ ملي ٿو.
7. مولانا ابوالڪلام آزاد جي ويچار ۾ جيئن 'ڪهنا' فعل مان 'ڪهاڻي' لفظ ٺهيو آهي، جيڪو 'ڪٿا، آکاڻيءَ' جي مطلب ۾ مروج ٿي ويو آهي' تيئن 'ڪهاوت' جو بنياد پڻ 'ڪهنا' فعل آهي؛ پر اِهو لفظ پهاڪي يا چوڻيءَ جي مطلب ۾ زماني کان وٺي واهپي ۾ هلندو پيو اچي.
8. مشهور لسانيات جي ماهر ڪمار چٽرجيءَ جو رايو آهي تہ هن لفظ جي اوسر هيئين ريت ٿي آهي.

Old Indo Aryan Kathay, Katha + Early M.I.A casusative or denominative affix (satr) - ant.
Kathapayanta> Kadhavayanata > Kahavaanta > Kahavanta > Kahawat.

9. ترنر جي راءِ موجب هن لفظ جو مول ممڪن آهي تہ 'ڪٿاوارتا' آهي، هاڻي انهيءَ جي معنيٰ ۾ اصل لفظن جي معنيٰ کان تبديل اچي ويئي آهي.

منهنجي ويچار ۾ ترنر جي راءِ ۾ وزن آهي. 'ڪٿا وارتا' جو پراڪرت ۾ روپ آهي. 'ڪهاوتا'، جيڪو آوازن جي تبديل توڙي معنيٰ جي لحاظ کان ڪهاوت لفظ جي گهڻو ويجهو آهي. ٻئي طرف ڏسجي تہ جيڪي عالم هن لفظ جي رچنا ۾ عربي 'آوت' پيچاڙي ڄاڻائن ٿا، اها بہ ناممڪن نہ آهي. لڪاوٽ، سجاوٽ، وغيره لفظن جي طرز تي 'ڪهاوٽ' ۽ پوءِ 'ڪهاوت' لفظ جو وڪاس آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿو. مطلب تہ هن لفظ جي رچنا بابت اڃا تائين سڀ عالم شاملراءِ ٿي نہ سگهيا آهن. جدا جدا راين بابت ڪنهيالال سهل تفصيل سان بحث ڪيو آهي، جنهن جو تت هتي پيش ڪيو ويو آهي. (1)

چوڻي

رچنا جي لحاظ کان 'ڪهاوت' سان ملندڙ ٻيو روپ آهي - 'چوڻي'. اهو مصدر 'چوَڻَ' ۾ 'اي' جوڙي اسم ذات لفظن جي طرز تي ٺهيل آهي. ويتپتيءَ جي لحاظ کان ان جو سنسڪرت ۾ مول ڌاتو آهي، چيو (چيوتي) جنهن جو بہ مطلب آهي. 'چوڻ، ڳالهائڻ' ڪهاوت ۽ چوڻيءَ کي سنسڪرت، هنديءَ ۽ ٻين ڪن ڀارتي ٻولين ۾ لوڪ ڪتي (لوڪ + اُڪتي) بہ چئبو آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي 'لوڪ يعني عوام ۾ مروج گفتو يا سخن'.

ٻوليءَ ۾ مروج استعمال تي ويچار ڪندي مون ڏيکاريو آهي تہ باريڪيءَ سان جاچجي تہ پهاڪي ۽ چوڻيءَ ۾ فرق آهي. پهاڪو اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻيو مطلب ڏيندو آهي. جيئن تہ، ”پرڻ چوي ڏونگهي کي، هل ڙي ٽٽونگا“ انهيءَ پهاڪي ۾ 'پرڻ' ۽ 'ڏونگهي' جو مثال ڪٿي، گهڻن عيبن سان ڀريل ۽ گهٽ عيبن واري شخص طرف اشارو ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف، 'ترت دان، مها پنُ' هڪ چوڻي آهي، جيڪا پنهنجي اکري معنيٰ ۾ ئي ڪتب ايندي آهي. رچنا يا بناوت جي لحاظ کان پهاڪو ۽ چوڻي، ٻئي هڪ پورو جملو يا جملن جو ايڪو آهن.

پهاڪي جون خاصيتون

هر ڪنهن کي عام طور ڄاڻ آهي تہ سندس ٻوليءَ ۾ پهاڪو ڇاکي

(1) سهل ڪنهيا لال، راجستاني ڪهاوتين - ايڪ آڌين. (پي. ايچ. ڊي. ٿيسز)، ڀارتي ساهتيہ مندر، دهلي 1958، ص: 4-9.

چئجي. پر جيڪڏهن ڪانئس پڇجي ته انهيءَ کي تز لفظن ۾ سمجهاءِ، ته هو اڪثر منجهيو پوي. عام ماڻهن جي ڳالهه ئي پري رهي، جدا جدا ٻولين جا عالم پڻ پهاڪي جي اهڙي تزسمجهاڻيا ڏيئي نه سگهيا آهن، جنهن جي ذريعي پهاڪي جي روپ ۽ مڙني خاصيتن جي پوري ڄاڻ پئجي سگهي. ڪن انهيءَ جي رچنا تي زور ڏنو آهي، ته ڪن وري ان جي اهميت جي واکاڻ ڪئي آهي.

ٻيا ڪي عالم اهڙا آهن، جيڪي پهاڪن ۾ سمايل معنيٰ ۽ ڳوڙهي ڄاڻ تي اکين چڪن آهن. مثال طور، هتي پهاڪي جون ڪجهه سمجهاڻيون پيش ڪجن ٿيون، جن ۾ انهيءَ جي الڳ الڳ خاصيتن تي روشني وڌي ويئي آهي.

1. ”پهاڪو اهو آهي، جنهن ۾ گهڻن ويچارن کي ڪاڙهي، انهن جو سَتُ ڪڍي، ٿورن لفظن ۾ رکيو ويو آهي.“

A Proverb is much matter decocted into few words.

2. ”پهاڪا پنجن ڪن لفظن وارا اهي رتن آهن، جيڪي زماني جي اشارو ڪندڙ ڏسڻيءَ آڱر تي هميشه چمڪندا پيا رهن.“ (ٽينيسن)

Jewels five words long that, on the stretched forefinger of time, sparkle for ever. (Tennyson)

3. ”ڪنهن به قوم جي اعليٰ درجي جي انوکي سمجهه، چترائيءَ ۽ آتما جي سڃاڻپ انهيءَ جي پهاڪن مان ٿئي ٿي.“ (فرئنسز بيڪن)

The genius, wit, and spirit of a nation are discovered in its proverbs. (Francis Bacon)

4. ”پهاڪا اهي ننڍڙا جملا آهن، جيڪي گهڻي آزمودي يا تجربي مان نڪتا آهن.“ (ڊان ڪويزات)

Proverbs are short sentences drawn form long experience. (Don Quixote Cervantes)

5. ”پهاڪو هڪ اهڙو ننڍڙو جملو آهي، جيڪو سوتر - روپ وارو ۽ سچو آهي. اهو ڊگهي عرصي کان وٺي عام ماڻهن ۾ قبوليو ويو آهي.“ (ڪئپريانو ڊي وليرا)

A proverb is a short Sentence sententious and true, long since accepted by common consent. (Capriano de Valera)

6. "پهاڪو هڪ اهڙو ننڍڙو گفتو آهي، جيڪو ڳالهه ٻولهه ۾ مروج آهي ۽ عوام ۾ تسليم ٿيل آهي؛ اهو هڪ مروج - روپ جملو آهي، جنهن ۾ گهڻو ڪري ڪا ڳجهي پيت يا تجنيس حرفي هوندي آهي. انهيءَ ۾ اهڙي ڪنهن سچائيءَ جو اظهار هوندو آهي، جنهن جي تصديق يا پرک، تجربي يا جاچ - جوچ وسيلي ڪيل هوندي آهي ۽ سيني ۾ چاتل - سچاتل هوندي آهي." (اينسائڪلوپيڊيا برٽانيڪا)

Proverb... A short pithy saying in common and recognized use, a concise sentence, often metaphorical or alliterative in form, which is held to express some truth ascertained by experience of observation and familiar to all... (Encyclopaedia Brittanica, 1768 p. 642)

7. "پهاڪا، اهڙا آڳاٽا بچيل جزا آهن، جيڪي پنهنجي ننڍڙي روپ ۽ صحيح معنيٰ سببان، قديم، فلاسفيءَ جي ڪنڌهر مان سالم صورت ۾ ڪوٺي هٿ ڪيا ويا آهن." (ارسطو)

Remnants which, on account of their shortness and correctness have been saved out of the wreck and ruin of ancient philosophy. (Aristotle)

8. "پهاڪو ڪنهن شخص جو چترائيءَ ڀريو گفتو آهي، جنهن ۾ گهڻن ئي ماڻهن جي سياڻپ سمايل آهي." (لارڊ جان رسل)

The wit of the man; the wisdom of many. (Lord John Russell)

9. "پهاڪا سياڻپ جو سارُ (تت) آهي." (جوبرٽ)

Proverbs may be said to be the abridgment of wisdom. (Joubert)

10. "پهاڪو، ننڍڙو ۽ نصحت آميز هڪ اهڙو گفتو آهي، جيڪو آدجڳاد کان وٺي مروج آهي." (آرچر ٽيلر)

A proverb is a terse didactic statement that is current in tradition. (Archer Tayler)

11. "پهاڪا اهي ننڍڙا جملا آهن، جن ۾ قديم زماني جي عالمن، نيمن وانگر، زندگيءَ کي مختصر روپ ۾ سنجوئي رکيو آهي." (جان اگريڪولا)

Short sentences into which, as in rules, the ancients have compressed life. (John Agricola)

12. "پهاڪو سياڻن جي سخن جي سمجهاڻي آهي." (ايرئسمس)

A proverb is the interpretation of the words of the wise.

(Erasmus)

13. "پهاڪا، سياڻپ جا اهي ننڍڙا وچن آهن، جيڪي آڳاٽي زماني ۾ اخلاق يا نيتيءَ جي اڻ ڪليل نيمن وانگر ڪتب ايندا هئا." (ڊزرائلي)

These fragments of wisdom, the proverbs in the earliest ages served as the unwritten laws of morality. (Disraeli)

14. "ڪوبہ سخن يا گفتو، پهاڪي جي درجي کي حاصل ڪري، انهيءَ لاءِ لازمي آهي تہ انهيءَ جو جنم عام ماڻهن مان ٿيو هجي، يا اهو هڪ سچائيءَ روپ ۾ عوام ذريعي تسليم ڪيو ويو هجي. مطلب تہ، پهاڪي جو عوام ۾ مروج هئڻ لازمي آهي." (هيستنگس)

To attain the rank of a proverb, a saying must either spring from the masses or be accepted by the people as true. In a profound sense, it must be vox populi. (Hastings)

15. "پهاڪا، تحريري صورت ۾ قلمبند ٿيڻ کان گهڻو اڳي، زباني روايتن ذريعي اسان تائين پهتا آهن. اهي اهڙيءَ سياڻپ جا ساکيات ننڍڙا روپ آهن، جنهن جو جنم شخصي تجربيءَ جاچ مان ٿيو آهي." (سمٿ ۽ هيسيلٽائين)

Proverbial utterances, transmitted by oral tradition long before they were put on paper, were concrete fragments of wisdom, the result of observation.

(Smith and Heseltine, Oxford Dictionary of English proverbs, 1952, introduction)

16. "پهاڪا روزمره جي زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل تجربي جون ڌيئرون آهن."

Proverbs are the daughters of daily experience.

17. "پهاڪا، ٻوليءَ جا اهي تيز هٿيار آهن، جيڪي وهنوار ۽ ڪمن - ڪارين جي ڳنڍين کي ڪاٽي، اندر گهڙي تا وڃن." (بيڪن)

Edge tools of speech, which cut and penetrate the knots of business and affairs.(Bacon)

18. "پهاڪو، ڪنهن قوم جو اهڙو مروج - وچن آهي، جيڪو گهڻي عرصي کان وٺي اجان تائين عام واهپي ۾ هلندو پيو اچي. اهو اهڙي صلاح يا

نصيحت ڏني، جيڪا لازمي طور عام لوڪن لاءِ آهي ۽ رنگين زباني سان سينگاريل آهي، جنهن ۾ ڪا ڳجهي پيٽ يا مثال سمايل آهي."

A proverb is a racial aphorism which has been or still is in common use, conveying advice or council invariably common flagged figuratively disguised in metaphor or allegory.

(Racial Proverbs, Introduction, P.X.V.)

انهن سمجهاڻين مان پهاڪن جو جيڪو روپ ظاهر ٿئي ٿو، انهيءَ ۾ مکيه طور هي خاصيتون ڏيکاريل آهن:

1. پهاڪن ۾ ٿورن لفظن ۾ گهڻا ويچار سمايل هوندا آهن.
2. استعاري، تجنيس، چتر زبانيءَ ڪري پهاڪن ۾ اظهار جي نرالائي هوندي آهي.
3. پهاڪا روزاني زندگيءَ جي آزمودن مان حاصل ڪيل سمجهه ۽ سياڻپ سان پريل نڪتا هوندا آهن.
4. پهاڪا زباني روايت ذريعي صدين ڪان وٺي سماج ۾ هلندا پيا اچن.
5. پهاڪا نصيحت آميز هئڻ ڪري اڪثر عام ماڻهن لاءِ اڻ لکيل قانون آهن.
6. پهاڪن ۾ گهڻو ڪري ڪنهن قوم يا جاتيءَ جو عڪس ملندو آهي.

پهاڪن جي ساراهه ۾ چيل سخن

جدا جدا ٻولين ۾ پهاڪن جي واکاڻ بابت چيل جيڪي سخن ملن ٿا، انهن مان پڻ انهن جي روپ جي ڪي قدر ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. مثال طور، اهڙا ڪجهه سخن ڏسو:

1- پهاڪا عوام جو آواز هئڻ ڪري، الله جو فرمان آهن. (اردو)

2- جنهن پهاڪي جو مطلب سمجهيو، انهيءَ ويد جو ڳجهه سڃاتو. (ڪنڙ)

3- هن سنسار ۾ ٽي رتن آهن - جل (پاڻي)، آنَ ۽ چوٽيون (سندر وچن يعني پهاڪا). خبر نه آهي ته ته پوءِ هي مورک، ماڻهو پٿر جي ٽڪرن کي 'رتن' چو ٿا سڏن؟ (سنسڪرت)

4- سنسار جي سندر ويچارن جو سار پهاڪن ۾ محفوظ آهي.

All the good sense of the world runs into proverbs.

5- پهاڪو عام ماڻهن جي سياڻپ سان پريل وچن آهن.

Proverbs are the wisdom of the streets.

6- موت ۽ پهاڪي کي اختصار سان پريم آهي. (جرمن ٻولي)

7- پهاڪا لوڻ جون ٿيلهيون يا کاڻ آهن. (سسيرو)
(مطلب ته گفتگوءَ يا تقرير ۾ پهاڪن جو جوڳو استعمال ڪرڻ سان اها اثرائتي ۽ ڪاڏي وانگر لذيذ بڻجي پوي ٿي.)
8- جهڙيءَ طرح ڪاڏي ۾ لوڻ آهي، تهڙيءَ طرح ٻوليءَ ۾ پهاڪا آهن. (عربي)
9- يادگيريءَ ۾ سلامت رکيل سهڻي ڪهاوت، پَٽيُن ۾ رکيل سون جي سڪي مثل آهي.
10- ڪهاوت پکيءَ جي ڇهنب ڪان ننڍڙي ٿيندي آهي.
11- ڪهاوت تمام سستي اگهه ۾ اوهان کي گهڻي نصيحت ڏيندي.
12- پهاڪا عوام ۾ مروج سِڪا آهن.
13- پهاڪا گيان جو اکٽ ڀنڊار آهن. (آمريڪا)
14- پهاڪي سان وقت تي چور جي ويچارن ۾ به ڦيرو اچيو وڃي. (فرينچ)
15- پهاڪن جو جنم ڄاڻ مان، ته ڄاڻ جو جنم پهاڪن مان ٿئي ٿو. (روسي)
16- پهاڪا ڇا آهن؟ اِهي عوام جو آواز آهن. (چيني)
17- پهاڪا آزمودن جو پڙاڏو آهن. (سويڊن)
18- جيڪڏهن پهاڪي کي ڪو ڪوڙو ثابت ڪري، ته پوءِ ڇنبو ته کير جو سواد به کٽو ٿيندو آهي. (مليالم)

انهيءَ طرح ڏسبو، ته جدا جدا ملڪن ۽ ٻولين ۾ پهاڪن جي اهميت کي سڃاتو ويو آهي ۽ انهن جي واکاڻ ڪئي ويئي آهي.

الڳ الڳ ٻولين ۾ 'پهاڪي' لاءِ لفظ

جهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ 'پهاڪي' ۽ 'چوڻي' لفظن مان انهن جي ڪن وصفن جي ڄاڻ پوي ٿي، تهڙي طرح جدا جدا ٻولين ۾ 'پهاڪي' يا 'چوڻيءَ' لاءِ جيڪي لفظ ملن ٿا، انهن مان پڻ انهن ننڍڙن سخنن جي ڪنهن نه ڪنهن وصف جي سڌ پوي ٿي. هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

1. سنسڪرت ۾ پهاڪي لاءِ لفظ آهن - آپاٽڪ، پرواد، لوڪو ڪتي، لوڪ - پرواد، لوڪڪي گاٿا، پرايوواد، انهن سڀني جو مطلب آهي، "اهو وچن جيڪو عام جنتا ۾ مروج آهي."
2. پاليءَ ۾ پهاڪي کي چون 'ياستو' يعني 'اهو وچن جيڪو عام ماڻهن جي رواج ۾ مشهور آهي.'

3. پراڪرت ۾ پهاڪي لاءِ لفظ آهن – آهاڻ، آهاڻيو، آهيڻ، آڪاڻين، آهاڻئ. اهي سڀ عام جنتا ۾ وهنوار ۾ آيل سخن جي معنيٰ تا ڄاڻائين. آڪاڻيءَ جو مول سنسڪرت روپ آهي. ’آڪيانڪ‘، جنهن ۾ اهڙي سخن جي بنياد ۾ ڪنهن آڪاڻيءَ جي هئڻ جو به مطلب ظاهر ٿئي ٿو.
4. مراٺي، مهٽي ۽ لوڪ – سمپردايه لفظ، عام ۾ مشهور ٿيل چوٽي يا وچن جو مطلب تا ڏيکارين.
5. بنگلا ٻوليءَ ۾ سنسڪرت جا ’پرواد‘ يا ’لوڪوڪتي‘ لفظ پهاڪي جي معنيٰ ۾ ڪتب ايندا آهن.
6. گجراتيءَ ۾ پهاڪي کي چون ’ڪهيوت‘، ’ڪهيٽي‘، ’ڪهيتي‘، ’ڪٿن‘، جيڪي ڪهاوت ۽ چوٽيءَ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا. ساڳيءَ طرح گجراتيءَ ۾ ڪتب ايندڙ ٻيو لفظ ’آڪاڻون‘ (سنسڪرت آپاڪيان) پهاڪي ۾ ڪنهن ننڍڙي آڪاڻيءَ جي هئڻ طرف به اشارو ڪري ٿو.
7. هنديءَ ۾ عام لفظ جيڪي پهاڪي لاءِ ملن ٿا، اهي آهن، ڪهاوت، اُپکان يا پکانا، جيڪي آپاڪيان جا بگڙيل روپ آهن.
8. اردوءَ ۾ ڪهاوت کي چون ’ضرب المثل‘. هي لفظ پهاڪي ۾ تمثيل يا پيٽ جي هئڻ طرف اشارو ڪري ٿو.
9. پنجابي ۽ لهندي ٻوليءَ ۾ ڪهاوت يا آکاڻ (سنسڪرت آکيان) لفظ پهاڪي لاءِ ڪتب اچي ٿو.
10. تمل ’پزمولي‘ (Pazamoli) ۾ آڳاٽي زماني کان وٺي هلندڙ چوٽيءَ جو مطلب سمايل آهي. مليالم پزمچول (Pazamchol) به ساڳي معنيٰ ڏيکاري ٿو. تيلگو ’ساميت‘ يا ’سامت‘ لفظ پهاڪي ۾ ’پيٽ‘، ’سمان وچن، اُپما،‘ وغيره جي هئڻ تي زور ڏئي ٿو. ڪنڙ ’گدي‘ لفظ جو مطلب آهي – چوٽي.
11. ڀارت – پاڪ اُپکنڊ کان ٻاهر ٻين ملڪن جي ڪن ٻولين ۾ پڻ پهاڪي يا چوٽيءَ لاءِ هن ريت لفظ ملن ٿا:

يوناني ٻوليءَ جو لفظ 'paroemia' جو مطلب آهي، ’عوام ۾ مروج سخن.‘ اِتالوي ۽ لئٽن ۾ لفظ آهي 'Proverbio'. ٽسڪن ٻوليءَ جو لفظ 'Dettato' جو مطلب آهي: ’اهو وچن جيڪو صدين کان بار بار دهرايو پيو وڃي،‘ سپئنش 'Refran' جو پڻ ساڳيو مطلب آهي. ترڪي ٻوليءَ جو 'Atalar Sozu' ۾ ’آبن ڏاڏن جا وچن‘ هئڻ جي معنيٰ سمايل آهي. چيني ٻوليءَ ۾ پهاڪن کي

چون 'Yen, Yen Yu' جنهن جو مطلب آهي 'مقبول، ثابت ٿيل گفتو'. عربي لفظ 'مثل' پهاڪي ۾ تمثيل يا پيٽ جي هئڻ طرف اشارو ڪري ٿو.

فارسي 'اَمثال' مثل جو عدد جمع آهي، جيڪو پهاڪي لاءِ ڪتب اچي ٿو. سيامي ٻوليءَ ۾ چون - 'Suphasit' جيڪو سنسڪرت 'سُڀاشت' ۽ پالي 'سُڀاسِتو' جو بگڙيل اچار آهي.

انهن مثالن مان ظاهر آهي ته جدا جدا ٻولين ۾ پهاڪي لاءِ ڪتب ايندڙ لفظ انهيءَ جي ڪانءِ ڪا وصف ڇاٽائين ٿا.

پهاڪي جي وصف (Definition)

اسان پهاڪن جي خاصيتن بابت جدا جدا عالمن جي ويچارن جو جائزو ورتو ۽ اهو ٻه ڏٺو ته انهن ۾ ڪنهن به هڪ سمجهاڻيءَ ۾ پهاڪي جو سڀ وصفون پيش نه ڪيون ويون آهن. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته نيٺ اها ڪهڙي خاصيت آهي، جيڪا ڪنهن سخن يا ٻول کي پهاڪي جو درجو عطا ٿي ڪري. ٻين لفظن ۾ ائين به چئجي، ته آخر پهاڪي جي آتما يا جان ڇا کي سڏجي؟

هيسٽنگس نالي هڪ عالم، جدا جدا پهاڪن جو اڀياس ڪري، انهن ۾ چئن وصفن جو هئڻ لازمي ڄاڻايو آهي، هو لکي ٿو ته:

"Four qualities are necessary to constitue a proverb, brevity (or, as some prefer to put it, conciseness), sense, piquancy or salt (Trench) and popularity."

(Encyclopaedia of Religion and Ethics, Hastings, Vol. x. 412)

مطلب ته ڪوبه سخن پهاڪي جو درجو حاصل ڪري، انهيءَ لاءِ ان ۾ چئن خاصيتن جو هئڻ ضروري آهي. اُهي آهن:

- ٿورو- اکرائي يا ننڍڙو روپ.
- ويچارن جي گهرائي.
- سلوڻائي، ظرافت يا اظهار جي نزاڪت.
- لوڪ يعني عوام ۾ انهيءَ جو پرچار.

الف: ٿور - اکرائي يا ننڍو روپ (Brevity, Conciseness)

انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته دنيا جي جدا جدا ٻولين ۾ جيڪي پهاڪا ملن ٿا، انهن جو گهڻو ڪري ننڍو روپ هوندو آهي. اهي ڪنهن لساني

سماج ۾ مروج استعمال (Formular Expressions) آهن. جيڪڏهن پهاڪو وڏو هوندو، ته اهو ڪنهن مقرر روپ ۾ ماڻهن کي ياد نه پوندو. ان ڪري انهيءَ جي ڦهلاءَ ۽ پرچار ۾ به رڪاوٽ پوندي.

انهيءَ ڪري ٽور - اکرائي يا اختصارُ پهاڪي جي هڪ مکيه وصف آهي. سنڌيءَ ۾ ننڍڙي ۾ ننڍڙا جيڪي پهاڪا ملن ٿا، انهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ به لفظ ضرور هوندا آهن. عام طور، ٻوليءَ ۾ هڪ لفظ وارا جملا به ملندا آهن، جيئن ته،

اَچ، وڃ، ڪاءُ، واه! شاباس! هيڏانهن!

پهاڪو به پوري معنيٰ ظاهر ڪندڙ هڪ جملو آهي. پر ڪنهن به ٻوليءَ ۾ هڪ لفظ وارو پهاڪو نظر نه آيو آهي. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته پهاڪي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن لفظن جو هئڻ لازمي آهي. سنڌيءَ ۾ ان قسم جون ڇوٽيون ۽ پهاڪا ڪافي مِلن ٿا. مثال طور،

قرض مرض، پنهنجي سنهنجي، بسياري خواري، لاڙ ساڙ.

ٽن لفظن وارن پهاڪن ۽ چوٽين جا مثال آهن:

ڪيتي، سرسيتي، ٻه ته ٻارهن، پنجن ۾ پرميشور، ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ.

ٻئي طرف اسين ڏسون ٿا ته هرهڪ ٻوليءَ ۾ وڏي روپ وارا پهاڪا به گهٽيئي ملن ٿا. مثال طور، سنڌيءَ ۾ هيٺيان پهاڪا ڏسو:

1. پلاهه جهڙي پدمڻي، جي هڪي حاضر هوءِ،
ته بوسي وجهه پيٽ ۾، مر پيٽ ڦاٽي پوءِ.

2. ڇتيءَ سٽ پسايو، واٽئي وڏيس وتي،
ڇتيءَ ليکي واٽيو متو، واٽئي ليکي ڇتي.
مَني سائي ڇتي، مَني سائي ڇتي.

ان حالت ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي ته 'ٽور - اکرائي' جو مطلب ڇا ڪڍجي؟ منهنجي ويچار ۾ انهيءَ وصف جو مطلب اهو آهي ته پهاڪن ۾ گهربل معنيٰ جو اثرائتو اظهار ڪرڻ لاءِ جيترن لفظن جي ضرورت آهي، انهيءَ کان وڌيڪ لفظ اُن ۾ هئڻ کپن. انهيءَ کان وڌيڪ لفظ اُن ۾ نه هئڻ کپن. انهيءَ کي ئي 'اختصار يا ننڍو روپ" چئجي ٿو. هتي انهيءَ ڳالهه جو به ڌيان رکڻ گهرجي

تہ وڏا پهاڪا گهڻو ڪري بيتن يا دوهن جي صورت ۾ هوندا آهن. انهن ۾ تڪبندي، تجنيس حرفي (آنوپراس)، اظهار جو انوکو ڍنگ، وغيره خاصيتون بہ هونديون آهن. ان ڪري ئي وڏا پهاڪا پڻ روزاني زندگيءَ ۾ عام ماڻهن جي يادگيريءَ ۾ گهر ڪري ٿا ويهن. ان ريت، انهن کي بہ ننڍڙن، پهاڪن جيان ايڪائي وصف وارو مروج روپ حاصل ٿي وڃي ٿو. اهي آسانيءَ سان زباني روايت ذريعي ئي سماج ۾ مشهور ٿي ٿا وڃن.

ب: ويچارن جي گهرائي (Sence)

پهاڪي جي ہي وصف اها آهي تہ انهيءَ ۾ ڪو اونهو ويچار يا سندر نڪتو سمايل هوندو آهي، جنهن جو آڌار وهنواري زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل آزمودو هوندو آهي. پهاڪا اهڙا ننڍڙا سڃاڻپ پريا وچن يا سخن آهن، جيڪي ڪنهن لساني سماج ۾ صدين ڪان وٺي هرهڪ پيڙهيءَ کي زباني طور ورثي ۾ ملندا پيا اچن، انهيءَ ۾ اسان جي ابن ڏاڏن جو آزمودو محفوظ آهي، جيڪو وقت تي اسان جي رهنمائي بہ ڪري ٿو ۽ صحيح واٽ تي هلڻ جي نصيحت بہ ڏئي ٿو. مثال طور،

'ڪهہ پيو ڏيرپو، جنهن وڃايو پيٽپو.'

انهيءَ مان اشارو ٿو ملي تہ ڪوشش ڪري هڪ ئي گهر ۾ ڏيئرون پرڻائي نہ ڏجن. زندگيءَ ۾ ڪيترائي مثال نظر اچن ٿا، جتي ڏٺو ويو آهي تہ بہ ڀينر جڏهن هڪ ئي ڪٽنب ۾ پرڻجي ٿيون وڃن، تڏهن ڏيراڻين بڻجڻ بعد سندن وچ ۾ ڪنواري هوندي وارو سڪ - پريم، ميٺ - محبت قائم نٿا رهن. ان تي ڪنهن سياڻي چيو تہ اهو ڏيرپو ئي ڪڏ پوي، جنهن سان ڀينرن جي پيار کي ڇيهو ٿو رسي.

زندگيءَ ۾ ناتي جي اهميت ڏسي، ڪنهن بزرگ جي واتان نڪري ويو،

"اُٽ بہ ناٽو، ويهہ بہ ناٽو، ناٽي بنان نر ويڳاٽو."

روزاني جيوت ۾ پيسي کي وڏي طاقت آهي. جنهن وٽان بدبختيءَ سببان لڇمي (دولت) هلي ٿي وڃي، تہ پوءِ سندس سنگتي - ساٿي، مٽ - مائٽ بہ ڪانئس ڪنارو ڪري ٿا وڃن. پوءِ اوکيءَ ويل ڪوبہ ساٿ نٿو ڏئيس.

"ٻہ پائر، ٽيون ليکو."

واپاري جڳت ۾ صحيح وهنوار ڪرڻ لاءِ هدايت ٿو ڏئي. جيڪڏهن ڏنڌي واپاري ۾ ٻہ پائر گڏ آهن، يا پاڻ ۾ پائيوار آهن، تہ ڪين حساب

ڪتاب کي پنهنجو تيون ڀاڱو ڪري ليکڻ گهرجي، مطلب تہ ڏي - وٺ ۾ جيڪڏهن ماڻهوءَ صاف وهنوار نہ رکيو، تہ پوءِ شڪ شبهي، غلط فهميءَ پيدا ٿيڻ جو گهڻو امڪان آهي.

انهن مثالن مان ظاهر آهي تہ پهاڪا سياڻن جا اهڙا سخن آهن، جن ۾ وهنواري زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل سندن سياڻپ سمائي پئي آهي. اهي ڏاهن، مهاتمائن (درويشن) جا قول يا نصيحت ڀريا نڪتا نہ آهن، پر جيون جي حقيقتن جا انوکا عڪس آهن، جيڪي ٻين جي رهنمائيءَ ڪرڻ جي قوت بہ رکن ٿا.

اسين جڏهن ڪنهن بہ ٻوليءَ جي پهاڪن جو جائزو وٺون ٿا، تڏهن اهو هڪدم ظاهر ٿيو پوي تہ سيني پهاڪن ۾ ان طرح جا ويچار سمايل نہ آهن. جيئن تہ،

- ٻچ چريا، ڇي مست آيئہ (ٻچ چريا مست ٿا اچني).
- شيرو ٻلو شاهہ جو، نہ پيءُ جو نہ ماءُ جو.
- ڏياريءَ جو ڏينهو ڏٺو، ننڍو وڏو ڇيڙ منو.
- ٿونٽ لڳي، ساهيڙي ڀڳي.
- ڪوڙيءَ کي گهمرو آهي.

انهن ۾ خاص ڪو اونهو ويچار سمايل نہ آهي. انهيءَ هوندي پڻ اهي سماج ۾ مروج آهن. ان مان ثابت آهي تہ ويچارن جي گهرائيءَ واري وصف پهاڪن سان لاڳو نٿي ٿئي.

ب: سلوڻائي، ظرافت يا اظهار جو انوکو انداز (Piquancy, Salt or Trench)

اسان کي هر هڪ ٻوليءَ ۾ ڪيترائي پهاڪا ملن ٿا، جيڪي سلوڻائيءَ، چترائيءَ ڀريئي انوکي اظهار ۽ اثردار عبارت سببان ٻڌندڙ جي دل ۽ دماغ تي هڪدم اثر ڪن ٿا. اهڙا پهاڪا عوام ۾ جلد ئي مشهور ٿي ويندا آهن. مثال طور،

- مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانہ، ڳئونءَ کي چوي تہ هل ڙيٰ ٻچ ڪاري!
- پرڻ چوي ڏونگهي کي، هل ڙي ٽٽونگا!
- ٻري تيل، ڪامي وٽ، واهہ ڙي ڏيئا واهہ!

اهي اهڙا پهاڪا آهن، جو پنهنجيءَ سلوڻيءَ عبارت ڪري گهڻو اثر پيدا ڪن ٿا، پر اها وصف پڻ هرهڪ پهاڪي يا چوڻي لاءِ لازمي نہ آهي. جيئن تہ:

- شاهوڪاري پار چريو يا چتو.
- پنهنجي سنهنجي،
- اُتران اُتريو، اَڌ سيارو ڪتريو.
- هٿ مارائيندڙ آهي.
- نيڪي برباد، گناهه لازم.

اهي چوٽيون فقط سڌو سنواتو بيان ڪن ٿيون، انهن ۾ اظهار جي ڪابه انوکائي نظر نٿي اچي.

(ب) لوڪ- پسندي (Popularity)

ڪوبه ٻول يا سخن جيستائين لوڪ ۾ پسند نه پيوآهي، يعني عوام انهيءَ کي اپنايو نه آهي، تيستائين اُهو پهاڪي جو درجو حاصل ڪري نه سگهندو.

ڪنهن سياڻي زندگيءَ ۾ ڪجهه تجربو حاصل ڪيو ۽ ننڍڙي گفتي جي صورت ۾ ان جو اظهار ڪيو. ٻين اُهو ٻڌو ته هڪدم انهيءَ جي سچائي سندن دل ۽ دماغ تي چانئجي ويئي. پوءِ وهنواري زندگيءَ ۾ پاڻ به انهيءَ گفتي کي هوبهو ساڳئي روپ ۽ معنيٰ ۾ دهرائڻ لڳا. اهڙيءَ طرح هڪ شخص جو چيل نُڪتو، ٻين جي اپنائڻ تي عوام جو نڪتو بڻجي ويو ۽ انهيءَ کي پهاڪي جو پد حاصل ٿي ويو. انهيءَ مان ثابت آهي ته عوام ۾ مروج ٿيڻ يا لوڪ ميتا هرهڪ پهاڪي لاءِ لازمي وصف آهي. انهيءَ سبب ڪري ئي مذهبي چاڻ وارا وچن، سنتن مهاتمائن جا نصيحت ڀريا نڪتا پهاڪا نٿا ليکيا وڃن، ڇاڪاڻ ته اهي عام ماڻهن ۾ مشهور نه ٿيا آهن. عوامُ انهن کي اپنائي دُهرايو نه آهي.

سترهين عيسويءَ صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ جيمس هاول نالي هڪ وڏو ليکڪ ٿي گذريو آهي، هن انگريزي پهاڪن جو هڪ مجموعو تيار ڪري ڇپايو آهي. اُن ۾ هن پنج سؤ ڪن ننڍڙا نصيحت آميز نڪتا ۽ نيتيءَ جا وچن خود تيار ڪري، اُن مجموعا ۾ شامل ڪري ڇڏيا. جيئن ته، سندس ٺاهيل ڪن سُخن جو مطلب هن ريت آهي:

1- گهمنڊ هڪ اهڙو گل آهي، جيڪو دئيتن جي باغيچي ۾ ڦٽي ٿو.
2- شرڌا هڪ وڏ گهراڻي عورت آهي، سڻا ڪرم سندس نوڪر آهن.

هاول جا اهڙي قسم جا سخن فقط سندس ڪتاب جي ورقن ۾ ئي

محفوظ آهن. اهي پهاڪا ٺهي نه سگهيا آهن، ڇاڪاڻ ته انهن کي عوام ۾ مشهوري حاصل ٿي نه سگهي، لوڪن انهن کي پنهنجو نه بڻايو. اِنهيءَ مان ثابت آهي ته لوڪ پسنديءَ ٿي هرهڪ پهاڪي جي لاءِ لازمي وصف آهي. ڪنهن پهاڪي ۾ ٻيون ٿي خاصيتون ڀلي نه ملن، پر هن خاصيت جو ان ۾ هئڻ نهايت ضروري آهي. پر انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته ڪنهن به سٺي پهاڪي ۾ ٻين ٿن گڻن جو هئڻ پڻ لازمي آهي.

ڪوبه سخن ۾ ميٺا ماڻهي، انهيءَ لاءِ منجهس عوام کي ڇُهڻ جي خاصيت هئڻ گهرجي.

– مُروان موت ملوڪان شڪار.
– ڪاٺيءَ جي وهاڻيءَ ۾ نڪت گهٽا.
– سخيءَ ڪان شوم ڀلو، جو تر ڏئي جواب.
– جاءِ ڇوي جوڙائي ڏس، شادي ڇوي ڪري ڏس؛
– ايندو سيڪو ڏسي، ويندو ڪونه ڏسي.
– شاهوڪار جو ٽٽُ به ڪستوري.

اهڙا گهڻيئي پهاڪا سنڌيءَ ۾ آهن، جيڪي وهنوار زندگيءَ جي آزمودن تي ٻڌل آهن، پوءِ ڀلي منجهن ڳوڙهو گيان يا اونهو ويچار سمايل نه هجي. بس، عام ماڻهن کي اِهي وڻي ويا ۽ اِنهيءَ ڪري اهي واتين وٽين دُهرائجڻ پيا. پهاڪن جا اصل رچيندڙ نامعلوم ٿي ويا. ڪنهن هڪ شخص جي رچنا سموري سماج جي گڏيل پونجي ٿي ويئي. اِهائي آهي پهاڪي جي مکيه خاصيت، جيڪا اِنهيءَ کي ٻئي رواجي جملي ڪان الڳ ڪري ٿي بيهاري.

شاعرن جي ڪلام جون ڪجهه، تڪون به جيڪڏهن عوام جي من کي ڇُهڻ جي طاقت رکن ٿيون، ته اهي پڻ وقت گذرندي پهاڪا ٿي ٿيون وڃن. مثال طور، شاهه لطيف جي ڪلام جون هي تڪون ڏسون:

– ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟
– ڇا جي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو مَ ٿئي.
– لکيو منجهه للاٽ، قلم ڪياڙيءَ نه وهي.

اِهي سٽون وقت گذرندي پهاڪن ۽ چوڻين جو درجو حاصل ڪري چڪيون آهن. ٻئي طرف لاکيڻي لطيف جا ڳوڙهن صوفي ويچارن سان ڀَر بيت پهاڪا ٿي نه سگهيا آهن، ڇاڪاڻ ته اهي عام ماڻهن جي سمجهه کان

ٻاهر آهن. جيئن تہ:

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪُٽس ڳڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

يا

پيهي جان ڀاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

پهاڪن جي روپ بابت هيستائين ڪيل ويچارن مان ظاهر آهي تہ ٿور- اکرائي، ويچارن جي گهرائي ۽ سلوڻائي عام طور گهڻين ڪهاوتن ۾ نظر ايندڙ گڻ آهن، پر لوڪ- پسنديءَ جي وصف هرهڪ پهاڪي ۾ هئڻ لازمي آهي. ڪنهن سٺي پهاڪي ۾ اِنهن چئني گڻن جو هئڻ ضروري آهي. اِنهيءَ حقيقت کي خود هاول بہ قبول ڪيو آهي. هو لکي ٿو:

"The people's voice, the voice of God we call,
And what are proverbs, but the people's voice,
coined first and current made by common choice.
Then sure they must have weight and truth withal."

مطلب تہ: پهاڪا عوام جو آواز آهن، انهيءَ ڪري اسين انهن کي خدا جو آواز سڏيون ٿا. لاشڪ آهي عام ماڻهن جي آواز کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهن. ڪو پهاڪو چاهي اول ڪنهن هڪ شخص ٺاهيو هجي، جيڪو ٻين جي قبول ڪرڻ تي سماج ۾ مشهور ٿي ويو آهي. انهيءَ ڪري هر هڪ پهاڪي ۾ وزن ۽ سچائيءَ جو هئڻ لازمي آهي.

نتيجو

پهاڪي جي لازمي وصف کي ڌيان ۾ رکي هاڻي اُنهيءَ جي سمجهاڻي هن طرح ڏيئي سگهجي ٿي:

اُهو مروج استعمال، جيڪو ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن مان ٺهيل جملو يا جملن جو اهڙو ايڪو آهي، جنهن ۾ وهنواري زندگيءَ جي آزمودن مان حاصل ڪيل ڄاڻ پيريو پيو آهي، ۽ جيڪو گهڻو ڪري اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي، تنهن کي پهاڪو چئبو آهي. اکري معنيٰ ۾ ڪتب ايندڙ پهاڪي کي سنڌيءَ ۾ 'چوڻي' بہ سڏيو ويو آهي.

پهاڪن جي سچائي ۽ ڪن پهاڪن ۾ نظر ايندڙ تضاد

ڪڏهن ڪڏهن ڪن پهاڪن جي ويچارن ۾ تضاد نظر ايندو آهي، يعني اُنهن ۾ هڪ ٻئي جي خلاف بيان محسوس ٿيندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي، ته پهاڪن جي ويچارن ۾ ڪيتري قدر وزن آهي؟ ڇا اُنهن جي بيان جي سچائي هر حالت ۾ لاڳو ٿي سگهي ٿي؟ سنڌيءَ ۾ اهڙن پهاڪن جا ڪجهه مثال ڏسو:

1- ڪَن سان ڪَن ڪونہ ڏوپندو

(جيڪڏهن ڪو برائي ڪري ٿو يا خراب هلت ڪري ٿو، تہ ساڻس ساڳي هلت ڪرڻ سان هو سڌري نہ سگهندو.)

ٻئي طرف ان جي اُبتڙ ويچارن وارا پهاڪا بہ ملن ٿا، جيئن تہ:

- 'جهڙي سان تجي تهڙو' يا 'لچ کي لچ ٿي ملجي'

(يعني جيڪڏهن ڪو ڏنگو ٿو هلي، تہ اوهين بہ ساڻس ان ريت هلت ڪري ڪيس سبق سيکاريو.)

ڀيٽيو: انگريزي- 'Tit for tat' سنسڪرت- 'شٺم پرتي شاثيم ڪُريات'

2- پُڇٽا نہ مُنجهٽا

(ٻين کان صلاح وٺي ڪم ڪبو، تہ مونجهارو نہ ٿيندو.)

- جيترو پڇنديں، اوترو منجهنديں

(تون پنهنجي سمجهہ سان ڪم ڪر. جيترو ٻين کان پڇنديں، اوترو پيو منجهنديں، ڇاڪاڻ تہ هرڪو پيو الڳ الڳ صلاح ڏيندءِ.)

- ٻُڌجيِّ سڀ ڪنهن جي ڪجي پنهنجي

(سڀ ڪنهن کان راءِ وٺڻ گهرجي، پر پوءِ پنهنجيِ من سان سوچجي تہ ڪهڙي وات صحيح آهي، ان موجب هلت ڪجي. ڀيٽيو هندي: سُنو سبڪي، ڪرو من ڪي.')

3- جيڪي چُلهہ تي، سي دِلَ تي

(جيڪي گڏ رهن ٿا، اهي هميشہ ياد رهن ٿا، منجهن سڪ پريم وڌيڪ قائم ٿو رهي.)؛

- دور باش، خوش باش

(گڏ رهڻ سان ڪِٽ پِٽ، جهڳڙي ٿيڻ جو انديشو آهي. اِن ڪري هڪ ٻئي کانِ دور رهجي، تہ انهيءَ ۾ خوشي ۽ سک شانتي قائم رهي ٿي.)

4- بہ ياٿر ٿيون ليکو

(واپار ۾ حساب ڪتاب صاف رکڻ گهرجي)؛

– شريڪت ۾ مريڪت ڇا جي

(ڀائيواري يا ڏنڌي واپار جي وهنوار ۾ مروت، يا للي چپي ڇا لاءِ ڪجي؟ مطلب ته اِن ۾ ڪنهن جو به لحاظ نه رکجي.)

.(Money has no blood relation)

اِنهيءَ جي اَبتڙ اِها به چوڻي آهي ته

'ڀائرن سان ڪهڙا ليکا' ؟

(پنهنجپائيءَ ۾ ڀائپيءَ ۾ ڏي وٺ جو حساب رکڻ جي ضرورت نه آهي.)

5- ڀاءُ جهڙو ڪو پيارو ناهي ۽ ڀاءُ جهڙو ڪو ويري ناهي.

ٻي چوڻي اِها آهي ته:

– 'ڀاءُ آهي ڀاءُ، پر جي ٿئي دشمن، ته ڪِلي ساهُ'

(راڄن تان، ملڪيت تان ڀائرن جا جهڳڙا اڪثر ڏٺا ويا آهن. پوءِ اُهي هڪٻئي جا جاني دشمن بڻجيو پون. سنڌ جي لوڪ ڪٿائن ۾ دودي چنيسر جو قصو مشهور آهي)

6- گهڻين زالين گهَرُ نه هلي، گهڻين مَردين هَرُ نه هلي

(مطلب ته ڪنهن ڪم ۾ جي گهڻن جو هٿ پيو، ته اهو ڪم بگڙي پوندو يا بلڪل نه ٿيندو.)؛

يا ٻي چوڻي آهي:

– 'شراڪت جي ديگ ڏٺي تپائي'

(جڏهن روٽي ٺاهڻ جي جوابداري گهڻن ڄڻن تي ڇڏيل آهي، ته پوءِ اُها تيار ٿي نه سگهندي). اِنهن جي اَبتڙ هي چوڻيون به ملن ٿيون–

– ٻه ته ٻارهن

(ٻه ماڻهو جيڪڏهن پاڻ ۾ ملي ڪم ڪن، ته اهي ٻارهن ڄڻن جي برابر آهن.)؛

– گهڻن ڪنئي ڇپر ڪجي.

(گهڻا ماڻهو پاڻ ۾ ايڪو رکي جيڪڏهن جبل به کڻندا، ته اهو به ڪجي ويندو. مطلب ته، ڪهڙو به اوکو ڪم چو نه هجي، اهو آسان ٿي پوندو).

7- پنهنجا وري ٻڻ پنهنجا يا رت ونگو به وري:

(يعني پنهنجو رت ڏنگو چو نه هجي يعني مائٽ پاڻ ۾ رُنل يا وڙهيل چو نه هجن، پر وقت تي اهي هڪٻئي جي مدد ڪرڻ لاءِ هليا ايندا.

ڀيٽيو: "The blood is thicker than water"

اِنهيءَ جي ابتڙ چوڻي آهي:

'سوڙهيءَ سيرانديءَ وهنوار نہ ڪجي'

(ويجهي مائٽيءَ يا دوستيءَ ۾ ڏي- وٺ يا وهنوار نہ رکجي، ڇاڪاڻ تہ اِن مان پاڻ ۾ ڦڪت پيدا ٿي پوڻ جو انديشو آهي.

ڏسو: "Curse on accounts with relations"

8- 'مهمان اچن وڏ ڀاڳين گهر'

يا

'مهمان آهن ڀڳوان جو روپ'

ٻئي طرف اِها بہ چوڻي آهي تہ:

'اُويلو مهمان، پٺائي پاڻ' .

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي تہ پهاڪن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي جي خلاف ويچار نظر اچن ٿا. اِنهيءَ حالت ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي، تہ پهاڪن ۾ ڪيتري قدر سچائي آهي؟ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ پهاڪا زندگيءَ جي شخصي آزمودن تي ٻڌل آهن. زندگيءَ جي راهہ تہ تضادن ۽ مختلف تجربن سان ڀري پيئي آهي. ڪڏهن اِنسان ڏسي ٿو تہ جيون ۾ نيٺ سچائيءَ جي سوڀ ٿئي ٿي. اِن تي هو چوي ٿو تہ،

'سچ تہ بيٺو نچ'

پر ٻئي دفعي وري ڪي اهڙا مثال اکين ڏسي ٿو، جتي سچ جي راهہ تي هلندڙ شخص قدم قدم تي ڪشالا ٿا سهن ۽ مصيبتن ۾ ٿا ڦاسن، ٻئي طرف ٺڳ، دوکيباز ۽ حريف ماڻهو موجون پيا ماڻين، تہ هو محسوس ٿو ڪري تہ دنيا ۾

'اُکر نہ ڪٽي، مَڪر ڪٽي' .

يا

'پئسا ڪمائو مڪر سي، روٽي کائو شڪر سي.'

اِنهيءَ مان ثابت آهي تہ پهاڪن جي سچائي ڪا عالمگير سچائي نہ آهي جيڪا هر وقت، هر مُلڪ ۾ ۽ هر حالت ۾ لاڳو ٿي سگهي. هڪ ئي حقيقت جو عڪس جدا جدا ڪنڊن تان الڳ الڳ نظر اچي ٿو. ساڳيءَ طرح پهاڪن ۾ بيان ڪيل سچائي بہ پوريءَ حقيقت جو ڪو هڪ خاص پهلو پيش ڪري ٿي. اِنهيءَ ڪري پهاڪن جو سچ اِخلاقي نڪتي نگاهہ کان صحيح آهي. اُهو منطق تي ٻڌل مڪمل سچ نہ آهي. جيون جي حقيقتن مان ماپا ۽ ماڻ اسين ڪِٿپ جي نيمن مطابق مقرر نٿا ڪري سگهون. آهي تہ جدا جدا حالتن ۽ الڳ الڳ زمان ۽ مڪان جي لحاظ کان بدلجندا ٿا رهن. اِنڪري پهاڪن جي بيان ۾ جيڪڏهن ڪٿي ڪٿي تضاد يا مختلف رايو ملي ٿو، تہ اهو سڀاويڪ آهي.

پهاڪا ۽ ٻيا سخن

هتي پهاڪن ۽ اُنهن سان مشابهت رکندڙ ٻين سخن جي وچ ۾ فرق ڏيکارجي ٿو.

الف: پهاڪو ۽ حوالو (Quotation)

وڏن شاعرن جي شعر جون ٽڪون ۽ ليکڪن جون ڪجهه سِٽون اڪثر بيان ۾ حوالي طور ڪتب آڻجن ٿيون. جيئن ته:

1- ”وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻوليءَ ٻيءَ ۾ ڀُلَ.“
(شاهه لطيف)

2- ”پڙاڏو سو سڏ، وَر وائيءَ جو جي لهين“
(شاهه لطيف)

شاهه لطيف جي ڪلام مان اهڙيون سِٽون جيڪڏهن بيان ۾ ڪتب آڻبيون، ته اهي حوالا چئبا. جيڪي پنهنجيءَ ڳالهه جي پٺڀرائيءَ لاءِ استعمال ڪيا ويا آهن. اِهي پهاڪن کان اِن ڳالهه ۾ الڳ آهن، ته اِنهن جي رچيندڙ جي ڄاڻ آهي، ٻئي طرف پهاڪو اصل ۾ ڪنهن سرجيو، اُهو معلوم نه هوندو آهي. ٻيو ته اِهي سِٽون پهاڪن وانگر روزاني زندگيءَ جي شخصي آزمودن تي ٻڌل نه آهن. اِنهن ۾ اونهي فلاسافي سمايل آهي، جيڪا عام طور پهاڪن ۾ نه هوندي آهي. تيون ته عام ماڻهن ۾ ڦهلاءُ، -جيڪا هر هڪ پهاڪي جي لازمي وصف آهي، اُها پڻ اِنهن ۾ نه ٿي ملي. اِنهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته شاهه جي ڪلام جون ٻيون ڪيتريون سِٽون عوام ۾ مروج هئڻ ڪري پهاڪي جو درجو حاصل ڪري چڪيون آهن. مثال طور:

- ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري.
- تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي.
- ڏات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.

ب: پهاڪو ۽ قول

سنتن مهاتمائن جا قول ۽ ڄاڻ وارا نصيحت ڀريا نڪتا پڻ پهاڪن کان الڳ آهن. جيئن ته:

’علمُ انسان جو ٽيون اک آهي.‘
’برهم سچ ۽ جڳت ڪوڙ آهي.‘

’روح امر آهي جسم فاني آهي. روح امر آهي ۽ جسم فاني آهي.‘

اهڙا قول چاهي لوڪ ۾ مشهور به ٿي وڃن، ته به اُنهن جو واسطو چاڻ ۽ دماغي ورزش سان آهي. اِهي عام لوڪن جي اُپج نه آهن ۽ نڪو روزاني زندگيءَ ۾ شخصي آزمودن تي ٻيڻل آهن. اِن ڪري اهڙا قول ۽ نصيحت ڀريا نڪتا پهاڪا نٿا ليکجن.

ٻ: پهاڪو ۽ ٽوٽڪو يا لطيفو

پرمانند ميوارام جي ڪتاب ”دلبهار“ ۽ ڪيولرام سلامتراءِ جي ڪتاب ”گل“ ۾ چڱائي ٽوٽڪا ۽ لطيفا گڏ ڪري ڏنا ويا آهن. چاهي ڪو ٽوٽڪو يا لطيفو ٻن ٽن سٽن جو ئي ڇو نه هجي، پر اُهو پهاڪو نٿو ليکجي، ڇاڪاڻ ته منجهس ايڪائي وصف نه آهي. يعني اهو ڪنهن هڪ مقرر روپ ۾ عوام ۾ دُهرايو نٿو وڃي. ٻيو ته اهڙن لطيفن ۽ ٽوٽڪن جو مکيه مقصد چرچو گهٻو ۽ وندر سان گڏ نصيحت هوندو آهي.

پ: پهاڪو ۽ پرولي

پهاڪن وانگر پروليون به عوام ۾ مروج آهن ۽ ننڍڙي روپ واريون هونديون آهن، پر ٻنهي جي مقصد وچ ۾ گهڻو فرق آهي. پهاڪا عام ماڻهوءَ جي روزاني زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل آزمودن جو اظهار آهن. پرولين ۾ پڻ اها وصف ملي ٿي، پر انهن جو مقصد ٻڌي جي سهج سياڻپ چاڻ جي پرک ڪرڻ آهي. اِن ڪري، اُن ۾ سمايل سوال يا راز کي حل ڪرڻ لاءِ دماغ کان ڪم وٺڻو پوندو آهي. روزاني زندگيءَ ۾ جڏهن پهاڪا پنهنجي ڳالهه جي پٺڀرائيءَ، وغيره لاءِ ڪتب آڻجن ٿا، تڏهن پروليون ٻين کي سلڻ لاءِ ڏجن ٿيون.

پرولين جا ڪجهه مثال آهن:

- سوڙهيءَ گهٽيءَ ۾ نانگ لنگهائي ڏي. (اُبداڻي ۾ اِڳٺ)
- ماءُ ڄائي ناهي ته پٽ ڪوٺا ٿو ٽپي. (ٻام ٻرڻ کان اڳ دونهون نڪرڻ)
- جيئن ڇڪ، تيئن ڇوٽي ٿئي. (ٻيڙي)
- هيڏڙي، تر جيڏڙي، وڏن جا ٽي پٽڪا لاهي. (جوُنءِ)
- مڙس ٽنگيو پيو آهي، زال پٺي گهمي. (ڪلف ڪنجي)

4

محاورو يا اصطلاح

ٻوليءَ ۾ مروج استعمال جو اڀياس ڪندي اسان ڏٺو تہ محاورو يا اِصطلاح اهو مروج استعمال آهي، جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج مطابق ٻي معنيٰ ڏيندو آهي. مثال طور: ” ڪملا ساهيڙين واتان اِها ڳالهہ ٻڌي پاڻي پاڻي ٿي ويئي“. انهيءَ جملي ۾ ’پاڻي پاڻي ٿيڻ‘ هڪ محاورو يا اصطلاح آهي، جنهن جو مطلب آهي، ”لڄي ٿيڻ، شرمسار ٿيڻ.“ هتي اهڙن استعمالن بابت وڌيڪ وستار سان ويچار ڪجي ٿو.

محاوري يا اصطلاح جي اکري معنيٰ

’محاورو‘ ۽ ’اصطلاح‘ ٻئي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪي فارسيءَ ۾ بہ ڪتب ايندا آهن. اِهي لفظ پوءِ اردو، هندي، سنڌي، پنجابي، ڪشميري ۽ ٻين ڪن ٻولين ۾ بہ مروج ٿي ويا آهن. ’محاورو‘ لفظ جو عربيءَ ۾ اُچار آهي- ’مُحاورت‘ اِهو ’حاور‘ يا ’حَوَرَ‘ فعل مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي ’موٽائڻ، ورندي ڏيڻ‘ پوءِ اُنهيءَ جي معنيٰ ۾ وستار ٿي ويو آهي. پلاٽس اِنهيءَ لفظ جون اردو- هندي ڊڪشنريءَ ۾ معنائون ڏنيون آهن.

(1) گفتگو، ڳالهہ ٻولهہ، (2) اصطلاح، لفظي ميڙ، عام ڳالهہ ٻولهہ جو طريقو؛ (3) ٻوليءَ ۾ استعمال، (4) روايت، پرمپرا، عادت. (1)

---

(1) Platts, John T., A Dictionary of Urdu, Classical Hindi and English, Oxford. 1884. p. 1007

محاورا S.M.Dialogue, Conversation, Conference, Idiom, Phraseology, Common or Current speech, usage, pracitce, habit.

جامع سنڌي لغات ۾ 'محاورو' لفظ جون معنائون هن ريت ڏنل آهن:

● مُحاورو- جمع مُحاورا. مذڪر (عربي، حَوَرَ= هن ورائي ڇيو) گفتگو- ٻول چال- ڳالهه ٻولهه- سوال جواب. علم نحو موجب اهو جملو، جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي هجي، ته ڪنايت معنيٰ ٻي هجي، مثلاً: "اکيون ٻورڻ= بي شرم ٿيڻ، مرڻ"، وغيره. اصطلاح- ورجيس. استعمال- اڀياس- ساڌنا- مشق- آزمودو- تجربو. (1)

ساڳيءَ طرح، اصطلاح پڻ عربي لفظ آهي، جنهن جو بنياد آهي، 'صلح' يعني موافق، سنو يا وڻندڙ ٿيڻ.' پلاٽس اِنهيءَ لفظ جون اردو- هنديءَ ۾ معنائون ڏنيون آهن. لفظي ميڙ، فقرو، محاورو؛ ٻوليءَ ۾ استعمال؛ ڪا مقبول معنيٰ؛ مروج ٽيڪنڪي لفظ. (2)

جامع سنڌي لغات ۾ 'اصطلاح' لفظ جي اڻپوري معنيٰ ڏنل آهي، آها آهي- ڪنهن ڌنڌي يا فن جو لفظ- ورجيس. ٻئي طرف، انهيءَ لفظ جي صفت روپ 'اصطلاحي' ۾ وڌيڪ معنيٰ ڏنل آهي. "محاوري وارو مشهور معنيٰ کانسواءِ ٻي خاص معنيٰ رکندڙ (لفظ) (3)

محاورو يا ورجيس

ٻوليءَ ۾ مروج استعمال جا قسم سمجهائيندي، مون ڏيکاريو آهي، ته محاورو يا اِصطلاح، معنيٰ جي لحاظ کان ورجيس کان الڳ آهي. حقيقت ۾ ورجيس اهڙو لسانيات استعمال آهي، جيڪو اکري معنيٰ ۾ نٿي ڪتب ايندو آهي، پر اهو ڪنهن خاص روپ ۾ مروج ٿي ويندو آهي، جنهن ڪري ٻين مروج استعمالن وانگر ان کي به ايڪائي وصف حاصل ٿي ويندي آهي. مطلب ته ان جي روپ ۾ اسين مرضيءَ مطابق ڦيرگهير ڪري نٿا سگهون. اُردوءَ جي عالمن اهڙن استعمالن کي 'روز مره' يا 'ٻول چال' نالو ڏنو آهي.

مثال طور، 'ائين ڀڳو جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ' هڪ ورجيس آهي، جيڪا اکري معنيٰ ۾ نٿي ڪتب ايندي آهي."

---

(1) بلوچ، نبي بخش خان: 'جامع سنڌي لغات' (جلد پنجون)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ 1988. ص: 2616.

(2) Platts, same اصطلاح s.f. Phrase, phraseology, idiom, usage, assepted signification, conventional meaning, conventional term, technical term. p. 58.

(3) بلوچ، نبي بخش خان: 'جامع سنڌي لغات' (جلد پهريون)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص: 204.

هو اهڙو ڪجي جهڙو پيت" به هڪ ورجيس آهي.

'ورجيس' لفظ جا سنڌيءَ ۾ پيا اُچار آهن: 'ورجيس، ورج' جامع سنڌي لغات ۾ اِنهن جون معنائون ڏنل آهن: ورج = رسم- رواج- دستور- هلت. رهڻي ڪهڻي. ريت- پرويز- پر- هلي چلي- مرجاتا- وتيرو- حال- عادت- هير- ورد. محاورو- اصطلاح- وغيره. (1)

'ورجيس' جون پڻ ساڳيون معنائون ڏنل آهن. منهنجي ويچار ۾ اِنهيءَ ورج جو سنسڪرت ۾ بنياد آهي 'ورت' ڌاتو. اَن جون معنائون گهڻيئي آهن جن مان ڪجهه هن ريت آهن:

هُئڻ- ٿيڻ، ڦرڻ- موٽڻ (پيٽنيو- سنڌي فعل ورجائڻ) گذر ڪرڻ- ريت رواج ۾ هئڻ.

اِن مان اِسم ٺهيل آهي 'ورت' جيڪو لفظن جي خاص استعمال يا طاقت لاءِ پڻ استعمال ڪبو آهي. ورج- ورجس- ورجيس پڻ اهو استعمال آهي، جيڪو ڪنهن ٻوليءَ جي رواج ۾ مشهور آهي ۽ بار بار ساڳئي نموني ڊُهرايو ويجي ٿو.

انگريزيءَ ۾ محاوري (اصطلاح) ۽ ورجيس کي گڏي 'Idiom' سڏيو ويجي ٿو، جنهن جون گهڻيئي پيون معنائون پڻ آهن.

سنسڪرت ۾ محاوري يا اِصطلاح لاءِ ڪو خاص الڳ هم- معنيٰ ٽيڪنيڪي لفظ اسان کي ڪونه ٿو ملي. انهيءَ جو ڪارڻ اِهو آهي ته ان زبان جي ماهرن اهڙن استعمالن کي شبد شڪتي (لفظن جي طاقت) جي اندر سمجهايو آهي. انهيءَ ڪري هنديءَ ۾ ٿوري پين ڪن ٻولين ۾ ودوانن محاوري، اصطلاح ۽ ورجيس جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪي خاص ٽيڪنيڪي لفظ گهڙيا آهن. جيئن ته: واڪ- پڌتي، واڪ- ريتي، - واڪ- ويوهار، واڪ- سمپردايه، واگ- ريتي، واگ- ڌارا، وغيره. اهڙن لفظن جو گهڻو پرچار ٿي نه سگهيو آهي. هنديءَ ۾ عام طور 'محاورا' لفظ ئي اهڙن مروج استعمالن لاءِ ڪتب ايندو آهي.

محاورو ۽ لفظن جي طاقت

سنسڪرت زبان جي ڄاڻن 'شبد شڪتي' يعني لفظن جي طاقت سمجهائيندي، لفظ ۽ اُنهيءَ جي معنيٰ بابت گهڻيءَ باريڪيءَ سان ويچار ڪيو

---

(1) بلوچ، نبي بخش خان: 'جامع سنڌي لغات، سنڌي' (جلد 5)، ادبي بورڊ، حيدرآباد. ص: 2939.

آهي. جيئن تہ، محاورن ۾ پڻ معنيٰ جي نرالائي سمايل آهي، انهيءَ ڪري هتي
توري ۾ لفظ ۽ انهيءَ جي معنيٰ تي بحث ڪجي ٿو.

ٻوليءَ ۾ اسين گهڻيئي اهڙا لفظ استعمال ڪندا آهن، جن جي اکري معنيٰ هڪڙي هوندي آهي، تہ بيان ۾ گهربل معنيٰ ٻي هوندي آهي. مثال طور، جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي باري ۾ اسين چئون ٿا. "فلاڻو اٽيئي ٻگهلو پڳت، مٿان سندس ڦندي ۾ ڦاٿو آهين." تڏهن اسان جو مطلب اِهو نہ آهي تہ بيان ڪيل ماڻهو ٻگهہ پکي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ "ٻگهلو" لفظ جي اکري معنيٰ نہ ڪٺي، اسين اُن جو ٻيو مطلب ڪڍون ٿا، جيڪو آهي- "ٺڳ، دوکيباز، مڪار". هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ لفظن ۾ اُها ڪهڙي شڪتي يا طاقت آهي، جيڪا اکري معنيٰ جي اظهار ڪرڻ ڪانسواءِ ٻي معنيٰ بہ ڄاڻائي ٿي.

لفظ ۽ معنيٰ

لفظ ۽ انهيءَ جي معنيٰ جو پاڻ ۾ ڪهڙي قسم جو لاڳاپو آهي؟

اسين ڳالهائڻ جي عضون ذريعي جيڪي آواز اُچاريون ٿا، اُهي ڪنهن مقرر ترتيب ۾ اچي 'لفظ' جو روپ اختيار ٿا ڪن. ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ هرهڪ لفظ کي ڪانہ ڪا معنيٰ ضرور هوندي آهي. ڪنهن لفظ کي ٻڌڻ سان جنهن ڀاونا، ويچار، شيءِ يا پراڻيءَ جو نقش اسان جي دل ۽ دماغ ۾ اڀري ٿو، تنهن کي انهيءَ لفظ جي معنيٰ چئجي ٿو. سنڌيءَ ۾ ڳئون لفظ ٻڌڻ يا پڙهڻ سان هڪدم هڪ خاص قسم جي چوپائي جانور جو چٽ اسان جي ڌيان تي تري ٿو اچي. ساڳيءَ طرح، 'ڪرسي'، 'ميز، 'ڪتاب' وغيره لفظن ٻڌڻ سان اسان جو ڌيان ڪن مقرر بناوت وارين شين ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي. اِن طرح، ٻوليءَ جو هرهڪ لفظ ڪنهن نہ ڪنهن معنيٰ جو اظهار ڪري ٿو. ڪهڙي لفظ ڪهڙي معنيٰ ڄاڻائي، اِهو تہ فقط ان ٻوليءَ ڳالهائيندڙ سماج جي روايت يا لوڪاچار (Convention) تي ٻڌل آهي. اسين پنهنجن وڏن ڪان ۽ انهيءَ ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙ ٻين ماڻهن ڪان لفظ ٻڌون ٿا، سندن استعمال ڄاڇيون ٿا ۽ انهن جون معنائون پروڙيون ٿا. پوءِ پاڻ بہ اُهي لفظ ساڳيءَ طرح، ساڳين معنائن ۾ ڪتب آڻيون ٿا. انهيءَ طرح صدين ڪان وٺي پيڙهيءَ در پيڙهيءَ ٻولي هلندي پيئي اچي. سمي گذرندي ٻوليءَ جي بيهڪ، لفظن جي اُچارن ۽ معنيٰ ۾ بہ ڪي قدر فرق اچيو وڃي. اِنهيءَ ڪري 'قاضي قادن'، 'شاهہ ڪريم' ۽ 'شاهہ لطيف' جي سنڌيءَ ڪان هاڻوڪي سنڌيءَ ۾

اسان کي تبديلي نظر اچي ٿي.

هتي اسان کي اهو چئيءَ طرح ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته لفظ جو پنهنجيءَ معنيٰ سان لاڳاپو ڪنهن به خاص ترڪ يا منطق تي ٻڌل نه آهي. ٻوليءَ جي سماجي لوڪاچار مطابق هرهڪ لفظ جي معنيٰ مقرر ٿي ويئي آهي. اِها ڳالهه اسان کي سهج ئي سمجهه ۾ اچي ٿي وڃي، جڏهن اسين ڏسون ٿا ته هڪ ئي شيءِ لاءِ جدا جدا ٻولين ۾ الڳ الڳ لفظ مقرر ٿي ويا آهن. مثال طور، جنهن جانورن کي اسين سنڌيءَ ۾ ڇئون ٿا 'ڳانءِ يا ڳئون' تنهن کي سنهلي ٻوليءَ ۾ چون 'دين يا ايلدين'، تبيتي ٻوليءَ ۾ چون 'ٻا'، انگريزيءَ ۾ چون ڪئو (Cow)، فرينچ ۾ چون 'واش'، ته گريڪ ۾ چون 'بوي' (Bove). مزي جي ڳالهه ته اها آهي ته هڪ جهڙي اُچار وارا لفظ به هڪڙي ٻوليءَ ۾ هڪ معنيٰ ٿا ظاهر ڪن ته ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ٻيو مطلب ٿا ڄاڻائين. جيئن ته، 'تپ' لفظ جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ آهي 'بخار' ته تامل ٻوليءَ ۾ ان جو مطلب آهي 'غلطي، چوڪ'. 'پيلا' لفظ جي مرانيءَ ۾ معنيٰ آهي 'پيالو'، ته سنڌيءَ ۾ ان جو مطلب آهي 'آنڊڪوش، آنوڙا'.

هر هڪ ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ به هوندا آهن، جن جي معنيٰ فقط ٻوليءَ جي وياڪرڻي ڍانچي سان واسطو رکندڙ هوندي آهي. جيئن ته ۾، تي، يا، ۽، واهه، آڙي. اهڙن لفظن جي اچار سان ٻڌندڙ جي ڌيان تي ڪنهن شيءِ پراڻيءَ، وغيره جو عڪس نه اڀرندو آهي. پر ان جي بجاءِ ڪنهن جملي جي رچنا ۽ اُن ذريعي ظاهر ٿيندڙ مطلب سمجهڻ ۾ مدد ملندي آهي.

لفظن جي طاقت

- هي 'هيرو' تمام ملهائتو آهي.
- هائر سيڪنڊري اسڪول جي اِمتحان ۾ 'هيرو' پهريون نمبر آيو آهي.

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي ته پهرئين جملي ۾ 'هيرو' جي معنيٰ هڪ قيمتي پٿر يا جواهر آهي، پر ٻئي جملي ۾ 'هيرو' ڪنهن ڇوڪري جو نالو آهي. اِنهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪنهن به لفظ جي معنيٰ جي پوري ڄاڻ تڏهن حاصل ٿئي ٿي، جڏهن اُن جو استعمال جملي ۾ ڪجي ٿو.

لفظ جي اُها قابليت، جنهن جي ذريعي اُهو جدا جدا جملن ۾ گهربل معنيٰ ڏئي ٿو، تنهن کي 'شبد شڪتي' يا 'لفظن جي طاقت' چئجي ٿو.

لفظن جي طاقت ٽن قسمن جي آهي.
الف: اظهار جي طاقت (Power of Expression)
ب: ڏسُ ڏسيندڙ طاقت (Power of Indication)
ب: اِشاري جي طاقت (Power of Suggestion)
هاڻي اچو تہ لفظن جي طاقت جي انهن ٽنهي قسمن تي الڳ الڳ ويچار ڪريو.

الف: اظهار جي طاقت (Power of Expression)

لفظ ۽ انهيءَ جي معنيٰ تي ويچار ڪندي اسان ڏٺو، تہ لفظ جو سندس معنيٰ سان لاڳاپو فقط لوڪاچار يا پرمپرا تي ٻڌل آهي. ڳئون، مينهن، گهوڙو، گڏهہ، وڻ، ڪتب، ٻگهلو، زال، مرد، وغيره لفظ جيڪا پنهنجي پنهنجي معنيٰ ڄاڻائين ٿا، سا فقط انهيءَ ڪري جو اِهي لفظ اِنهن معنائن ڄاڻائڻ لاءِ سماج ۾ مروج ٿي ويا آهن. اظهار جي طاقت لفظ جي اُها قابليت آهي، جنهن ذريعي لفظ جملي ۾ سڌيءَ طرح پنهنجي پهرين يا مکيہ معنيٰ ڄاڻائي ٿو. اِن ريت حاصل ٿيل معنيٰ کي لفظ جي اکري يا مکيہ معنيٰ (Primary Meaning) چئبو آهي. سنسڪرت ۾ انهيءَ کي 'واچيہ ارٿ' سڏيو ويو آهي، ۽ اهڙن لفظن کي 'واچڪ شبد' (اکري معنيٰ ڏيندڙ لفظ) چيو ويو آهي.

هر هڪ ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ پڻ آهن، جيڪي بيان ۾ پنهنجيءَ اکري معنيٰ کي ڇڏي، ڪنهن ٻيءَ معنيٰ کي ڄاڻائيندا آهن. جيئن تہ:

1- مومل 'گونگي ڳانءِ' آهي.
2- هو آتيٺي 'ٻگهلو ڀڳت'، ڪانئس خبردار رهجانءِ.
3- هو تہ بلڪل 'گڏهہ' آهي، هيتري سمجهاڻيءَ بعد بہ ڪم صحيح نموني پورو نہ ڪيائين.

اِنهن جملن ۾ 'ڳانءِ'، 'ٻگهلو' ۽ 'گڏهہ' لفظ پنهنجي اکري معنيٰ ۾ ڪتب نہ آيا آهن. پر اُهي ٻيو مطلب ظاهر ڪن ٿا. 'ڳانءِ' جو مطلب هتي آهي 'ماٺيٺي، ساٺيڪي سياءُ واري ڇوڪري.' 'ٻگهلو ڀڳت' جو هتي مطلب آهي 'دوکيباز، ٺڳ، مڪار'. ساڳيءَ طرح، 'گڏهہ' جو هن جملي ۾ مطلب آهي 'مورک، بيوقوف.' اِن طرح، بيان ۾ لفظ جيڪا ٻي معنيٰ ڄاڻائن ٿا، انهيءَ کي لفظ جي 'اصطلاحي يا ٻي معنيٰ (Metaphorical or Secondary Meaning) چئجي ٿو.

ٻوليءَ ۾ لفظ، اصطلاحي يا ٻي معنيٰ ڄاڻائڻ لاءِ جنهن قوت يا طاقت کي استعمال ڪندو آهي، اُها ٻن قسمن جي هوندي آهي. 'ڏسيندڙ طاقت' ۽ 'اشارتي سگهہ'. هاڻي اچو تہ اِنهيءَ تي وڌيڪ ويچار ڪريون.

ب: ڏسيندڙ طاقت (Power of Indication)

جڏهن اسين ڪنهن ماڻهوءَ بابت چئون ٿا تہ، ”فلاڻو آتيئي بگهلو بگت. ڪانئس خبردار رهجانءِ“. تڏهن هن جملي ۾ ’بگهلو بگت‘ لفظ جي اکري معنيٰ ’بگهلو پکي‘ نہ ڪٿي، ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي معنيٰ ڪٿجي ٿي، جيڪا آهي، ’ٺڳ، دوکيباز، مڪار‘. اِها ٻي معنيٰ لفظ ڪيئن ٿو ڏئي؟

جملي ۾ لفظ هميشه پهريائين پنهنجي اکري معنيٰ ظاهر ڪندو آهي. پر اُها جيڪڏهن اُن جملي جي حاصل مطلب سان ٺهڪندڙ نہ هوندي آهي، تہ پوءِ انهيءَ جي ٻي معنيٰ ڪٿبي آهي. هتي ڏنل مثال ۾ ’بگهلو‘ لفظ جي مکيہ معنيٰ ’بگهہ پکي‘ جملي ۾ نٿي ٺهڪي، ڇاڪاڻ جو ٻڌندڙ کي ڄاڻ آهي تہ جنهن شخص جو هتي ذڪر ڪيو ويو آهي، اُهو بگهہ پکي نہ آهي، پر هڪ ماڻهو يا اِنسان آهي. اِنهيءَ مان ثابت آهي تہ ڪوبہ لفظ ٻي معنيٰ ڄاڻائي، اُنهيءَ لاءِ پهريون شرط اِهو آهي تہ سندس مکيہ يا اکري معنيٰ ۾ رڪاوٽ پوڻ گهرجي. جڏهن لفظ جي مکيہ معنيٰ ۾ رڪاوٽ ٿي پوي، تڏهن اسين اُنهيءَ جي ٻي معنيٰ ڪٿون ٿا. پر انهيءَ جو اِهو مطلب بلڪل نہ آهي، تہ اسان کي جيڪا بہ معنيٰ کپي اُها ڪٿي سگهون ٿا. انهيءَ ٻيءَ معنيٰ جو پهرينءَ معنيٰ سان ڪونہ ڪو لاڳاپو ضرور هئڻ گهرجي.

’بگهلو‘ لفظ جي مکيہ معنيٰ ڇڏي، جڏهن اسين ٻي معنيٰ ڪٿون ٿا، انهيءَ جو ڪارڻ اِهو آهي جو ٻنهي معنائن ۾ گهرو سنبنڌ آهي. بگهہ پکيءَ ۽ ٺڳ ماڻهوءَ جي سڀاءَ ۾ هڪجهڙائي آهي. بگهہ پکي جڏهن ڳچي بدن ڏانهن سرڪائي، اکيون ٻوٽي چپ چاپ ڍنڍ ۾ هڪ ٽنگ تي بيهي رهندو آهي، تڏهن ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ تہ ڪو ساڌو مهاتما پاڻيءَ ۾ هڪ ٽنگ تي بيٺو تپسيا ڪري. پر جيئن ئي پاڻيءَ ۾ ٿورو بہ چرپر ٿي، تيئن ئي هو اکيون ڦرڙائي، مڇيءَ کي ڏسڻ شرط ئي جهپ هڻي پڪڙي وٺندو آهي. ٺڳ ماڻهو بہ بگهہ پکيءَ جيان آهي. هو ٻاهران تہ گهڻوئي ساڌو لڳندو آهي، پر اندر ۾ بہ آڳر واڌو يعني پڪو ابليس هوندو آهي. هاڻي ثابت ٿيو تہ لفظ ٻي معنيٰ ڏسي، اِنهيءَ لاءِ ٻيو شرط اِهو آهي تہ انهن ٻنهي معنائن ۾ هڪ جهڙائي هئڻ کپي. اِتي توهان سهج سڀاءُ اِهو سوال پڇندا تہ اسين اهڙا لفظ ڪتب ئي ڇو ٿا آڻيون، جو جملي ۾ سندن مکيہ معنيٰ نٿي ٺهڪي، جنهن ڪري پوءِ اسان کي سندن ٻي معنيٰ تي ڪَٽِي پوي. اِنهيءَ جو جواب اِهو آهي تہ اسين

ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ اِن ڪري ئي استعمال ڪريو، جو منجهن اثر ۽ زور پيدا ڪرڻ جي جيڪا قوت آهي، اُها اڪري معنيٰ ڏيندڙ لفظن ۾ ڪانهي. ڪنهن شخص کي ٺڳ يا دوڪيباز چوڻ سان اُنهيءَ ماڻهوءَ جو سياءُ چٽيءَ طرح ۽ اثرائتي نموني ظاهر ٿئو ٿئي، ڇاڪاڻ ته ٺڳي هڪ خيالي (Abstract) عمل آهي. پر اُنهيءَ ماڻهوءَ کي ٻگهلو چوڻ سان اسين ٻگهه پکيءَ جي سياءُ جي تمثيل ڏيئي، سندس عادت ۽ وهنوار جو چٽو ۽ اثرائتو چٽ چٽي ٿا ڇڏيون. اهڙن لفظن کي ٻوليءَ ۾ ڪتب آڻڻ جو اِهوئي مکيه ڪارڻ آهي.

هاڻي ظاهر ٿيو، ته ٻوليءَ ۾ جڏهن اسين ڪنهن لفظ کي اڪري معنيٰ ۾ نه ڪٺي، انهيءَ سان واسطو رکندڙ ڪنهن ٻيءَ معنيٰ ۾ اُن کي ڪتب آڻيون ٿا، تڏهن اُنهيءَ لاءِ ڪو خاص مقصد يا ڪارڻ هوندو آهي. اِن ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ هي جملا ڏسو:

- اڄ ڪرڪيٽ راند ۾ ڀارت ۽ پاڪستان جو مقابلو ٿيندو.
- هردوار ۾ گنگا تي سوامي گٽيشانند جو آشرم آهي.
- سر تي ڇو چڙهيو بيٺو آهين؟ ڪم ڪرڻ ڏي.

پهرئين جملي ۾ 'ڀارت' ۽ 'پاڪستان' جو مطلب اِنهن ٻنهي ملڪن جي رانديگرن جي ٽيم آهي، جيڪي حقيقت ۾ پنهنجي پنهنجي ملڪ جا عيوضي آهن، شان آهن. هتي 'ٽيم' يا 'ٽولي' چوڻ بدران اُنهن ٽولين جي ملڪن جو نالو استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن جو ڪارڻ اِهو ڏيکارڻ آهي، ته اهي ٽوليون ڄڻ ته پنهنجي ملڪ جي شان جي علامت (Symbol) آهن. ٻئين جملي ۾ 'گنگا تي' لفظن استعمال ڪرڻ جو مقصد اِهو آهي ته اُهو آشرم بلڪل گنگا نديءَ جي ڪناري تي آهي يعني نديءَ جي تمام ويجهو آهي. ساڳيءَ طرح ٽئين جملي ۾ 'سِرَ تي' لفظن جو مطلب آهي ته ايترو ويجهو ڇو بيٺو آهين، جو مونکي ڪم ڪرڻ ۾ رڪاوٽ ٿي ٿئي. اِن طرح لفظن جي اهڙن استعمالن ۾ ڪونه ڪو مقصد هوندو آهي. وقت گذرندي گهڻيئي لفظ پنهنجيءَ ٻيءَ يا اصطلاحيءَ معنيٰ ۾ ٻوليءَ ۾ مشهور ٿي ويندا آهن. اِنهيءَ ڪري اهڙن لفظن جي اڪري معنيٰ سان گڏ، انهن جي اِصطلاحي معنيٰ به ڊڪشنريءَ ۾ درج ڪري ڇڏبي آهي. جيئن ته، گڏهه ۽ ڳانءِ پنهنجيءَ اڪري معنيٰ ۾ خاص جانورن ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿا. پر انهن جي اِصطلاحي معنيٰ 'گڏهه' يعني 'مورک' ۽ 'ڳانءِ' يعني 'ماڻهو، حليم سياءُ وارو اِنسان' به ٻوليءَ ۾ مشهور آهي.

ڪيترائي لفظ جڏهن پنهنجيءَ اصطلاحي معنيٰ ۾ مشهور ٿي وڃن ٿا، تڏهن اڪثر اِهو سمجهڻ مشڪل ٿي پوندو آهي ته اُن لفظ ڪي اِها ٻي معنيٰ ڪهڙي مقصد يا ڪارڻ سان ڏني ويئي. مثال طور:

- فلاڻي کي ته نڪ ئي ڪونهي.
- حيدرآباد، سنڌ جو نڪُ آهي.

پهرئين جملي ۾ 'نڪ' لفظ جو مطلب آهي، 'لڄ- شرم، حياءُ'، ٻئين جملي ۾ 'نڪ' لفظ جو مطلب آهي 'شان، فخر'. 'نڪ' لفظ جون اِهي اصطلاحي معنائون هاڻي اسان جي ٻوليءَ ۾ مشهور ٿي ويون آهن. سڀ کان اول جنهن شخص 'نڪ' لفظ جو استعمال اِنهن اِصطلاحي معنائن ۾ ڪيو هوندو، تڏهن سندس سامهون ڪو خاص مقصد هوندو، جيڪو هن ريت ٿي سگهي ٿو. جهڙيءَ طرح ماڻهوءَ جي جسم ۾ مُنهن هڪ مکيه عضوو آهي، اُنهيءَ ۾ پڻ 'نڪ' منهن جي سيني حصن کان ٻاهر ۽ سامهون بيٺل آهي، ساڳيءَ طرح، 'عزت، لڄ، شرم' جو جذبو پڻ اِنسان جي وجود جو هڪ مکيه اسم آهي ۽ سندس شان آهي. هاڻي ثابت ٿيو ته ڪنهن به لفظ جي اڪري معنيٰ ڇڏي، اُنهيءَ جي ٻي اصطلاحي معنيٰ ڪڍڻ لاءِ ٽيون شرط اِهو آهي ته اُها معنيٰ يا ته ڪنهن ڪارڻ تي ٻڌل هجي، يا اُنهيءَ اصطلاحي مطلب ۾ اُها ٻوليءَ ۾ مروج ٿي ويئي هجي.

هتي بيان ڪيل نموني، ڪوبه لفظ، جڏهن ٻي معنيٰ ڏئي ٿو، تڏهن اُنهيءَ معنيٰ ڏيکارڻ لاءِ لفظ جي 'ڏسيندڙ طاقت' ڪم ڪري ٿي. ڏسيندڙ طاقت لفظ جي اُها طاقت آهي، جيڪا لفظ جي مکيه يا اڪري معنيٰ ۾ رڪاوٽ پوڻ بعد، مکيه معنيٰ سان لاڳاپو رکندڙ، سماج ۾ مروج يا ڪنهن ڪارڻ تي آڌار رکندڙ ٻي معنيٰ ڏسي ٿي. اهڙيءَ ريت حاصل ٿيندڙ معنيٰ کي لکشيارٿ (لکشيه + آرٿ يعني ڏسيل معنيٰ) چئجي ٿو، ۽ اها معنيٰ ڏيندڙ لفظ کي لاکشڪ شبد (ڏسيندڙ لفظ) سڏجي ٿو.

ب: اشارو يا اشاري جي طاقت (Power of Suggestion)

جڏهن اسين ڪنهن ماڻهوءَ کي ٻگهلو ٿا چئون، تڏهن جملي ۾ اِنهيءَ لفظ جي مکيه معنيٰ ۾ رڪاوٽ پوڻ ڪري، ٻڌندڙ شخص اشارتي سگهه ذريعي اِنهيءَ لفظ جي ٻي معنيٰ 'ٺڳ، دوکيباز' ٿو ڪڍي، پر 'ٻگهلو' لفظ ٻڌڻ

سان، ٻگهه ڀڳيءَ جي تمثيل تي، ڀاهران ساڌو ۽ اندر ۾ ابليس هئڻ، ڦڪيءَ دوکي يا مڪاريءَ سان ڀرپور هئڻ، وغيره ڀاونائن جو چٽو ۽ اثرائتو تصور ڪرائڻ ۾ لفظ جي جيڪا طاقت ڪم ڪري ٿي، تنهن کي اشاري جي طاقت چئجي ٿو.

هرهڪ ٻوليءَ ۾ ڪيترائي هم آواز لفظ هوندا آهن، جن لاءِ رواجي طور ماڻهو ائين چوندا آهن ته هڪ ئي لفظ جون اِهي الڳ الڳ معنائون آهن. مثال طور، 'ٻانهن' لفظ جي هڪ معنيٰ آهي 'اِنسان جي بدن جو هڪ عضوو'؛ ۽ ٻي معنيٰ آهي 'زال، عورت، گهر واري'. ساڳيءَ طرح 'ڀولو' لفظ جي هڪ معنيٰ آهي 'سادو، سرل سڀاءَ وارو' ٻي معنيٰ آهي 'غلطي، چوڪ'. ٻوليءَ جي ماهرن موجب، ڪنهن به ٻوليءَ ۾ مڪيه معنيٰ ظاهر ڪندڙ هرهڪ لفظ کي الڳ لفظ ليکبو آهي. اُهو فقط هڪ اتفاق آهي ته ڪجهه لفظن جو ڳالهائڻ ۾ اُچار ۽ لکڻ ۾ روپ بلڪل ساڳيو ٿو هجي. انهيءَ اصول موجب 'ٻانهن' جون جيتريون مکيه معنائون آهن، اوترائي ان لاءِ ٻوليءَ ۾ لفظ ليکبا، جيڪي فقط پاڻ ۾ هم- آواز (Homophonous, Homonyms) آهن. اهڙن هم- آواز لفظن جي استعمال ڪرڻ سان ٻوليءَ ۾ ڪيترن هنڌن تي جدا جدا مطلبن طرف اِشارو ملندو آهي. جيئن ته ڪو شخص محنت سان ۽ پنهنجن ساهرن مائٽن جي مالي مدد سان جيڪڏهن اوچ تي رسيو آهي، ان لاءِ جيڪڏهن ڪو چوي ته 'فلاڻي ٻانهن جي ٻل تي هيترو واڌارو ڪيو آهي.' ته اِنهيءَ جملي جي هڪ اکري معنيٰ ته اِها ملي- 'هو پنهنجيءَ طاقت ۽ محنت سان ايڏي اوچ تي پهتو آهي.' پر چاڻوءَ ۽ سياڻي کي مبهم طور اِهو به اِشارو ٿو ملي، ته 'هو پنهنجيءَ زال جي مائٽن وٽان يعني ساهرن کان مدد ملڻ تي ايتري ترقي ڪري سگهيو آهي.'

ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي ڍنگ، بيان جي معنيٰ وغيره جي آڌار تي پڻ 'اشارتي سگهه' ٻوليءَ ۾ گهڻيئي رنگ ٿي رچائي. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن ڏڏ يا موڳي چوڪري کي ماستر ٽوڪيندي چوي، "تون ته اِمتحان ۾ ضرور ڀهريون نمبر ايندين." ته اِنهيءَ بيان مان اِشاري طور اِهو مطلب ٿو نڪري ته "تون امتحان ۾ پاس ڪونه ٿيندين. پر جيڪڏهن پاس ٿئين ته به پوئين نمبرن ۾ هوندين."

ڪنهن شخص ٻئي کي چيو ته، "تنهنجي منهن مان ته شيطاني پيئي بکي." اڳلو به ڪو تمام حاضر جواب هئو. تنهن اُمالڪ وراڻيس، "ائين

آهي؟ مون کي اڄ خبر پيئي آهي تہ منهنجو منهن آرسي آهي.“ هن گفتگوءَ جو لطف تڏهن ايندو، جڏهن جواب ڏيندڙ جو اشارو سمجهون، جيڪو هن ريت آهي، ”سچ پچ تہ بدمعاش تون ئيَ آهين. تنهنجي منهن مان جيڪا شيطاني پيئي بکي، تنهن جو عکس منهنجيءَ صورت ۾ پيو پسين.“

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي تہ بيان ۾ اشاري واري مطلب جو آڌار يا ڪو خاص لفظ هوندو آهي (جيئن ’پانهن‘) يا اهو ڳالهائيندڙ جي ڍنگ ۽ بيان جي حوالي تي ٻڌل هوندو آهي.

اِشاري جي طاقت، لفظ جي اُها طاقت آهي، جيڪا ڏسيندڙ لفظن هم- آواز لفظن يا بيان جي نوع مان حاصل ٿيندڙ معنيٰ جي آڌار تي ڪنهن ٻيءَ معنيٰ طرف اِشارو ڪندي آهي. اهڙيءَ طرح حاصل ٿيل مطلب کي ’اِشارو ڪيل معنيٰ‘ ۽ اهڙيءَ معنيٰ ڏيندڙ لفظ کي ’اِشارو ڪندڙ لفظ‘ چئبو آهي.

محاورن ۾ ڏس ۽ اشارا

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي محاورن يا اصطلاحن جو جيڪڏهن اسين جائزو وٺنداسين، تہ معلوم ٿيندو تہ انهن جي جيڪا اِصطلاحي معنيٰ ٻوليءَ ۾ مروج ٿي ويئي آهي، انهيءَ جو بنياد لفظن جي ڏسيندڙ يا اشارتي طاقت ئي آهي. محاورو يا اِصطلاح جيئن اول سمجهايو ويو آهي تہ اهو مروج استعمال آهي، جيڪو جملي جو جزو هوندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران ڪنهن ٻيءَ معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي. مثال طور، ”تون تہ گهوڙي تي چڙهي آيو آهين“ جملي ۾ ”گهوڙي تي چڙهي اچڻ“ هڪ محاورو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’تمام تڪڙ ڪرڻ، جلدي ڪرڻ‘. جيڪڏهن ڪو شخص سچ پچ گهوڙي تي سوار ٿي آيو آهي، جنهن کي اِهو جملو بيان ٿو ڪري تہ پوءِ اِها اِن بيان جي اکري معنيٰ چئبي، ان حالت ۾ اِن کي محاورو نہ سڏبو. ساڳيءَ طرح، ”هوءَ تہ يت جي پوري آهي.“ اِن جملي ۾ ’يت جي پوري هئڻ‘ محاوري جو مطلب آهي ’تمام سندر هئڻ، نازڪ هئڻ.‘ جڏهن سامهون بيٺل ڪنهن سندر ڇوڪريءَ ڏانهن اِشارو ڪري، سندس سونهن جي واکاڻ ڪئي ويئي آهي، تہ پوءِ اِهو محاورو سڏبو. پر جيڪڏهن ڪنهن ديوار ۾ لڳل پوريءَ يا گڏيءَ جو اِن ۾ بيان آهي، تہ پوءِ اِهو جملو اکري معنيٰ ۾ هئڻ ڪري محاورو نہ سڏبو. هاڻي محاورن جا ڪجهہ وڌيڪ مثال ڏسو:

’وات ۾ مڳ پيا اٿيئي ڇا؟ جواب ڇو نہ ٿو ڏين؟‘

هن جملي ۾ ’وات ۾ مڱ پوڻ‘ هڪ محاورو آهي، جنهن جو مطلب آهي ’چپ رهڻ، ڪجهه به نه ٻولڻ‘. جنهن شخص کي هيءَ ڳالهه چئي ويئي آهي، تنهن جي وات ۾ سچ پچ مڱ پيل نه آهن. اِنڪري اڪري معنيٰ ۾ رڪاوٽ پوڻ سبباں پوءِ ٻي معنيٰ ڪڍون ٿا، جيڪا آهي چپ رهڻ، ڪجهه به نه ڳالهائڻ. اِها معنيٰ ڏسيندڙ طاقت ذريعي حاصل ٿي آهي، جنهن جو مقصد آهي ته سانت هئڻ جي اِنتها ظاهر ڪرڻ. جهڙيءَ طرح، ڪنهن شخص جي وات ۾ مڱ پيا هجن ته هو بلڪل ڳالهائي نه سگهندو. ساڳيءَ طرح، بيان ڪيل شخص به اَن وانگر ماٺ ۾ آهي، بلڪل ڳالهائي نٿو.

’هن جي ته ڪنڌ هيٺان وهاڻو آهي.‘

اِنهيءَ جملي ۾ ’ڪنڌ هيٺان وهاڻو هئڻ‘ جو مطلب آهي ’بي فڪر هئڻ، ڪابه ڳڻتي، چنتا نه هئڻ.‘ هتي جنهن شخص جو ذڪر ڪيل آهي، انهيءَ جي ڪنڌ هيٺان سچ پچ ڪو وهاڻو ڪونه رکيو آهي. اِن ڪري اڪري معنيٰ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيڻ بعد ان جو ٻيو مطلب ڪڍيو ويو آهي. جهڙيءَ طرح، ڪو ماڻهو ڪنڌ هيٺان وهاڻو رکي، آرام سان ڪنهن به الڪي ڪانسواءِ گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو هوندو آهي، تهڙيءَ طرح هن جملي ۾ ذڪر ڪيل شخص به بي پرواهه آهي، ڪيس ڪوبه فڪر نه آهي. اِن طرح هتي اِها ٻي معنيٰ ڏسيندڙ طاقت ذريعي ملي آهي.

’مهيني ۾ پنجاهه روپيا ڪمايائين ته ڏاڍي ڪا آبادي ٿي!‘

هن جملي ۾ ’آبادي ٿيڻ‘ محاورو آهي، جيڪو اڳلي کي ٽوڪ واري نوع ۾ چيو ويو آهي. اِن ڪري هتي اشارتي طاقت ذريعي مطلب ڪڍبو، جيڪو آهي ’ڪا وڏي ڳالهه نه ٿي.‘

’هوءَ پاڻ کي سمجهي ڇا ٿي؟ شڪل ٿي شيشا ڀڃيس!‘

هن بيان ۾ ’شڪل ٿي شيشا ڀڃيس!‘ محاورو آهي جنهن جي اڪري معنيٰ آهي ته ’منهن ۾ اهڙو تيج اٿس، جو اُن جي تابش ڪري شيشا به ٽڙڪيو پون.‘ جيئن ته هي جملو ڪنهن بدصورت عورت لاءِ يا عام رواجي شڪل شبيهه واريءَ لاءِ چيو ويو آهي، انهيءَ ڪري اِن جملي کي پڻ ٽوڪ واري نوع ۾ چيل ليکبو. انهيءَ ڪري ان جو اشارتي مطلب ڪڍبو ته ’هوءَ سندر نه آهي.‘

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي ته حاصل مطلب لئي هر هڪ محاوري جي

جان آهي. ٻوليءَ کي اثردار ۽ زور ڀريو بڻائڻ لاءِ محاورا رام- ٻاڻ جهڙو ڪم ڪن ٿا. حاصل مطلب جو آڌار ڏسيندڙ يا اشارتي طاقت آهي، جيڪا سموري محاوري کي هڪ ايڪي طور کڻڻ سان نئي معنيٰ ڏيڻ جو ڪم ڪري ٿي. بيان ۾ اسان کي محاوري جي ڪهڙي معنيٰ گهرجي، اِنهيءَ جو مدار وري سموري بيان جي حوالي ۾ ئي اسان کي جاچڻو پوي ٿو. مثال طور، ڪنهن ويجهڙيل دوست سان گهڻي وقت بعد اچانڪ ملاقات ٿيڻ تي جيڪڏهن اسين ڪيس چئون، "توکي ڏسي اڄ منهنجي دل بهار بهار ٿي ويئي."، ته اِتي انهيءَ جو مطلب آهي ته توکي ڏسي اڄ مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. پر اِهو ساڳيوئي محاورو جيڪڏهن اسين 'برائي چاهيندڙ ڪنهن ڪميٽي اِنسان لاءِ، آواز جي لهجي ۾ ٿورو فرق آڻيندي چئون ته انهيءَ جو مطلب بلڪل ابتڙ ٿي ويندو. اِن طرح ڳالهائڻ جي لهجي ۾ سُر جي لهرن ۾ تبديل آڻڻ سان پڻ مطلب بدلجي ويندو آهي. سُر جي اهڙي لاهه- چاڙهه کي سنسڪرت جي ودوانن 'ڪاڪو' سڏيو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اشارتي طاقت گهربل مطلب يعني تاتپرج طرف اِشارو ڪندي آهي.

محاورو ۽ النڪار (رنگين زباني)

'النڪار' جي لفظ جي اکري معنيٰ آهي، "سونهن وڌائيندڙ يا سهڻو بڻائيندڙ." ان جو ٻيو مطلب آهي 'زيور، ڳهڻا'، جيڪي پائڻ سان اِنسان جي سونهن وڌائين ٿا. اِن ڪري انهن کي پڻ النڪار سڏيو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ انهن کي 'رنگين زباني' ۽ انگريزيءَ ۾ Figures of speach چون ٿا. رواجي، سنڌي سنواتي ٻوليءَ کي ڇڏي، اظهار جو جيڪو نرالو يا غير رواجي طريقو اپنايو وڃي ٿو، تنهن کي عالمن 'رنگين زباني' سڏيو آهي. انهيءَ جو مقصد هوندو آهي، اظهار کي پُر اثر ۽ زوردار بڻائڻ. محاورن جو مقصد پڻ ساڳيو ئي آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته ٻوليءَ ۾ مروج رنگين زبانيءَ جا اهي استعمال جيڪي جملي جو جزو بڻجي ڪتب اچن ٿا ۽ اکري معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ظاهر ڪن ٿا، اُهي ئي النڪارن (رنگين زبان) وارا محاورا آهن. مثال طور:

1- ياراڻي پاڻي ٿيڻ؛
- کير کنڊ ٿيڻ،
- ڇچڙ ٿي چنبڙڻ،
- چور ٿي لڳڻ،

- ٽپي ٻاهر ٿي وڃڻ،
- ڳڏهه هڻڻ،
- ٻکهلو ٻکت هڻڻ،

انهن سيني ۾ استعاري وارا (Metaphor) النڪار آهي.

2- آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ:
- هوا سان ڳالهيون ڪرڻ،
- قوسي آڪاس (آنڪاس) چڙهڻ،

انهن ۾ مبالغي يا وڌاءُ واري رنگين زباني (مبالغي Hyperbole) النڪار آهي.

3- ڪَن جو ڪَچو هئڻ،
ڪاغذ ڪارا ڪرڻ،
- اِنهن محاورن ۾ تجنيس حرفي جي رنگين زباني النڪار. (تجنيس حرفي، Alliteration) آهي.

اِن طرح ٻيا بہ ڪيترائي النڪار آهن. جيڪي محاورن ۾ سمايل آهن.

ورجيس تي وڌيڪ ويچار

محاوري وانگر ورجيس پڻ هڪ اهڙو ايڪو آهي، جيڪو جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي. ٻنهي ۾ فرق اِهو آهي تہ محاورو اکري معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ڏيندو آهي، پر ورجيس پنهنجي اکري معنيٰ ۾ ئي استعمال ٿيندي آهي. ورجيس جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

1- ٻٽا لفظ

ڏتو متو، ياڙو پتو، تيوڻ تلهو، چوکر ٻاکر، جوڙجڪ، اَٽ ويهہ، لهہ چڙهہ، اَچ وڃ، پنج ڇهہ، ٻہ- ٽي، شربت- پربت، پاڻي- ٻاٽي.

2- ٻيٽ ڏيکاريندڙ لفظي ميڙ (Phrases)

جيڪي ٻوليءَ ۾ مشهور ٿي چڪا آهن:

اڇو جهڙو کير؛ ٿڌو جهڙو برف؛ منو جهڙو ماکي، ڪارو جهڙو ڪوئلو. شينهن وانگر بهادر؛ جبل جيان اڏول. ائين پکو جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ؛ اپما (تشبيهي) اهڙو ڪيچي جهڙي ينت. سانڊي وانگر رنگ بدلائڻ، ڇتي ڪتي وارا چڪ پائڻ، چاڪيءَ

جي ڏاند وانگر ڦرندو رهڻ؛ ڍڳي وانگر وهڻ.
(اِنهن سيني ۾ اپما النڪار آهي. اُپما = تشبيهہ= Simile)

3- جانورن، پکين جا آواز ڄاڻائيندڙ لفظ

گڏهہ جي هينگ؛ گهوڙي جي هڻڪار؛ تِتر جي تنوار؛ ٻليءَ جي مياڻون مياڻون، ڪڪڙ جي ڪڪڙُو ڪو يا ٻانگ؛ ڪتي جو ڀونڪ. ڪانءَ جي ڪان ڪان.

4- اڳياڙين ۽ پڇاڙين وسيلي جڙيل مرتب لفظ

هر روز يا روز روز ('هر ڏينهن' مروج نہ ليکبو)؛
غير ضروري (بي ضروري صحيح نہ آهي.)
غير واجب (بي- واجب يا ناواجب ٺيڪ نہ آهي.)
ناجائز (غير جائز يا اڻ جائز چوڻ درست نہ آهي.)
سنجيدگي (سنجيدائي چوڻ ٺيڪ نہ آهي.)
تازگي (تازائي يا تازاڻ چوڻ درست نہ آهي.)
اوسر يا اوير (اِن بدران اوسراڻ يا اويراڻ چوڻ صحيح روپ نہ آهي.)

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي تہ ورجيسون ٻوليءَ جي سٽاءَ يا بناوت لاءِ نهايت لازمي آهن. اِنهن جو جيڪڏهن صحيح نموني استعمال نہ ڪبو، تہ ٻولي غلط ليکي ويندي. ٻئي طرف محاورا، ڪهاوتون ۽ چوڻيون ٻوليءَ کي نزاڪت ڀريو ۽ زوردار بڻائڻ وارا استعمال آهن. اهي جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي لکڻ يا ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ استعمال نٿو ڪري، تہ بہ هو اثرائتي نموني پنهنجن جذبن ۽ ويچارن جو اظهار ڪري سگهي ٿو.

ورجيسن کي اردوءَ جي عالمن 'طرزِ- ڪلام، روز مرره يا بول چال' سڏيو آهي. مولانا حاليءَ پنهنجي ڪتاب 'مقدمہ شعر و شاعري' ۾ روز مررهہ ۽ محاوري جي وچ ۾ فرق سمجهائيندي نهايت ئي موزون تشبيهہ پيش ڪئي آهي. هو لکي ٿو تہ، "محاوري جو جيڪڏهن سهڻي نموني شعر ۾ استعمال ڪجي تہ اهو هڪ پست شعر کي بلند ۽ بلند کي بلند تر ڪري ڇڏي ٿو. پر هرهڪ شعر ۾ محاوري جو استعمال ڪرڻ ضروري نہ آهي. اِهو ممڪن آهي تہ شعرِ محاوري کانسواءِ پڻ فصاحت ۽ بلاغت جي اعليٰ درجي تي پهچي سگهي ٿو. حقيقت ۾ تہ محاوري کي ڪنهن شعر ۾ ائين سمجهڻ گهرجي،

جيئن انسان جي بدن ۾ ڪو خوبصورت عضوو يا انگ هجي. ٻئي طرف، روز مرره کي ائين سمجهڻ گهرجي، جيئن انسان جي بدن ۾ جدا جدا انگن جي صحيح ۽ سڊول بناوت هجي. جيڪڏهن ڪنهن انسان جي بدن ۾ هڪ ٻانهن ننڍي هجي ته هڪ وڏي، منهن جي بيهڪ جي حساب ڪان چپ ٿلها هجن، نڪ ٻاهر نڪتل هجي يا ڪاڏي اندر تي پيئل هجي، ٽنگون ڏنگيون- ڦڏيون هجن ۽ پير هڪ ٻئي طرف مڙيل هجن ته اِن حالت ۾ اُنهيءَ شخص جو روپ رنگ ۽ جسم جي بيهڪ بلڪل بدزيبي ۽ اٺوٽنڊڙ تي پوندي. پوءِ هو ڀلي ڪري ڪيترو به هار سينگار ڇو نه ڪري، ته به ڪيس ڪوبه سهڻو نه ليکيندو. ساڳيءَ طرح، شعر جي ٻوليءَ ۾ جيڪڏهن روز مرره يا ٻول چال جي پابندي نه رکي ويئي آهي، پوءِ ڀلي انهيءَ ۾ ڪيترائي ڀاڪا، محاورا ۽ النڪار، وغيره ڇو نه استعمال ڪيا وڃن، ته به ان شعر کي ڪير به سهڻو نه سڏيندو."

روز مره جي پابنديءَ جا ٻه- ٽي مثال مولانا حاليءَ ڏنا آهن:

1- 'ڪلڪتي سے پشاور تڪ سات آٺ ڪوس پر ايڪ پختا سرايہ اور ايڪ ڪوس پر مينار بنا هئا ٿا' .

هيءَ جملي اردو زبان جي ٻول چال مطابق ٺيڪ نه آهي. اِنهيءَ بدران هن ريت چوڻ گهرجي:

ڪلتي سے پيشاور تڪ سات- سات، آٺ- آٺ ڪوس پر ايڪ ايڪ پختا سرايہ اور ڪوس ڪوس پر ايڪ ايڪ مينار بنا هئا ٿا.

2- اسڪا خط ديڪتي هئن جب سياد،
طوطي هاٿون ڪي اُڙا ڪرتي هئن."

اِنهيءَ شعر ۾ نه ڪا خوبي آهي، نه ڪو مضمون آهي، صرف هڪ محاور استعمال ڪيو ويو آهي، اهو به روز مره جي خلاف آهي، يعني 'اڙي جاتي هئن' جي جاءِ تي ' اُڙا ڪرتي هئن' اٹوٹڊڙ ۽ اسپاويڪ استعمال آهي.

اِنهيءَ بحث مان هاڻي صاف ظاهر آهي ته روز مرره يا ٻول چال جي پابندي رکڻ سان ٻولي صحيح ۽ سپاويڪ بڻجي ٿي. سنڌيءَ ۾ 'ڇوڪر ٻاڪر' بدران 'ٻاڪر ڇوڪر' چوڻ، 'اڄ- وڄ' بدران 'وڄ- اڄ' چوڻ غلط آهن. ساڳيءَ طرح، 'گهوڙي جي هڻڪار' بدران 'گهوڙي جي هينگ، رنڀ يا آواز' چوڻ به غلط آهي. هاڻي ثابت ٿيو ته روز مرره يا ٻول چال يعني ورجيس ٻوليءَ جي بيهڪ جو هڪ لازمي جزو آهي.

5

پهاڪي ۽ محاوري ۾ فرق

پهاڪي ۽ محاوري جي روپ ۽ خاصيتن تي هيستائين جيڪو ويچار ڪيو ويو آهي، انهيءَ مان ظاهر آهي ته پهاڪو ۽ محاورو ٻئي ٻوليءَ جا اهڙا مروج استعمال آهن، جيڪي اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي گهربل معنيٰ ڏيندا آهن. انهن ٻنهي جي استعمال ڪرڻ سان ٻولي دلڪش، نزاڪت ڀري ۽ اثردار بڻجي پوي ٿي. پر ٻنهي جي وچ ۾ ڪيترين ڳالهين ۾ فرق به آهي، جيڪو ٿوري ۾ هيٺ ڄاڻائجي ٿو.

1- پهاڪو هڪ الڳ پورو جملو يا جملن جو ايڪو هوندو آهي، پر محاورو هميشه ڪنهن جملي جو جزو هوندو آهي. جيئن ته،

- "انڌن ۾ ڪاڻو راجا"،
- مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانه،ڳانءِ کي چوي ته "هل ڙي پڇ-ڪاري."

اهي پهاڪا آهن. پهرئين پهاڪي ۾ هڪ جملو آهي، ۽ ٻئين پهاڪي ۾ ٽي جملا آهن.

- ساهيڙين جي واتان اها ڳالهه ٻڌي ڪمل پاڻي پاڻي ٿي ويئي.
- سردو اٿيئي 'ٻکِهلو ڀڳت' - ڪانئس خبردار رهجانءِ.

انهن مثالن ۾ "پاڻي پاڻي ٿي ويئي" ۽ "اٿيئي ٻکهلو ڀڳت" اهي محاورا آهن، جيڪي جملي جو هڪ حصو آهن.

2- پهاڪي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه لفظ هوندا آهن. جيئن ته، "قرض مرض" پر محاورو هڪ لفظ وارو به ٿي سگهي ٿو، جيئن ته، ڪنهن ڇوڪر کي چئجي، "گڏه! هيڏانهن ڏيان ڏي" ته هن جملي ۾ گڏه (بيوقوف، ڪم عقل) لفظ محاورو آهي، جيڪو اکري معنيٰ بدران ٻيءَ معنيٰ ۾ ڪتب

آيو آهي. ساڳيءَ طرح " هو ريشما تي مئو، تہ اگر تگر متس لتائي ڇڏيائين!" انهيءَ مثال ۾ "مرڻ" فعل جو مطلب آهي." فدا ٿيڻ، موهت ٿيڻ"، ان ڪري اهو بہ محاوريدار استعمال آهي.

3- پهاڪو نثري جملي، گفتگوءَ، سوال جواب، بيت وغيره جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو، پر محاورو پنهنجي اصلي روپ ۾ گهٽو ڪري مصدر ۾ ختم ٿيندو آهي، جيئن تہ،

پهاڪا:

– ڄڻيءَ ست پسايو، واٽئي وڏيس وتي،
– ڄڻيءَ ليکي واٽيو مُنو، واٽئي ليکي ڄڻي،
– مُني سائي ڄڻي، مُني سائي ڄڻي.

– پيءُ سندس پيهون ڪٽيون، ڏاڏي سندس ڏاٽا،
– اڳي پڇيائون ٿي ذات پات، هاڻي پڇن ٿا ناٽا.
– ڪڏا" چي، "ڄڻيءَ سڏا!"

پر "وات ۾ مگ پوڻ"، "ٻانهون ڊگهيون هئڻ" محاورا آهن، جيڪي جملي ۾ ڪتب اچڻ کان اڳ پنهنجي اصلوڪي روپ ۾مصدر ۾ ختم ٿين ٿا.

4- بيان ۾ پهاڪو ڪنهن ڳالهہ جي پٺيرائيءَ يا ڪنڊن ڪرڻ لاءِ هڪ مثال وانگر جدا ايڪي جي روپ ۾ استعمال ٿيندو آهي. ٻئي طرف، محاورو جملي جي بيهڪ ۾ جدا جدا روپن ۾ ڪتب ايندو آهي.

پهاڪو: انگريز هندستان ۾ آيا واپاري ٿجي، پر هندستانين جي ڦوٽ جو فائدو وٺي، هتي حاڪم ٿي ويٺا. "آئي ٽانڊي ڪي بورچاٽي ٿي ويٺي."

محاورو: پيٽ تي لت ڏيڻ (روزگار کسڻ، ڪمائي کسڻ) جڏهن ڪنهن جملي ۾ استعمال ڪبو تہ اهو جدا جدا روپ اختيار ڪري سگهي ٿو. مثلاً: پيٽ تي لت ڏنائينس. هن جي پيٽ تي لت نہ ڏي. هو تنهنجي پيٽ تي لت ڏيندو. ڪنهن غريب جي پيٽ تي اوهين لت ڇو ٿا ڏيو؟

5- پهاڪا، بيان ۾ ڪتب نہ اچڻ تي بہ پنهنجي ليکي پوريءَ معنيٰ جو اظهار ڪندا آهن، ٻئي طرف محاورا گهٽو ڪري بيان ۾ استعمال ٿيڻ بعد پنهنجي گهربل معنيٰ ظاهر ڪندا آهن، جيئن تہ گڏهہ(بيوقوف مورک)، مرڻ (فدا ٿيڻ، موهت ٿيڻ)، وغيره جڏهن بيان ۾ ڪتب آڻبا، تڏهن انهيءَ

جي حوالي مان ٻڌائي سگهبو تہ اهي لفظ اکري معنيٰ ۾ آهن يا انهن جي اصطلاحي معنيٰ گهربل آهي.

6- پهاڪا گهڻو ڪري سياڻپ جا سخن ۽ نصيحت ڀريا نُڪتا آهن، جيڪي انسان جي زندگيءَ ۾ رهنمائي ڪن ٿا. ٻئي طرف، محاورا فقط ڪنهن ڪم جي هئڻ، ٿيڻ، وغيره جو نرالي ۽ اثردار نموني بيان ڪن ٿا. انهن جو گهڻو واسطو ٻوليءَ جي سهڻيءَ عبارت سان آهي.

6
پهاڪن جو جنم ۽ ارتقا

پهاڪن جو جنم

ٻوليءَ جي وسيع آسمان ۾ پهاڪا، نکٽن ۽ گرهن جئان، سوين سالن کان پنهنجي ٻَرَ ڦهلائي، پنهنجي نرالي ۽ انوکي هستي قائم رکندا آيا آهن. انهن جو جنم داتا ڪير هئو، آهي ڪڏهن وجود ۾ آيا، اهڙن سوالن جو تز جواب ڏيڻ اَڪثر ممڪن نه آهي، پر ڪجهه پهاڪا اهڙا به آهن، جيڪي اصل ۾ڪنهن چاتل سڃاتل شاعر جي شعر جون ٽڪون آهن يا ڪنهن سياڻي جا سخن آهن.جيئن ته، شاهه لطيف جي بيتن جون هيٺيون سٽون، جيڪي پهاڪا بڻجي چڪيون آهن:

– ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪُهڙا پرين.
– ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري.

هائو، اهڙن پهاڪن ڪي جنم ڏيندڙ بابت اسين خاطريءَ سان چاڻ ڏيئي سگهون ٿا، پر انهيءَ قسم جي پهاڪن جو تعداد تمام گهٽ آهي. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته هرهڪ پهاڪو اَصل ۾ ڪنهن هڪ شخص جي تجربي ۽ جذبات جو اِظهار آهي. ڪنهن سياڻي روزاني زندگيءَ جي وهنوار ۾ جيڪو محسوس ڪيو. اهو اَچانڪ سياويڪ نموني سندس واتان ڪنهن سخن جي صورت ۾ ڦٽي نڪتو. انهيءَ جي اظهار جو طريقو اهڙو ته دلڪش هئو ۽ منجهس سمايل ويچار ايترا ته دل کي ڇهندڙ هئا، جو ٻڌندڙن جي دل ۽ دماغ تي چانئجي ويا. ان ڪري هنن هڪدم ان سخن کي اپنائي ڇڏيو. پوءِ هو پڻ وهنواري زندگيءَ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ان سخن جو جيئن جو تيئن استعمال ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح ڪنهن هڪ جو چيل سخن يا ٻول هڪ

پولي ڳالهائيندڙ سماج جي لوڪن جو سخن ٻڌجي ويو، جنهن کي پهاڪو يا چوٽي سڏيو ويو.

هتي انهي ڳالهه جو ڌيان رکڻ گهرجي ته ڪنهن سياڻي شخص يا مُفڪر، اڪيلائيءَ ۾ ويهي سوچ ويچار ڪري پهاڪن کي جنم نه ڏنو آهي. نڪو ڪنهن بولي ڳالهائيندڙ سماج پئنچات ڪوٺائي، ڪن رج مڙسن کي ويهاري، ڪانئن پهاڪا جوڙايا آهن، ۽ پوءِ اُنهن جو عوام ۾ پرچار ڪيو آهي. پهاڪا ته جيون جي حقيقتن جي پيدائش آهن. اُنهن جا رچيندڙ اُهي شخص آهن، جن زندگيءَ جي سچاين کي پرکيو آهي ۽ خود محسوس ڪيو آهي. پرواهه نه آهي جيڪڏهن ھنن دستوري طور اعليٰ تعليم حاصل نه ڪئي آهي، روزاني وهنواري جيوت ئي سندن سوچ جي حاصلات جو مکيه وسيلو آهي. ان طرح حاصل ڪيل سمجهه ۽ شخصي آزمودن کي سموهي، ھنن ننڍڙن نڪتن ۽ سخنن جي روپ ۾ ظاهر ڪيو آهي، جيڪي وقت گذرندي پهاڪن جو پد حاصل ڪري چُڪا آهن،پهاڪن جا رچيندڙ ته هليا ڌا ويچن،پر سندن چيل سخن امر ٿي ڌا ويچن. اُهي پيڙهيءَ در پيڙهيءَ، هڪ ڪان ٻئي کي ورثي ۾ ملندا پيا اچن. ڪجهه مثال ڏسو:

1. ڪنهن شخص کي جڳهه جوڙائڻ لاءِ پيسن جي سخت ضرورت هئي، کيس اُميد هئي ته سيٺ ڏنراجمل ڪان ڪجهه رقم اُڌاري وٺندس، ته هو انڪار نه ڪندو. اهو سوچي هن سيٺ وٽ وڃي کيس عرض ڪيو. سيٺ کيس گهربل رقم قرض طور ته ڏني، پر ان لاءِ پنڌ به ڏاڍا ڪرايائينس. متان وري حرف به پتيائينس. انهيءَ تي هن شخص کي هڪ نظارو ياد اچي ويو، جنهن ۾ ڏٺو هئائين ته ڪنهن ٻڪرار ٻڪريءَ کي ٻئي ڏڌو، کيس ٻڪريءَ کير ته ٻئي ڏنو، پر اُن سان گڏ ڦولهڙيون به ٻئي کيرايائين. ٻڪرار ويچاري کير ڏهندي، ساندهه اِها به خبرداري پئي ڪئي،ته متان ڦولهڙيون کير جي ٿانءَ ۾ نه ڪرن. انهيءَ تي هن شخص محسوس ڪيو ته سيٺ صاحب مدد ته برابرڪئي، پر ان لاءِ رلايائين تمام گهڻو. سندس هلت پڻ اُن ٻڪريءَ وانگر هئي، جنهن کيرڏيڻ سان گڏوگڏ ڦولهڙيون پئي کيرايون، ان تي هن جي واتان اُمالڪ نڪري ويو، "ٻڪري کير ڏئي ڦولهڙين گاڏڙ." اهو گفتو جن ٻڌو، تن کي به ڳالهه دل سان لڳي آئي، پوءِ ضرورت پوڻ تي وهنواري زندگيءَ ۾ ٻڌندڙ

. ٻہ اهو سخن اهڙين حالتن ۾ استعمال ڪرڻ لڳا.

2. مينهن ۽ ڳئون ٻئي پالتو جانور آهن، جن کي سيني ڏٺو آهي، اِها ٻہ اسان کي ڄاڻ آهي تہ مينهن جو رنگ ڪارو هوندو آهي. ٻئي طرف، ڳئون جو رنگ چاهي اڇو، ڀورو يا چٽڪمرو هجي، پر سنڌس پڇ جا وار ضرور ڪارا هوندا آهن، هر هڪ انسان انهن حقيقتن کي پرکيو آهي، جڏهن ڪو سياڻو ۽ ويچاروان شخص ڏسي ٿو تہ ڪو عيبن - هاڻو ماڻهو، ڪنهن ٻئي جي معمولي غلطيءَ يا ڀل تي ڪيس ٺوڪي ٿو ۽ سنڌس عيب - جوئي ڪري ٿو، تڏهن هن جي من جي پردي تي مينهن ۽ ڳئون جو چٽ اُڀري اچي ٿو. هو محسوس ٿو ڪري تہ عيبن سان ڀريل ماڻهو جيڪو مينهن مثل سڄو ڪارو آهي، اهو ويچاريءَ ڳئون جي صرف ڪاري پڇ وانگر ٻئي جي رواجي غلطيءَ تي ڪيس ڇينيي رهيو آهي. انهيءَ تي سنڌس اهو احساس لفظن جو جامو پائي، اچانڪ هن ريت ظاهر ٿي پوي ٿو تہ، ”مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪان، ڳئون کي چوي تہ هل ڙي پڇ ڪاري.“ هيءَ سخن جيڪو ڪنهن هڪ سياڻي جي واتان نڪتو آهي، اهو ٻڌندڙن جي دلين کي ڇڪي ٿو وٺي، پوءِ هو بہ روزاني زندگيءَ ۾ ساڳي حالت پيدا ٿيڻ تي، ساڳئي حوالي ۾ انهيءَ سخن جو هوبهو استعمال ڪرڻ ٿا لڳن. ان طرح اهو گفتو لوڪ جو گفتو بڻجي پهاڪي جو پد حاصل ڪري ٿو وٺي.

انهن مثالن مان ظاهر آهي، تہ چاهي پهاڪن جي جنم- داتا جي باري ۾ اسان کي ڄاڻ نہ هجي، پر انهن جو سرجڻ سماج ۾ ڪنهن سياڻي جي شخصي آزمودي وسيلي ٿيو آهي.

پهاڪن جي جنم جا مکيہ ڪارڻ

پهاڪن جي جنم جا مکيہ ڪارڻ يا آڌار (سرچشما) هن ريت آهن:

1. لوڪ ڪٿائون

الف: هر هڪ ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا پهاڪا ملن ٿا، جن جو لاڳاپو لوڪ ڪٿائن سان هوندو آهي، سنڌي ساهت ۾ دودو- چنيسر، عمر -مارئي، ليلا- چنيسر، سسئي - پنهون، سهڻي - ميهار، مومل -راڻو، وغيره عوام ۾ مشهور لوڪ ڪٿائون آهن، جن ڪيترن سنڌي پهاڪن کي جنم ڏنو آهي. جيئن تہ،

"دودو ڏوڙ چنيسر ڇائي، هن جي ڪسر هن ۾ آئي"

يا

"ويئيءَ وهاڻيءَ دودي ناناڻا آيا"

پهاڪن جو بنياد دودي- چنيسر جو مشهور قصو آهي. ڀونگر سومري جي مري وڃڻ بعد، جڏهن اميرن امرائن ڀونگر جي ننڍي پٽ دودي کي پڳ ٻڌائي، تڏهن وڏو پٽ چنيسر اها ڳالهه سهي نه سگهيو. هو دهليءَ جي بادشاهه علاءُ الدين وٽ دانهين ويو، جنهن چنيسر جي واهر لاءِ وڏو ڪٽڪ سنڌ تي چاڙهي موڪليو. سخت جنگيون لڳيون، جنهن ۾ گهڻيئي سومرا سردار ۽ سندن ساٿي مارجي ويا. چنيسر ۽ دودو ٻئي ڀائر پڻ انهن چڪرين ۾ شهيد ٿي ويا. نتيجو اِهو نڪتو، جو نه چنيسر کي راڄ مليو ۽ نه وري دودي جي حڪومت هلي. ٻئي طرف، سنڌ جي عام ماڻهن کي به انهن جنگين ڪري گهڻيون تڪليفون سهڻيون پيون. اِها حالت ڏسي ڪنهن سگهڙ چيو ته "دود ڏوڙ چنيسر ڇائي" (يعني) سنڌ ملڪ کي ڀڙيانگ ڪرڻ لاءِ ٻئي ساڳيءَ طرح جوابدار هئا.

لڙائي ختم ٿي وڃڻ ڪان گهڻو عرصو پوءِ، دودي جي ناناڻي پهر کي ڪا اِنهيءَ جنگ جي سڌ پيئي ته ناناڻا مائٽ دودي جي مدد لاءِ لشڪر وٺي اچي اُتي پهتا. ڏٺائون ته کيل ختم ٿي چڪو آهي. اِن تي ڪنهن چارڻ چيو، "ويئي وهاڻيءَ دودي ناناڻا آيا."

اَجان اُٺ ڪلين سسئي

(مطلب ته سسئي پيرين پنڌ جو پنهون کي ڳولهڻ لاءِ ڀنڀور مان نڪتي آهي، سو پيدل ڪيچ مڪران تائين پهچڻ نهايت مشڪل اٿس. ايجا اُٺن تي چڙهي هوءَ سفر طئه ڪري، ته پنهنجيءَ منزل تي پهچي سگهي ٿي):

- منهنجو وس واڪا ڪرڻ، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو؛
- ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟
- ڀنڀوران جي ڀڳيون، سي ڇڻيون
- اِنهن پهاڪن جو بنياد سسئي- پنهونءَ جو مشهور قصو آهي.

ب: ٻارن لاءِ وندرائيندڙ نصحيت آميز آکاڻيون پڻ ڪن پهاڪن جو بنياد آهن. جيئن ته،

گدڙ ڊاک نه پڄي، آکي ٿو ڪٽا

پهاڪي جو بنياد اُنهيءَ مشهور آکاڻيءَ تي آهي، جنهن ۾ هڪ گدڙ ڪنهن منهن تي ولين ۾ ڊاک جا ڇڳا ڏٺا تہ هن جو وات پاڻي پاڻي ٿي ويو. هن ڊاک کائڻ لاءِ گهڻيئي ٽپا ڏنا، پر ولين تائين پهچي نہ سگهيو. آخر ٿڪجي ساٿو ٿي پيو ۽ پوءِ چوڻ لڳو تہ مون کي اها ڊاک نہ کپي، ڇاڪاڻ تہ اها کٽي آهي.

"اُها ڪڪڙ ئي مري ويئي، جا سونا آنا ڏيندي هئي"

پهاڪي جو بنياد ان لالچي مائيءَ جي آکاڻي آهي، جنهن کي سندس ڪڪڙ هر روز سونو آنو ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن مائيءَ لالچ وس ٿي ويچار ڪيو، تہ ڇو نہ اِنهيءَ ڪڪڙ کي ماري سڀ آنا هڪ ئي وقت حاصل ڪريان. اِنهيءَ تي هن ڪاتي کڻي ڪڪڙ کي ماري ڇڏيو ۽ سندس پيٽ چيري ڏٺائين، تہ منجهانئس هڪ بہ آنو نہ نڪتو. اِنهيءَ تي هوءَ زار زار روئي پڇتائڻ لڳي تہ مون ناحق پنهنجيءَ ڪڪڙ کي ماريو. هر روز جيڪو هڪ سونو آنو ملندو هئو، اُهو بہ وڃائي ڇڏيم.

ب: ڪي پهاڪا اهڙا آهن، جن جو بنياد سمجهائڻ لاءِ موزون آکاڻين جي ڪلپنا ڪئي ويئي آهي. اِها ڳالهہ بہ ممڪن آهي تہ اصل ۾ اُنهيءَ پهاڪي جو بنياد ڪا ٻي آکاڻي هجي. مثال طور، "پريءَ ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو" پهاڪي جو بنياد ڀيرو مل مهر چند هڪ طرح سمجهايو آهي تہ عبدالڪريم سنديلي ٻيءَ آکاڻيءَ ذريعي سمجهايو آهي. ڀيرومل مهرچند 'پهاڪن جي پيڙهہ' ڪتاب ۾ هن ريت آکاڻي ڏني آهي:

"ڪنهن ترَ تي ڪي مسافر پتڻ لنگهڻ لاءِ منتظر ويٺا هئا، جو ٻيڙيءَ پرينءَ پر هئي. جڏهن ٻيڙي پراران آئي، تڏهن سڀيئي پنهنجا ٽپڙ کڻي ٻيڙيءَ ۾ ڪاهي پيا. پاڻيءَ چين تہ سڀيئي ماڻهو هيڪاندا چاڙهي ڪين سگهندس. تنهن ڪري هڪڙو بہ توهان مان لهي. ٻيا پتڻ لانگهائو سڀ مسلمان هئا. باقي هڪڙو واٽيو هو ۽ هن سان بوجو بہ ٻين کان گهڻو هو. تنهن ڪري سڀني اچي مٿس زور رکيو تہ تون لهہ. تنهن تي واڻئي ائين چيو. جڏهن ڪنهن پاتاريءَ مان ڪنهن کي ڪنهن سبب آتاري ڪيندا آهن، تڏهن ائين چئبو آهي. اِنهيءَ معنيٰ سان تہ هن کهڙو بارُ ڏنو آتوَ، جو لوڏيوس تا."

عبدالڪريم سنديلي پنهنجي ڪتاب 'پهاڪن جي پاڙ' ۾ اُنهيءَ پهاڪي جي آڌار واري آکاڻي هن ريت ڏني آهي:

"يري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو" يعني غريب جو واهي الله. اڳي درياهه تي گهٽو ڪري ٻيليون ڪونه هونديون هيون. جنهن ڪري واپار ۽ ماڻهن جي اچ وڃ، ٻيڙين تي ٿيندي هئي. هينئر به درياهه تي اهڙا ڪيترائي پتڻ آهن، جن تان ٻيڙيون اچن وڃن ٿيون.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙي ٻيڙي، اجا ڪناري کان ٿورو اڳيرو مس هلي ته ٻيڙيءَ ٻڏڻ جو انديشو نظر آيو. ناکئي چيو ته، "ڪجهه ماڻهو لهن، ورنه ٻيڙي، درياءَ داخل ٿيندي." هر ڪنهن ائين پئي چيو ته، "مان نه لهان." يلا لهي سو لهي ڪير! آخر اِنهيءَ ڳالهه تي متفق ٿيا ته سڀ ماڻهو صف ٻڌي بيهن، جنهن جو به نائون نمبر اچي، سو ٻيڙيءَ مان لهي. ڳڻپ شروع ٿي. پهريون نائون نمبر، خير سان، واٽيو آيو. ٻيو (ٻيهر) نائون نمبر به واٽيو آيو. ٽيون (ٽيهر) نائون نمبر به واٽيو آيو. مطلب ته، ائين ڪرڻ سان پنجويهه ماڻهو لهي بيٺا، جي سڀ ئي واٽيا هئا. واٽين جي اهڙيءَ رحم جوڳيءَ حالت کي ڏسي، ڪنهن ائين چيو."

2. تواريخي شخصيتون، واقعا ۽ حالتون

ڪن پهاڪن جو بنياد تواريخي شخصيتون، واقعا ۽ حالتون هونديون آهن. مثال طور،

الف: آيا مير ڀڳا پير

(جڏهن ڏاڍا اچن، تڏهن هيٺا بيهي نه سگهن).

اِنهي پهاڪي جو بنياد عبدالڪريم سنديلي هن ريت سمجهايو آهي: "سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي صاحبي 1701ع کان 1782ع تائين هلي. ڪلهوڙن کي 'ميان' ۽ 'پير' به ڪري سڏيندا هئا. چاڪاڻ ته ڪين ڪيترائي مريد هئا. اجا تائين پير ميان شاهل محمد عباسي (تعلقه تنبر- ضلع لاڙڪاڻه) ۽ پير ميان الياس عباسي (تعلقه ڏوڪري- ضلع لاڙڪاڻه) جي مقبرن تي سوين سائل ڊرندا رهن ٿا ۽ پنهنجون باسون باسيندا رهن ٿا.

جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت ڪمزور ٿي، تڏهن مير حاڪم ٿيا ۽ پير (ڪلهوڙا) ڀڄي، ميدان ڇڏي ويا." (پهاڪن جي پاڙ، ص 10)

هيءَ پهاڪو هندي- اردو ٻولين ۾ به مشهور آهي، پر اِنهن ٻولين ۾ هن پهاڪي جو بنياد فلان هن ريت سمجهايو آهي."

امروهي ۾ شيخ سدو يا ميران جي نالي هڪ شخص رهندو هو. ڪيس هڪ

ڏينهن پنيءَ ۾ هڪ ڏيئو هٿ آيو، جنهن ۾ چار وٽيون جلنديون هيون. هو ڏيئو گهر کڻي آيو ۽ چارئي وٽيون ٻاريائين ته سندس سامهون چار جن اچي حاضر ٿيا. ان تي هن ڏيئو وسائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اُهو ڪونه وساڻو ۽ جن به اُتيئي بيٺا هئا. هن شيخ کي چيو ته اسان کي ڪو ڪم ڏس. شيخ هئو بدچلن، تنهن جن کي حڪم ڏنو ته هڪ خوبصورت عورت وٺي آچو. جن هڪدم حڪم جي تعميل ڪئي، شيخ جي سامهون هڪ نازنين ظاهر ٿي بيٺي، جنهن کي ڏسي هو مٿس اَکن چڪن ٿي پيو. اِن تي جن شيخ کي چيو ته جيڪڏهن تو هن عورت سان بدسلوڪي ڪئي، ته اسين توکي ماري ڇڏينداسين. هڪ ڏينهن شيخ پاڻ کي قابوءَ ۾ رکي نه سگهيو ۽ ان نازنين سان ڇيڙڇاڙ ڪيائين. اِن تي جن ڪيس هڪدم ماري ڇڏيو. مرڻ بعد شيخ ماڻهن ۾ اچي واسو ڪندو هئو ۽ کين ستائيندو هئو. هن جي اڳيان ڀيا پير فقير به بيهي نه سگهندا هئا. شيخ سدو ميرانجي وڏو پير ٿجي پيو. اڄ تائين سندس درگاهه امروهي ۾ آهي، جتي گهڻيئي سوالي زيارت ڪرڻ ويندا آهن. (ڏسو هندستاني ڪهاوت ڪوش، نئشنل بوڪ ٽرسٽ، نئين دهلي 1968، صفحو 34).

”ڪنهن جي ڳالهين مير بجار ماريو“ (مطلب ته ڪنهن جي سس پس يا لِڪ ڇپ جي ڳالهين ڪرڻ مان خراب نتيجا نڪرن ٿا).

هن پهاڪي جو بنياد هڪ تواريخي واردات آهي، جنهن جو ذڪر سنڌ جي تواريخ ۾ ملي ٿو. عبدالڪريم سنديلي اِنهيءَ واقعي کي ٿوري ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

”جڏهن مير بجارخان، 1190هه مطابق 1777ع ۾، حج تان واپس وريو، تڏهن چار هزار بلوچ ۽ ٻي قوم، ڪيس مجبور ڪيو ته ميان غلام نبيءَ سان جنگ ڪجي، ڇاڪاڻ ته هن، مير بجار خان جي پيءُ مير بهرام خان کي ماريو هو. آخر عمر ڪوٽ پرسان جنگ لڳي، جنهن ۾، ميان غلام نبي مارجي ويو ۽ سندس لاش، حيدرآباد آندو ويو. مير بجار، سنڌ جي حڪومت پاڻ قبول نه ڪئي ۽ ان ميان غلام نبيءَ جي ڀاءُ، ميان عبدالنبي ڪلهوڙي کي حاڪم ڪيو.“

هينئر ميان عبدالنبيءَ کي، مير بجار خان کان هر وقت خوف رهندو هو ته مباده وجهه وٺي، ڪيس مارائي، ڇاڪاڻ ته مير بجار خان، وزير هو ۽ صحيح معنيٰ ۾، حڪومت جو چرخو ئي پاڻ هلائيندو هو ۽ ميان عبدالنبي نالي ماتر حاڪم هو. تنهن ڪري ميان صاحب کي اِهائي آندمانڌ هئي ته ڪنهن پر، مير بجار جو انت آڻجي. آخر جوڌپور جي مهاراجا بجيه سنگ کي، عمر ڪوٽ ڏيڻ

جو وعدو ڪري، مير بجار خان جي قتل ڪرائڻ تي آماده ڪيو.

مهاراجا بجيہ سنگ، ٻہ راٺوڙ- هرنات سنگ ۽ موڪم سنگ خط سان، ميان عبدالنبيءَ ڏي، جوڌپور مان وڪيل بڻائي، خدا آباد روانيا ڪيا. مصنف 'تاريخ سنڌ' لکي ٿو تہ، 'ٻن راٺوڙن سان، ٻيا بہ ڪي ماڻهو هئا. اهي ڪيترائي ڀيرا، ميان صاحب ۽ مير بجار سان، الڳ الڳ مليا. هڪ دفعي، انهن مير کي عرض ڪيو تہ اسان جي مهاراجا کي اِجهو هينئر خط آيو آهي. اُن ۾ اهڙيون ڳالهيون لکيل آهن، جي اوهان کي اڪيلائيءَ ۾ ئي ٻڌائي سگهبيون. خط ۾ لکيل آهي تہ، ميان عبدالنبيءَ اوهان جي خلاف ڪيئي خط مهاراجا کي لکيا آهن. مهاراجا جو خط هنديءَ ۾ آهي. جيئن تہ اوهان مان ڪوبہ هندي ڪونہ ڄاڻندو آهي، تنهن ڪري اِجازت ملي تہ اسان ئي خلاصگيءَ ۾ خط پيش ڪريون. ميان صاحب سڀني کي ٻاهر ڪڍيو ۽ فقط هڪ ملازم ايسر کي پاڻ وٽ رکيائين... هڪ وڪيل، مير جي پرسان اچي خط پڙهڻ لڳو. پڙهندي پڙهندي، دوکيبازيءَ کان چيائين تہ هي لفظ منهنجي سمجهہ ۾ نٿا اچن. اٿين ڇئي، جهٽ ٻئي کي گهرائي ورتائين. اهڙيءَ طرح، انهن ٻنهي، مير کي خط پڙهڻ ۾ رڌل رکي، اوچتو ئي اوچتو مٿس تلوارن جا وار شروع ڪري ڏنا. جيتوڻيڪ مير صاحب زخمي ٿي چڪو هو، تہ بہ اڪيلي سر، ٻنهي قاتلن کي ماري وڌائين." مير بجار خان جي شهادت جو سال تواريخ ۾ 1194هجري = 1780ع ڏنو ويو آهي.

"پارسي گهوڙي چاڙهسي"

۽

"پڙهي پارسي، وڪڻي ڪڙتيل، ڏسو هي قسمت جو کيل"

اِهي چوڻيون سورهين عيسوي صديءَ کان وٺي سنڌ ۾ سن 1843ع ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ واري عرصي تائين، تعليم ۽ ادب جي ميدان ۾ پارسي ٻوليءَ جي اوج طرف اِشارو ڪن ٿيون. اِن زماني ۾ پارسيءَ جو ٻول بالا هئو. پارسي دان وڏن سرڪاري عهدن تي مقرر ٿيندا هئا. جيڪڏهن پارسي پڙهڻ بعد پڻ ڪو ماڻهو رواجي ڌنڌي ۾ وڃي پوندو هئو، تہ سندس بدقسمتيءَ تي ٻيا ڏندين آڱريون ڏيندا هئا.

راجا دلوراءِ هڪ نيم- تاريخي شخصيت آهي، جنهن جو دور ڪن تاريخ نويسن جي راءِ مطابق ٻارهين عيسوي صدي آهي. هن جو واسطو ڪيترن ئي ڏند ڪٿائن سان آهي، جن ۾ سندس ظلم ۽ اتياچار جو ڇٽ ڇتيو

ويو آهي. برهمڻ آباد شهر جي برباد ۽ پڙپانگ ٿيڻ جو سبب پڻ راجا دلوراءِ جو ظُلم ڏيکاريو ويو آهي. ”دلوراءِ جي نگريءَ وانگر ناس ٿي ويندين“ چوڻي به اِنهيءَ بنياد تي ئهي آهي.

دلوراءِ سان واسطو رکندڙ هڪ ٻيو پهاڪو آهي:

”وهڻ مُنڊو ئي ناهه، دلو پڇي نار کي.“

جڏهن ڪو ماڻهو اڻ هونديءَ ڳالهه جي اُميد رکندو آهي، يا گهر ڪندو آهي، تڏهن هيءَ پهاڪو ڪتب ايندو آهي. ڀيرومل مهرچند پهاڪن جي پيڙهه ڪتاب ۾ انهيءَ پهاڪي جي بنياد ۾ موجود واقعي جو بيان ڪندي لکيو آهي: ”

دلوراءِ جنهن جي نگري ناس ٿي ويئي، تنهن هڪ لڱا ٻڌو ته هڪ حسين عورت ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پيئي وڃي. هن يڪدم پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڪيو ته اها عورت وٺي اچو. عورت کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن هن ڏاڍيءَ کي سوال ڪيو ته مون کي دلوراءِ کان بچاءِ. ڏاڍي جي قدرت، جو جهٽ درياهه ور ڪائي دلوراءِ جي نگريءَ کان ڪجهه پري وهڻ لڳو، جنهن ڪري دلوراءِ جا ماڻهو هن عورت جي ٻيڙيءَ کي پهچي ڪين سگهيا. ڪجهه مهل کان پوءِ دلوراءِ پنهنجي ماڻهن کان پڇيو ته هوءَ عورت آئي؟ سندس ماڻهن چيو ته قبلا خود درياهه ئي ڪونهي ته پوءِ عورت وري ڪيئن ايندي؟ اِنهيءَ ڳالهه تي اِهو پهاڪو چيائون.“ (پهاڪن جي پيڙهه، ص 57).

3. سياڻن جا سخن ۽ نصيحت آميز نڪتا

روزاني وهنوار زندگيءَ ۾ ويچاروان شخصن ۽ سياڻن جيڪو آزمودو حاصل ڪيو، انهيءَ کي هنن پهاڪن ۽ چوڻين جي روپ ۾ ظاهر ڪيو. عوام جي رهنمائيءَ لاءِ هنن نصيحت ڀريا نڪتا به چيا. عام جنتا ۾ مشهور شاعرن جي بيتن ۽ سلوڪن جي ڪن سِٽن به مشهوري حاصل ڪري پهاڪي جو درجو حاصل ڪيو. اهڙي قسم جا پهاڪا هر هڪ ٻوليءَ ۾ جهجهي تعداد ۾ ملن ٿا. انهن جو واسطو ان لساني سماج جي خاصيتن، رهڻي- ڪهڻيءَ، سڀيتا ۽ ثقافت سان گهڻو هوندو آهي. ان طرح جي سنڌي پهاڪن جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:

- ’ڏک هڻ ڏيءَ کي، ته سکي نونهن.‘
- ’وٺ نه ڪٽي، وٺ جو ويڻ ڪٽي‘ .

- ’ نهن سان ڇڄي ته ڪاتي ڇو وجهجي؟‘
- ’ناڻ مردان، ڏن آوي جاوي.‘
- ’پلي بک پرم جي شال مَ وڃي شان،‘
- ’لکيو منجهه نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نه وهي.‘
- ’گهڻن ڪنئي ڇپر ڪڇي.‘
- ’سنگ تاري، ڪسنگ ٻوڙي.‘
- ’ڪاٺيءَ جي وهاڻ ۾ نڪٽ به گهڻا.‘
- ’صبر جني جو سيگ، تير نه ڪسي تن جو.‘
- ’سوڙهيءَ سياندريءَ وهنوار نه ڪجي.‘
- ’سنسار مهاڇار‘ .

4. انساني جذبات جو ردعمل

انسان سماج ۾ رهي ٿو. هڪ ٻئي سان لهه وچڙ ۾ اچي ٿو. انساني رشتن- ناتن ۾ محبت، نفرت، همدردي، بي- رحمي، دشمني، ڪِلَ- خوشي، چرچو- گهبو، طنز ۽ سٽ وغيره جذبا جدا جدا وقتن تي حالتن مطابق پيدا ٿين ٿا. اهي انسان جي سڀاءَ جو هڪ انگ آهن. اِنهيءَ ڪانسواءِ پرم- سنبا، مذهبي اعتقاد، تقدير ۽ تدبير جا ڪيل، آتما ۽ پرماتما وشواس وغيره به لوڪ جي دل ۽ دماغ تي ڇانيا پيا آهن. ان ڪري اهڙين جذبن جو اظهار پڻ گهڻن ئي پهاڪن کي جنم ڏئي ٿو. جيئن ته،

- پنجابي ايڪ ته پاوين ڏون، پنجابي ڏون ته جهڳا ئي جهون.
- خيرپوري نيت بُري، هٿ ۾ قرآن ڪڇ ۾ ڇُري.
- بندرو ٻڏي سندرو ته الهه به نه پڄي.
- بندور شيطان.
- ٻٽيهه منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاٺو، جڏهن گنجهه ساماڻو ته مڙني ڪٺي مات ڪئي.
- شيرو ٻلو شاهه جو، نه پيءُ جو نه ماءُ جو.
- چريا ڏيئي چار، واڇاڻ ونجي هڪڙي، (سا به چرين جي آچار)
- عشق نه پڇي ذات،
- عشق انڌو آهي.
- منهن ته موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس.

- ڪر چگائي چٽ سان، ته ڦيري هٺي پٽ سان.
- ڇوڪر ڇتيءَ ذات جا، ٻون ٻون ڪن ٻڪٽ ۾.
- ديوان جو دم، دمڙيءَ جي دال تي.
- لولي ڇٽي ڪتڻ ڪان، نچڻ لڳس ٻار.

5. پروليون ۽ ٻول

سبڌيءَ ۾ ڪجهہ ڇوٽيون اهڙيون آهن، جن جو بنيادي نظر ۾ چيل پروليون ۽ سگهڙن جا ٽوڪن وارا ٻول آهن. حقيقت ۾ پروليءَ جو مقصد هوندو آهي، ڪنهن جي عقل ۽ سمجهہ جي پرک ڪرڻ. ڳوٺائين ڪچهرين ۾ سومهڻيءَ مهل جڏهن ڳوٺاڻا روزاني ڪم ڪار مان واندا ٿي اچي رهاڻيون ڪندا آهن، تڏهن اڪثر شعر ۽ بيت ڳائيندا آهن، ڳالهيون ڪٿندا آهن ۽ ٻئي ڪي ڳجهارتون توڙي پروليون ڏيندا آهن. گروءَ ۽ چيلي جي وچ ۾ گفتگوءَ واريون پروليون هندي، راجستاني، سنڌي ۽ ٻين ڪن ٻارتي ٻولين ۾ مشهور آهن. انهن ۾ گرو سوال پڇندو آهي ۽ چيلو انهيءَ سوال جو جواب ڏيندو آهي. جيئن ته،

گرو: سئيءَ ۾ ڌاڳو ٻوي ڇونہ،
طعام ۾ پاٽي وجهي ڇونہ،
مرد گهر ۾ رهي ڇونہ؟

چيلو: گرو جي لڙ آهي.

(سئيءَ ۾ ڌاڳو نٿو پوي جو اکين ۾ لڙ يا ڏند آهي، تنهن ڪري پامکونظر نٿو اچي، پاٽي بہ طعام ۾ نٿو وجهي جو لڙاٽيل يا ميرو آهي؛ ۽ مرد بہ گهر ۾ نٿو ويهي جو گهر ۾ لڙ يعني جهيڙو جهتو ۽ گوڙ آهي.)

اِنهيءَ ۾ ٿوري تبديل ڪري، هن ريت بہ ڇوٽي مروج آهي- "سئيءَ ۾ ڌاڳو، طعام ۾ پاٽي ۽ گهر ۾ مرد نہ آهي، ڇو تہ لڙ آهي."

سگهڙن جا ڪجهہ اهڙا ٻول بہ عام ماڻهن ۾ مشهور آهن، جن ۾ ساڳين شين يا گڻن وغيره جو بيان هوندو آهي. انهن کي ڪي ٽوڪ بہ سڏين. انهيءَ قسم جا ٻول يا انهن جا ڪجهہ حصا پڻ ڇوٽين وانگر مروج ٿي ويا آهن. مثال طور،

انڌو ۽ اٺ سونهون، ٻئي هڪ آچار.
- حاڪم، باهہ ۽ پاٽي، اهي ٽيئي گهٽ نہ ڇاڻ.

– ڪاچ ڪٽورو، گيهه گهڙو، موتي ۽ من،
ڀڳا وري نه ٺهن، تن جو ڪجي جتن.

– هڪ انڌو، ٻيو ٻوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ٻارُ، پنجون بيمار،
اهي پنج ئي بي ميار–

هن قسم جا ٻول حقيقت ۾ پڇيل سوالن جي جوابن طور چيل آهن. جيئن ته،

ڪهڙا ٻه جٽا هڪ آچار وارا آهن؟
ڪنهن کي گهٽ نه چائجي؟
اهي ڪهڙيون چار شيون آهن جيڪي هڪ دفعو ڀڄيون ته وري جڙي نه سگهنديون؟
اهي پنج ڪير آهن، جن تي ميار نه آهي؟

ڪڏهن ڪڏهن ٻولن جا ڪي ٽڪرا هوبهو يا ٿوريءَ ڦير گهير سان چوڻين جي روپ ۾ مشهور ٿي ويندا آهن. هڪ سگهڙ جو ٻول آهي:

ڳئون ۽ مينهن ويٺي ڏيي، بيٺي ڏيي اُٺ،
چاري اٺي ڏجي سَڄَ، ڳئو اٺي مُٺ،
جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پٺ.

هن ٻول جي آخري سِٽ چوڻي آهي. وچين سٽ ۾ سگهڙ ٻڌائي ٿو ته، (چاري اٺي... مٺ، يعني چانورن جي اٺي کي ڳوهڻ وقت ترىءَ جو زور ڏجي، ۽ ڪڻڪ جي اٺي کي ڳوهڻ لاءِ مٺ جو زور لڳائجي). هڪ ٻي چوڻي مشهور آهي– ”ڏِچر گهوڙي، سُچر زال، ٻئي ڪڏ پيا“. اها هيٺ ڏنل ٻول جي بنياد تي ٺهيل آهي:

ڏچر گهوڙي، سُچر زال،
ڇڏي ڪڻڪ، گهاٽا تر،
اُڏارو وهاڻ، پنجئي نه ٿيا.

6. ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر ۽ لساني ورثو

ٻهاڪا ۽ چوڻيون عام طور ڪنهن لساني سماج جي پنهنجي پيدائش هوندا آهن. پر هڪ ٻولي وارن ماڻهن جو ٻين ٻولين جي ڳالهائيندڙن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ سياويڪ آهي. انهيءَ ڪري ڪنهن هڪ ٻوليءَ جون چوڻيون ۽ ٻهاڪا، زباني روايتن ذريعي ٻين ٻولين ۾ به ڦهلجي تا وڃن. ڪڏهن ڪڏهن

هڪ ٻوليءَ جا ليکڪ، ٻين ٻولين جا پهاڪا ترجمو ڪري پنهنجين لکڻين ۾ ڪتب آڻين ٿا، تہ اهي پڻ وقت گذرندي ان ٻوليءَ ۾ وهنوار ۾ مروج ٿي ٿا وڃن. انهيءَ ڪانسواءِ آڳاٽين ٻولين (سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اپڀرنش) جا ڪيترائي سهڻا ۽ ويچارن سان ڀريل وچن پڻ هاڻوڪين آريائي ٻولين ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جي روپ ۾ واهپي ۾ هلندا پيا اچن. ان طرح ٻين ٻولين جي اثر توڙي آڳاٽين آريائي ٻولين کان ورثي ۾ ملڻ سبب پڻ ڪيترن ئي پهاڪن ۽ چوڻين جو سرجڻ ٿيو آهي. هتي ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

يٿا راجا، تٿا پرجا (سنسڪرت).
ايڪ پنٿ دو ڪاج.
بڙا ڪهاوڻ، بڙا دک پاوڻ، ڇوٽي ڪا دک دور (هندي).
آج همان ڪل تمان (راجستاني).
يڪ تندرستي هزار نعمت.
دراز ريش خضر يا ابليس (پارسي)

سنڌيءَ ۾ مشهور چوڻيون آهن، جيڪي هوبهو ٻين ٻولين مان ورتل آهن: 'تڪڙ ڪم شيطان جو'، چوڻي عربيءَ جي "التعجيل فعل الشيطان" جو ترجمو آهي، تہ 'ڀائر ٻہ ليکو ٽيون' پارسي چوڻي "دو برادر، سوم حساب" جو ترجمو آهي.

سنڌيءَ ۾ آڳاٽين آريائي آريہ ٻولين مان آيل پهاڪن ۽ چوڻيون جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

1- لڙن سپاهي، ناليو ٿئي سردار جو.
"لڙن جوڌا ۽ جس ملي سيناپتيءَ کي." (مهاڀارت)
2- تيل ترن مان ئي نڪرندو آهي.
3- سنئين ڪانيءَ جو واڌو ويري.

اِها 'سڪند پراڻ' جي چوڻي آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ 'سڌا وڻ ڪٽجن ٿا، پر ڏنگا ڦڏا وڻ اتي ئي بيٺا آهن'.

4- هڪ هٿ سان تاڙي نہ وڄندي آهي.
پراڪرت جي هڪ چوڻيءَ ۾ پڻ هوبهو ساڳيو ويچار ظاهر ڪيل آهي.
5- هٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جو ڪهڙو ضرور؟
"راجشيکر" پنهنجي ڪتاب "ڪرپورمنجريءَ" ۾ پڻ اِن ويچار کي

ظاهر ڪرڻ لاءِ اهو ساڳيو مثال ڪتب آندو آهي.

سنسڪرت زبان ۾ اهو هڪ مشهور سڏاڻت (نيايہ) بہ آهي.

ٻهاڪن ۽ چوڻين جي قدامت

ٻهاڪن ۽ چوڻين جي سرجڻ جا جدا جدا ڪارڻ جاچڻ بعد، ان ڳالهہ تي بہ ويچار ڪرڻ ضروري آهي تہ انهن جو سرجڻ ڪڏهن ٿيو آهي؟ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ مروج ٻهاڪا ۽ چوڻيون گهڻو ڪري ايتريون آڳاٽا آهن، جيتري اها ٻولي آڳاٽي آهي. سنڌي ٻولي، ٻين ڀارتي آريہ ٻولين وانگر ارتقا جي جدا جدا منزلن (سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اپڀرنش ٻولين جي دورن ۾ ڳالهہ ٻولهہ وارن روپن جون منزلون) کي پار ڪري، اٺين نائين عيسوي صديءَ جي آس پاس وڪاس جي نئين منزل ۾ داخل ٿي آهي. ان زماني کان وٺي، هاڻوڪي دور تائين پڻ ٻوليءَ جي آوازن، وياڪرڻي بيهڪ وغيره ۾ ڦيرو ايندو رهيو آهي. جهڙيءَ طرح هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ مروج ڪيترن ئي لفظن ۽ وياڪرڻ جي روپن جو بنياد، اسين ويدن واري سنسڪرت ۽ ان زماني جي آريائي ۽ غير آريائي ٻولين ۾ ڏيکاري سگهون ٿا، تهڙيءَ طرح هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ واهپي ۾ ايندڙ ڪيترن ئي ٻهاڪن ۽ چوڻين جو اتهاس پڻ ان ساڳئي قديم دور ۾ ثابت ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ جا ڪجهہ مثال سنسڪرت ۽ پراڪرت جي چوڻين سان ڀيٽ ڪندي ڏنا ويا آهن. جدا جدا ٻولين ۾ جڏهن اسان کي ساڳين ويچارن ۽ ڀاونائن وارا ٻهاڪا ملن ٿا، تڏهن ان هڪجهڙائيءَ جا ڪارڻ بہ جدا جدا ٿي سگهن ٿا، جيڪي آهن:

1. ٻولين جو ساڳيو اباڻو ادبي ورثو.
2. هڪ ٻوليءَ جو ٻيءَ ٻوليءَ تي اثر.
3. انسان ذات جي سوچ ويچار، مَن- ورتين ۽ تجربن ۾ هڪ جهڙائي.

انهيءَ ڪري ڪيترن ٻهاڪن جي باري ۾ اهو بلڪل خاطريءَ سان فيصلو ڏيڻ مشڪل هوندو آهي تہ انهن ۾ هڪجهڙائي ڪهڙي سبب ڪري نظر اچي ٿي؟ اهو بہ ضروري نہ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن سنڌي ٻهاڪي جي سنسڪرت جي ڪنهن چوڻيءَ سان ويچارن ۾ هڪجهڙائي آهي، تہ اُهو سنڌي ٻهاڪو سنسڪرت مان ئي نڪتو هوندو. ممڪن آهي تہ اُتي ٻن شخصن جو ساڳيو آزمودو ڪارڻ هجي. ان ڪري هرهڪ ٻهاڪي جي جنم جو تہ وقت

چاٺائڻ يا ڪٽڻ ناممڪن آهي. اِنهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ تواريخي واقعن، حالتن يا شخصيتن وغيره سان واسطو رکندڙ پهاڪن ۽ چوڻين جي سرجڻ بابت تلهي ليڪي فيصلو ڏيئي سگهجي ٿو. مثال طور، ”ڪنن جي ڳالهين مير بجار مارايو“ پهاڪو 1780ع ۾ مير بجار جي وفات بعد ٺهيو آهي. ساڳيءَ طرح، راجا دلوراءِ سان سنبنڌ رکندڙ پهاڪا، يارهين عيسوي صديءَ ۾ دلوراءِ جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد ٺهي جڙيا آهن. شاهہ عبداللطيف جي ڪلام جون ڪجهہ سِٽون (ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ريءَ؛ يا 'چاچي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو مَ ٿئي') سنڌس حياتيءَ ۾ يا هن جي وفات کان ٿورو عرصو پوءِ پهاڪن جي درجي تي پهتيون آهن.

پهاڪن جي ارتقا

پهاڪن جو استعمال روزاني زندگيءَ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ٿيندو رهي ٿو. هڪ شخص کان ٻئي شخص، هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ ۽ هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ڏانهن سفر ڪندي پهاڪا ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي لفظي بيهڪ توڙي معنيٰ ۾ ڪي قدر تبديل بہ ڪري ٿا ڇڏين. اهڙيءَ ڦير گهير کي 'پهاڪن جي ارتقا' چئجي ٿو.

انهي کي مکيہ طور ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: روپ–وڪاس ۽ ارٿ–وڪاس.

1. روپ – واڪس (بيهڪ موجب ارتقا)

انهيءَ جو مطلب پهاڪي جي روپ يعني لفظن جي بيهڪ ۾ تبديل، جيڪا هيٺئين نموني نظر اچي ٿي:

الف: ڪنهن هڪ لفظ جي تبديل

- ڪسيري جي ڪُتي، ٽڪي جا ڪائي ٽڪر (يا نانُ)
- ڪاٺيءَ جي وهاڻ ۾ سنڪٽ (يا نڪتِ) گهٽا.
- ٻڏيءَ ٻيڙي جون هريڙون پليون (يا لوهہ پلو)

ب: هڪ کان وڌيڪ لفظن جي ڦير گهير

- لکيا لوهارن کي ٽپڙ تي ٽانڊا

(يا – لکيون لوهارن کي چڏن ۾ چڻنگون)

- ٻن ٻيڙين ۾ جيڪو چڙهي، تنهنجون ٽنگون ڦاٽن.

(يا – ٻن ٻيڙين ۾ جيڪو چڙهي، تنهنجا چڏا چيرجن)

ٻ: فقرن يا لفظي ميڙن جي سلسلي ۾ تبديل

– بخشيش سؤ سؤ، حساب جؤ جؤ
(يا ـ حساب جؤ جؤ، بخشيش سؤ سؤ)
– ڀيو سڀ رهندو هت، نيڪي نيندين پاڻ سين.
(يا – نيڪي نيندين پاڻ سين، ڀيو سڀ رهندو هت)

ڀ: روپ جو وستار

– ڏاڏي جي لٽ ڪي ۾ مٽا.
(يا – ڏاڏي جي لٽ ڪي ۾ مٽا، جيڏانهن ڪوڙ تيڏانهن ڪپي)
– اُپ ۾ ٽڪ اُڇلائي، سو منهن ۾ پائي.
(يا – اُپ ۾ ٽڪ اُڇلائي، سو منهن ۾ پاءِ، جيڪو هٿ ڪٺي وڏن ڏي، تنهن سان مهڙي ٿئي هاءِ.)
– واٽيو آهي اٽي جو ڏيٺو.
(يا – واٽيو آهي اٽي جو ڏيٺو، اندر ڪاٺيس ڪوٺا، تہ ٻاهر ڪاٺيس ڪانءَ.)
– اڏ ڪي ڇڏي جو سچيءَ ڀنيان ڊڪي، تنهنجو اڏ بہ وڃي.
(يا -اڏ ڪي ڇڏي جو سچيءَ ڀنيان ڊڪي، تنهن ڪي سچي نہ ملي، پر اڏ ڪاڻ سڪي.)
– ڀائر ڪوٽ جا ڪنگر، ڀٽ گهر جي سونهن.
(يا – ڀائر ڪوٽ جا ڪنگر، ڀٽ گهر جي سونهن، ويٺا ڪن ورونهن، ڏڇڻ پوران ٿي ڏري.)
(نوٽ: آخري مثال بابت اِن طرح بہ سمجهائي ڏيئي سگهجي ٿي، تہ ڪڏهن سڄو بيت، تہ ڪڏهن اُن جو فقط هڪ حصو ٻهاڪي جي روپ ۾ مشهور ٿي وڃي.)

2. اَرٿ – وڪاس (معنيٰ موجب ارتقا)

وهنواري زندگيءَ ۾ جدا جدا حالتن ۾ استعمال ڪرڻ تي ڪجهہ ٻهاڪا هڪ کان وڌيڪ مَعنائون (يا ٻٽي معنيٰ) ظاهر ڪن ٿا. مثال طور، "ڪيتي، سر سيتي"

يعني اُها ڪيتي سٺي پيدائش ڏيندي، جيڪا هاري پنهنجي هٿن سان يا پاڻ محنت ڪري اُپائي ٿو. مطلب تہ جيڪڏهن پوک جو ڪم ٻين کي سونپيو ويو، تہ پوءِ ممڪن آهي تہ اُنهن جي لاپرواهيءَ سببان فصل دل گهريو نہ ٿئي. جيڪڏهن ڪيتيءَ ڪنديِ اِهي لفظ هڪ ڪڙميءَ ٻئيءَ کي چيا

آهن تہ پوءِ اُتي اُن جي اڪري معنيٰ ئي لاڳو ٿيندي. پر جيڪڏهن ڏنڌي واپار ۾ ڪو شخص پنهنجي فرض ادائي پوريءَ طرح نٿو ڪري ۽ پنهنجو ڪم ٻين کي سونپي پاڻ لاپرواهہ ٿي ويجي ٿو، تہ اُن وقت ڪيس تنبيهہ ڪندي جيڪڏهن ڪنهن اِهي لفظ چيا آهن، تہ پوءِ اُتي ڪيتيءَ جو مطلب ڪوبہ ڪم يا ڌنڌو - واپار ڪٿبو. اُن حالت ۾ حاصل مطلب ٿيندو تہ ڪوبہ ڪم سٺي نموني پورو تڏهن ٿيندو، جڏهن ماڻهو پاڻ ڏيان سان اُهو ڪندو.

ساڳيءَ طرح، "جهڙو وڻ، تهڙو ڦر" جي اڪري معنيٰ آهي تہ وڻ سٺي جنس جو هوندو تہ اُن مان ڦل بہ سٺا ملندا. پر جيڪڏهن وڻ جي جنس ئي جڏي آهي تہ اُن مان عمدو ميوو حاصل ڪرڻ جي اُميد رکڻ اجائي ڳالهہ آهي. وهنوار ۾ اِن جو اِهو مطلب بہ نڪري ٿو تہ جنهن جو جهڙو بڻ - بنياد يا خاندان هوندو، تهڙو ئي سندس سياءُ ٿيندو. (سنڌيءَ ۾ ساڳيءَ معنيٰ وارو ٻيو پهاڪو بہ آهي، "جنهن جو بد بڻياد تنهن جو ميوو ئي مٺو نہ ٿئي")

هر هڪ ٻوليءَ ۾ ڏٺو ويو آهي تہ ڪيترائي پهاڪا هڪ ڪان وڌيڪ مطلب ظاهر ڪن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ٻڌندڙ ڪنهن پهاڪي جو صحيح مطلب نٿو سمجهي، تہ پوءِ اُن جو ٻيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. وقت گذرندي، اُن پهاڪي جو اصل مطلب بدلجيو ويجي. مثال طور، "آپ نہ مريئي، سرڳ نہ جاءِ" جي اڪري معنيٰ ڪٿي، روچيرام گجومل اُن جي سمجهاڻي لکي آهي، 'پاڻ' (آپ، آپو، خودي) مارڻ ڪان سواءِ، ماڻهو سرڳ ۾ وڃي نہ سگهندو.

Without the annihilation of self, one can not go to heven"

(A harid bookof Sindhi Proverbs, Fourth edition, 1935 p.2)

سترامداس سائل بہ پنهنجي ڪتاب "درن جي دٻلي" ۾ اُن پهاڪي جي معنيٰ ساڳئي نموني سمجهائي آهي: "جيسين آپي يا خودءَ جو انت نہ آڻبو، تيسين سچو آنند يا سرڳ وارا سک نصيب نہ ٿيندا."

پر مون اڪثر اِن پهاڪي جو استعمال هن ٻيهڪ ۾ بہ ٻڌو آهي، تہ جيستائين ماڻهو پاڻ تڪليفون سهي، پنهنجو ڪم نٿو ڪري، تيستائين اُهو اُن کي صحيح نموني پورو ڪري، اُن جو آنند ماڻي نٿو سگهي. مطلب تہ ٻين تي ڪم رکي، پاڻ آرام سان ويهي رهڻ سان اُهو ڪم سڦل ٿي نہ سگهندو. منهنجي ويچار ۾ اِن پهاڪي جو اِهوئي صحيح مطلب آهي. هنديءَ ۽ ٻين ڪن ٻولين ۾ پڻ اِن معنيٰ ۾ اِهو پهاڪو ڪتب ايندو آهي. 'پولانات تواريءَ' هندي

ڪهاوت جي ڪوش ۾ پڻ اِن پهاڪي جو اِهو مطلب ڏنو آهي:

(پيٽيو: "آپ مري بنا سورگ نهين ملتا"= اپني ڪئي بنا ڪوئي ڪام نهين هوتا. برهت هندي لوڪي ڪتي ڪوش. ص. 123)

سترامداس سائل "ميندي ۾ تي مارئي ڳائجي" پهاڪي جي معنيٰ هن ريت سمجهائي آهي:

1. شاديءَ ۾ ڏک جا گيت ڳائجن، تہ ائين چئجي.
2. ڪابہ اڻ موقعائتي يا نامناسب ڳالهہ ٿئي، تہ ائين چئجي.

(درن جي دبلي، ياڳو پيون، ص. 221)

لڳي ٿو تہ سترامداس سائل اِها سمجهاڻي روچيرام گجومل جي پهاڪن جي ڪتاب تان کنئي آهي، جنهن ۾ پڻ ساڳي معنيٰ انگريزيءَ ۾ ڏنل آهي. (ص. 122)

حقيقت ۾ اِهو پهاڪو 'ميندي ۾ مارئي ڳائڻ' محاوري جو بدليل روپ آهي، جنهن جو مطلب آهي- "اشاري سان چوڻ؛ ڳجهيءَ طرح ڳالهہ ڪرڻ؛ هلڪي، ڌيمي آواز يا سُر ۾ ڪنهن کي ڳجهي نموني ڪا ڳالهہ چوڻ." اِن موجب هن پهاڪي جو مطلب آهي: "اشاري ۾ يا ڳجهہ ڳوهہ ۾ پيون ڳالهيون ٿين." ڪڏهن ڪنهن پهاڪي جي روپ ۾ ڪجهہ تبديلي ٿيڻ ڪري، اُنهن جي معنيٰ ۾ بہ فرق اچي ويندو آهي. جيئن تہ:

- چريو، تہ بہ گهر ڏي وريو.
- ڪو چريو، تہ بہ پتر اُچلي گهر ڏي.
- سيوهاڻي چريو پتر ڊوئي گهر ڏي.

اِنهن پهاڪن تي ويچار ڪندي، موتي لال ڀٽاڻيءَ لکيو آهي تہ انهيءَ پهاڪي جي صحيح صورت آهي: "سيوهاڻي چڙهيو، پتر ڊوئي گهر ڏي؛ سيوهاڻي چڙهيو، تہ بہ پتر اُچلي گهر ڏي." مطلب تہ سيوهڻ سنڌ جا رهاڪو ڪفايت ۽ صرفي وارا آهن. هو زندگيءَ ۾ چاهي ڪيتري بہ ترقي ڪن، شاهوڪار ٿي وڃن، تہ بہ ڪفايت ڪان ڪنارو نہ ڪندا آهن. رستي ويندي ڪي پتر ڏٺائون، تہ اُهي بہ گهر کڻي وڃي سنڀالي رکندا، ڇاڪاڻ تہ وقت تي اهي بہ ڪتب اچي سگهندا.

وهڻ مُنيو ئي ناهہ، دلو پڇي نار کي.

روچيرام گجومل ۽ پيرومل مهرچند پنھنجن ڪتابن ۾ اِهو پهاڪو اِن روپ ۾ ڏنو ۽ سمجهايو آهي ته درياهه پنھنجو رخ ڦيرائي ٻئي پاسي هليو ويو ۽ دلوراءِ جي نگريءَ ڪان گهٽو پري وهڻ لڳو. تڏهن به دلوراءِ پيو حسين عورت جون پچائون ڪري. مطلب ته جڏهن ڪو ماڻهو اڻ هونديءَ ڳالهه ڪي حاصل ڪرڻ جي اُميد رکندو آهي، تڏهن هي پهاڪو ڪتب ايندو آهي.

سترامداسؔ سائل پنھنجي ڪتاب ۾ اِهوپهاڪو هن روپ ۾ درج ڪيو آهي:

"وهڻ منڊوئي ناهه، دلو پڇي نار ڪان." (صفحو 228)

لڳي ٿو ته هن اِن روپ ۾ اِهو پهاڪو ٻڌو آهي. جنهن ۾ 'ڪي' 'بدران' 'ڪان' حرف جر ڪتب آندل آهي. پيو ته سندس ڏيان مٿي ڄاڻايل ڪتابن ۾ درج ڪيل اِنهيءَ پهاڪي طرف به شايد نه ويو آهي. انڪري هن سمجهاڻي به ٻيءَ ريت ڏني آهي. جنهن ۾ پهاڪي جو واسطو دلوراءِ راجا سان نه ڏيکاريل آهي، هو لکي ٿو: "وهڻ = سمنڊ، درياهه، منڊو = ڇيڙو. دلو = ڪنهن پرش جو نالو. درياهه جو ڇيڙو ڏسڻ ۾ ئي ڪين آيو آهي، ته دلو زال ڪان سوال پڇڻ لڳو ته هاٿي ڇا کٻو؟ مطلب ته ڪا ڳالهه ڏسجي ئي ڪانه، ۽ اُنَ بابت ويهي سوال پڇجن، ته ائين چئجي." (ڏرن جي دبلي، ڀاڱو ٻيو، ص - 258)

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي ته نه فقط پهاڪي جي صورت ۾، پر اُنهيءَ جي معنيٰ ۾ به تبديلي اچي ويندي آهي. "گل شڪر" نالي سنڌي پهاڪن جي آڳاٽي مجموعي ۾ اُنهيءَ جي ليکڪ ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ هر هڪ پهاڪي جي معنيٰ به سمجهائي آهي. ڪيترن پهاڪن جو مطلب سمجهائيندي هو اڪثر انهن ۾ ڪي نه ڪي روحاني راز ۽ نصيحتت آميز نڪتا بيان ٿو ڪري. منهنجي ويچار ۾ ڪيترن پهاڪن جي حاصل مطلب سان اُنهن جو ڪوبه واسطو نه آهي. حقيقت ۾ اها اجائي ڇڪتاڻ آهي. مثال طور،

ٻه گدرا هڪڙي مٺ ۾ نه ماپن.

اِن جو عام رواجي مطلب اهو آهي ته، اِنسان هڪ ئي وقت ٻه يا ٻن ڪان وڌيڪ مشڪل ڪم ڪري نه سگهندو. اِن ڪري صحح طريقو اِهو آهي ته هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻئي کي ڪٽي. ڪيولرام سلامتراءِ اِن پهاڪي کي شمجهائيندي لکيو آهي: "مطلب هي آهي ته جو ماڻهو ڏٺيءَ کي ڳولي، سو جڏهن دنيا جي ڏنڌن ڪان پاڻ کي آجو رکي، تڏهن ڏٺيءَ ڏي مهاڙ ٿئيس. يعني دنيا جو ڏنڌو ۽ ڏٺيءَ جي يادگيري ٻه ڪم گڏ پورا ٿيڻ اڻانگو ڪم آهي."

آهاري، وهنواري، ٽيون گهوٽ مهاري، ٻيا ڪري ته هاري.

اِن جو مطلب ايترو ئي آهي ته آهار (کاڌي پيتي ۽ وهنوار ۾ ماڻهوءَ کي لڄ شرم ڪرڻ نه گهرجي. ساڳيءَ طرح، مهاري ۾ يعني شاديءَ بعد گهوٽ - ڪنوار جي سمهڻ واري ڪمري ۾ به گهوٽ کي لڄ -حياءُ ڪرڻ نه کپي. اِنهن ٽنهي ڳالهين ۾ يا چئجي ته ڌنڌي - واپار، وهنوار ۾ جيڪو حجاب ڪري ٿو، اهو نيٺ پاڻ کي ئي نقصان رسائيندو. ڪيولرام اِنهيءَ دنيوي نصيحت کي به چڪي روحاني مارڳ طرف کڻي ويجي ٿو. هو لکي ٿو، ”مطلب هي آهي، جو سياڻا چوندا آهن ته لڄ چڱي آهي، پر اِنهن ٽن ڪمن ۾ لڄ ڪرڻ مرڳو گهاٽو آهي. تهڙيءَ ريت جيڪڏهن ڌڻيءَ جو ٻوليو پڻ سنسار جا حجاب نه ڀڃندو، ته ڌڻيءَ کي واصل نه ٿيندو.“

هتي اِنهيءَ ڳالهه جو ڌيان رکڻ گهرجي، ته ارتقا جي سلسلي ۾ جڏهن ڪنهن ٻهاڪي جي روپ يا معنيٰ ۾ تبديلي اچي ويجي ٿي، ته اُنهيءَ بدليل روپ ۾ آن ٻهاڪي کي غلط سڏڻ ٺيڪ نه آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اِهو فيصلو ڏيڻ درست ٿيندو، ته اهو ٻن يا وڌيڪ روپن يا معنائن ۾ مروج آهي. اِها ڳالهه به ممڪن آهي ته هڪ ئي ٻهاڪو الڳ الڳ علائقن ۾ ٿوري ڦير گهير سان واهپي ۾ اچي ويجي. اوسر جي دوران اڪثر اهو به نظر اچي ٿو ته ڪي ٻهاڪا وقت گذرندي، حالتن جي ڦير گهير سببان يا ڪن ٻين ڪارڻن جي ڪري واهپي مان گهٽبا ٽا وڃن. آهي پوءِ فقط ٻوليءَ جي عجائب گهر ۾ وڃي جاءِ والاريندا، باقي وهنواري زندگيءَ ۾ اُنهن جو خير ڪو استعمال ٿيندو. مثال طور، ڀارت جي سنڌين ۾ اهڙن ٻهاڪن جو واهپو بلڪل گهٽ ٿي ويو آهي، جن جو واسطو سنڌ جي ماحول، جاگرافيءَ يا اُڳوڻين حالتن سان آهي. جيئن ته: ’وٺو ته ٿر، نه ته ٻر‘؛ ’گوني سدا اونهي‘؛ ’لاڙ آهي ساڙ‘.

ٻيو ته اهڙا ٻهاڪا جن ۾ ڪي فاحش اٽوٽندڙ لفظ ڪتب آيا آهن، اُنهن جو استعمال به تعليم يافته طبقي ۾ بند ٿي ٿو وڃي. جيئن ته:

’ڪانون کي پيلا هجن ها، ته اڏامندي نظر اچن ها‘ .

’جيڪي ڪانچ پائيندا آهن، سي مُنهن جي جاءِ به رکندا آهن‘ .

’هنگڻ ٿورو، ڦڙ ڦڙ گهڻي‘ .

’گولاڙو ڳنيان ڀڃي‘ .

’اڻ گهريو ماءُ ٻار کي ٻيو نه ڏئي،

شاهوڪاري پار چريو يا چِتو‘ .

ٻوليءَ ۾ جيڪڏهن ڪي پهاڪا واهپي ۾ گهٽجي، نيٺ متروڪ ٿي ٿا وڃن، ته ٻئي طرف وري نين حالتن پٽاندر ٻين پهاڪن جو جنم به ٿئي ٿو. ڀارت جي موجوده حالتن مطابق، سرڪاري نيتيءَ موجب جوڙيل نعرا ”هم دو، هماري دو“، ”ڇوٽا پريوار، سکي پريوار“ (يا هت پاڪستان ۾ وري – ’ٿورا ٻار – پيار ئي پيار‘.) وغيره جيڪي ننڍڙي ڪتنب قائم رکڻ جي هدايت ٿا ڏين، اهي سنڌيءَ ۽ ٻين ڪيترن ئي ٻولين ۾ هوبهو ساڳئي روپ ۾ يا ترجمي جي صورت ۾ چوڻين جي درجي کي حاصل ڪري چڪا آهن. اِهو به نظر آيو آهي ته هنديءَ، اردوءَ ۽ ٻين علائقائي ٻولين جي اثر هيٺ ڪي نوان پهاڪا به سنڌيءَ ۾ استعمال پيا ٿين.

اهڙن پهاڪن کي جنم ڏيندڙ اڪثر اُهي ليکڪ آهن، جيڪي ٻين ٻولين جا پهاڪا ساڳئي روپ ۾ يا ترجمي جي صورت ۾ پنهنجين لکڻين ۾ ڪتب ٿا آڻين. اُنهن جو استعمال پوءِ ٻيا لکندڙ به ڪرڻ لڳن ٿا.

مثال طور، سترامداس سائل جي تيار ڪيل پهاڪن جي مجموعي ’دُرن جي دٻلي‘ ۾ هيٺ ڏنل پهاڪا ملن ٿا، جيڪي ظاهر آهي ته هن هنديءَ تان ترجمو ڪري، اِنهيءَ ڪتاب ۾ شامل ڪري ڇڏيا آهن:

- جتي نه پهچي روي، اتي پهچي ڪوي.
  (هندي: جهان نه پهنچي روي، وهان پهنچي ڪوي.)
- جنهن جي لٺ، تنهنجي مينهن.
  (هندي: جسڪي لاٺي، اُسڪي ڀئنس.)
- جو پوئجي ويو، سو موتي ٿيو.
  (هندي: جو بند گيا، سو موتي.)
- جيڪو ٿيندو تنگ، سو ڪندو جنگ.
  (فارسي: تنگ آمد، به جنگ آمد.)
- ڏُوڌا ۾ ٻئي ويا، نه دنيا ملي نه رام.
  (هندي: دوڌا ۾ دونو گئي، نه مايا ملي نه رام.)

پيرومل مهرچند پڻ ’گلقند‘ نالي پهاڪن ۽ محاورن جي مجموعي ۾ اِن طرح ٻين ٻولين جا (خاص طور هنديءَ جا) پهاڪا، اصل روپ ۾ يا ترجمو ڪري شامل ڪري ڇڏيا آهن. جيئن ته،

- ڇڙهيءَ جو صرفو ڪيو ته ٻار ڪريو. (گلقند، ص. 14)
(انگريزي: (Spare the rod and spoil the child)
- مجيدا ڪونه ڪهي صاحب ڪون، يون نا ڪرو تم يون ڪرو. (گلقند، ص. 25)
- ڪم قوت، غصا بهت، مار کاني ڪي نشاني. (گلقند، ص. 32)
- دم سگ راست نشود، (فارسي: گلقند، ص. 35)
- هٿان پيئي نانڪا، در در ڌڪا کاءِ. (پنجابيءَ تان. ص. 55)
- بجا ڪهي جسي عالم، اُس ڪو بجا سمجهو.
- آواز - خلق ڪو نقارهء - خدا سمجهو. (اردو، ص. 58)
- جسڪا ڪام تسڪو ساجي. (هندي، گلقند ص. 65)

اهڙيءَ طرح، سنڌيءَ ۾ زباني روايتن وسيلي يا وڏن ليکڪن جي لکڻين ذريعي، ٻين ٻولين جا چڱائي پهاڪا اصلي روپ ۾ يا ترجمي جي صورت ۾ داخل ٿي ويا آهن. اُنهن مان جيڪي عوام ۾ مروج ٿِتا ٿين، سي وقت گذرندي پاڻمرادو مري تا وڃن. پر جن کي عوام اپنائي ٿو، آهي وڏي حياتي ماڻين ٿا. حقيقت ۾ جن پهاڪن ۾ ڪنهن عالمي سچائيءَ کي سهڻي نموني پيش ڪيو ويو آهي، آهي ٻوليءَ ۾ رتنن مثل چمڪندا رهن ٿا.

7
پهاڪن جي ورهاست

الف - بي وار ترتيب

جدا جدا ٻولين ۾ پهاڪن جا جيڪي ڪوش ڇپيل آهن، اُنهن ۾ گهڻو ڪري پهاڪن کي اُن ٻوليءَ جي الفابيٽ مطابق، سلسليوار ترتيب ڏيئي داخل ڪيو ويو آهي. اِن طرح سنڌيءَ ۾ ٻہ پهاڪن جا گهڻا مجموعي آهي آهن، جن ۾ پهاڪا الف - بي وار ڏنل آهن. مثال طور، "گل شڪر" ۾ 'ڪيولرام سلامتراء آڏواڻيءَ' ۽ "ڏرن جي ڍبلي" ۾ 'سترامداس جڙيا سنگهاڻي سائل' اِنهيءَ طريقي سان پهاڪا درج ڪيا آهن. ٻئي طرف، 'پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ' پنهنجي ڪتاب "گلقند" ۾ الف -بي وار پهاڪا ڏيڻ سان گڏوگڏ، ڪيترن هنڌن تي پيٽ ڪندي، ساڳئي،مطلب وارا پهاڪا بہ اُنهن سان گڏ شامل ڪيا آهن.

موضوع موجب ورهاست

ٻين ٻولين ۾ پهاڪن جا ڪجھہ مجموعي اهڙا بہ شايع ٿيل آهن، جن ۾ پهاڪن کي جدا جدا موضوعن موجب ورهائي داخل ڪيو ويو آهي. مثال طور، 'وشوناٿ دنڪر نرواڻي' پُڻي (مهاراشٽر) مان ٽن ڀاڱن ۾ "ڀارتيہ ڪهاوت ڪوش" ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. اُنهيءَ جي پهرين ٻن ڀاڱن ۾ ڀارت جي مکيہ ٻولين جا پهاڪا موضوع موجب ورهائي ڏنا ويا آهن.

ٽئين ڀاڱي ۾ هرهڪ ٻوليءَ جون چونڊ ڪهاوتون ڏنل آهن. هرهڪ پهاڪي جي انگريزيءَ ۽ هنديءَ ۾ معنيٰ بہ سمجهايل آهي. اِنهيءَ ڪوش ۾ اٽڪل ٻارهن سو سنڌي پهاڪا انگريزي ۽ هندي ترجمي سان بہ شامل ڪيل آهن. آهي مون چونڊيءَ ۽ ترجمو ڪري مرتب ڪري ڏنا آهن - سنڌيءَ ۾ مون

کي اڃان تائين سنڌي پهاڪن جو ڪوبہ اهڙو ڪتاب شايع ٿيل نظر نہ آيو آهي، جنهن ۾ موضوع موجب پهاڪن کي ورهائي ڏنو ويو هجي. حقيقت ۾ ڏنو وڃي تہ موضوع مطابق پهاڪن جي جُدا جدا ڪلاسن ۾ تقسيم ڪرڻ نهايت ئي انڪانيو ڪم آهي. اِن ڪري پهاڪا گڏ ڪندڙن اڪثر اها واٽ اختيار نہ ڪري الفابيٽ جي اکرن مطابق پهاڪا پنهنجن ڪتابن ۾ ڏنا آهن. اچو تہ اِنهيءَ سوال تي وڌيڪ ويچار ڪريون.

موضوع موجب ورهاست ۾ مسئلا

پهاڪن ۽ چوڻين جي وچ ۾ فرق بابت ويچار ڪندي اسان ڏٺو تہ چوڻيون فقط اکري معنيٰ ظاهر ڪنديون آهن - جيئن تہ،

(1) ترت دان مها پڄ.
(2) ڀلو ڪر تہ ڀلو ٿيئي.
(3) اِنسان خطا جو گهر آهي.
(4) ڏياريءَ جو ڏيئو ڏٺو، ننڍو وڏو چير مٺو.

اهڙين چوڻين جي مکيہ مقصد کي ڌيان ۾ رکي، انهن کي جدا جدا موضوعن موجب ورهائڻ ۾ ڪوبہ مسئلو نہ آهي. پهرين چوڻيءَ ۾ ڪنهن گهرجائوءَ واسطي سر قربان ڪرڻ ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. ٻين چوڻيءَ ۾ ڀلائي ڪرڻ جي نصيحت ڏنل آهي. ٽينءَ چوڻيءَ جو مطلب آهي تہ هرهڪ اِنسان کان ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪا ڀل ٿي ويندي آهي. چوٿين چوڻيءَ ۾ اِهو ڄاڻايل آهي تہ ڏياريءَ جي موسم ۾ چير مٺا ٿيندا آهن.

چوڻين کان پهاڪا اِنهيءَ لحاظ کان علحدا آهن، تہ پهاڪن جي اکري معنيٰ هڪ هوندي آهي، تہ اُنهن جو حاصل مطلب ٻيو هوندو آهي. بيان ۾ استعمال ڪرڻ تي اڪثر پهاڪن جو حاصل مطلب ڪڍبو آهي. جيئن تہ،

مال چورايو هُن، تہ پوليس پڪڙي ويئي سندس پاڙيسريءَ کي. 'اٺو ڪاڏو ڪوئي، تہ مار پيئي گابي تي'

هن بيان ۾ اسان جو مطلب ڪوئي جي اٺي کائڻ ۽ گابي جي مار کائڻ سان بلڪل نہ آهي. پر اِنهيءَ ڳالهہ طرف اِشارو آهي، تہ ڏسو تہ ڏوهہ هڪڙي ڪيو آهي، پر اُنهيءَ جي سزا وري ٻئي کي ملي آهي. هن پهاڪي ۾ ڪوئو ۽ گابو فقط مثال طور آيل آهن. مالڪ جو اٽو جنهن هنڌ رکيو هو، اُتي ڪوئا بہ گهڻا هئا. اُهي اٽو کائي وڃي ٻرن ۾ لڪا. اتفاق سان ڪو گابو اچي

آتي پهتو. جڏهن مالڪ واپس آيو، تڏهن ڏٺائين، تہ اتو آهي ئي ڪونہ ۽ پرسان ڳابو پيو ڦري. هن ائين سمجهيو تہ سندس اتو اِنهيءَ ڳابي کاڌو آهي. پوءِ ڪاوڙ وچان ڳابي تي لٺين جو وسڪارو ڪرڻ لڳو.

پهاڪن جي ورهاست ڪرڻ وقت هن پهاڪي کي ڪوئي يا ڳابي جي موضوع وارن پهاڪن ۾ رکڻ غلط ٿيندو. اِنهيءَ بدران پهاڪي جو حاصل مطلب ڪڍڻ گهرجي تہ ڏوهہ هڪڙو ڪري ۽ اُن جي سزا ٻئي کي ملي. پوءِ اِنهيءَ معنيٰ وارن پهاڪن کي گڏي هڪ حصي اندر رکڻ صحيح ٿيندو. جيئن تہ هيٺ ڏنل پهاڪا اِنهيءَ موضوع اندر رکيا:

- ڪتيو ڪائي ڪتيجا، ڏڪ جهلي ڏيٺس.
- ڪتيو ڪائي فقير، لٺيون جهلي پولڙو.
- ڪري ڪلوُ، تہ پري للوُ.
- ڪري ڪلوُ، مري اَلوُ.
- ڪري ڪو، تہ پري ڪو.

پر ڪجهہ پهاڪا اهڙا بہ آهن، جيڪي بيان جي حوالي موجب اکري معنيٰ ۾ بہ ڪٺي سگهجن ٿا، تہ ٻئي ڪنهن حوالي ۾ اُنهن جو حاصل مطلب پڻ ڪڍي سگهجي ٿو. مثال طور، ”اَٺ ٻڍو، تہ بہ ٻہ ڪنواٽ لهي“ اِنهيءَ جي اکري معنيٰ آهي تہ اٺ پوڙهو ٿي ويندو، تہ بہ ٻن ڪنواٽن (ڪچن يا ننڍن اُٺن) جي برابر آهي، ڇاڪاڻ تہ اُهو اُنهن جيترو بار ڪڍي سگهندو. جڏهن اُٺن تي بار ڍوئڻ وقت اِها ڳالهہ ڪن ٿا، تہ اُتي سندن مقصد اکري معنيٰ ئي آهي. پر جڏهن ڪي شخص گفتگو ڪندي، ڪنهن وڏيءَ عمر واري آزمودگار ۽ تجربيڪار ماڻهو جي باري ۾ ڳالهہ ڪن ٿا. تڏهن ’ٻڍي اُٺ‘ جو مطلب ’سياڻو‘ آزمودگار ’شخص‘ ڪٺبو ۽ ڪنواٽ مان مطلب ٿيندو ’ننڍيءَ عمر وارو، اڻ آزمودگار، الهڙ، ٻاراڻي سياءَ وارو، وغيره.“ اِن حالت ۾ هن پهاڪي جو حاصل مطلب آهي، ”پير مرد سياڻپ ۽ عقل ۾ ٻن نوجوانن جي برابر آهي، يا اُنهن کان بہ وڌيڪ آهي.“ اهڙن پهاڪن جي درجہ بندي ڪرڻ وقت، اُنهن کي جانورن جي درجي اندر، ’اُٺ‘ تي پهاڪن ۾ بہ شامل ڪبو، تہ ٻئي طرف ”وڏن ۾ وڏي ڪلا“ واري معنيٰ ڏيندڙ پهاڪن جي موضوع ۾ بہ داخل ڪبو.

ڪجهہ پهاڪا اهڙا آهن، جن ۾ هڪ کان وڌيڪ مرڪزي ويچار

سمايل هوندا آهن. جيئن ته، ”اُڻندو آهيان، ڇاڪوريءَ جي من ۾ هوندي.“
هيءَ پهاڪو ظاهري طور ڪوريءَ سان واسطو ٿو رکي. ڪوريءَ جي من ۾ ڪپڙي اُڻڻ بابت، يا اُن جي ڊزائين ناهڻ جي باري ۾ جيڪو ويچار هوندو، اُن موجب هو ڪپڙي جي اُڻت ڪندو. پر وهنواري زندگيءَ ۾ گهڻا ماڻهو اِنهيءَ مان خالق يا پرماتما طرف به اشارو ڪڍي، هن پهاڪي جو استعمال ڪندا آهن. مطلب ته سرجڻهار مڙني کان سگهارو آهي. مٿس ڪنهن به بندي جو زور هلي نه ٿو سگهي. هو پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق ڪائنات سرجڻ ڪري ٿو. ان لحاظ کان هن پهاڪي کي ٻن حصن ۾ (يعني ڪوريءَ سرجڻهار) رکي سگهجي ٿو.

ساڳيءَ طرح، هيءَ چوڻي ڏسو: ”جهڙ (يا ڇٽ) جي اُس،انڌي جي ٽڪ، ماڻيجي ماءُ جي مُڪ، جتي لڳي تتي سُڪ“ هن چوڻيءَ ۾ ٽيئي ڳالهيون برابر اهميت رکندڙ آهن. ٽيئي جيتري تڪليف پهچائيندڙ آهن. برسات جي مند ۾ بادلن جي هٽي وڃڻ تي جيڪا اُس نڪري ٿي، اُها گهم ۽ گرميءَ ڪري وڌيڪ ستائيندڙ آهي؛ محفل جي وچ ۾ ويٺل انڌو ماڻهو به جيڪڏهن بنا سوچ ويچار جي ٽڪ ٽَتي ڪري ٿو، ته اُها جنهن کي لڳندي، اُن کي گهڻي تڪليف ڏيندي، ماڻيجي ماءُ به ٻار کي جڏهن ڪاوڙ وچان مڪ هڻندي، ته اُها ٻار کي گهڻو ايذاءُ رسائيندي. هن چوڻي کي ٽن ڪلاسن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو: (1) موسم يا ماحول (2) انڌو (3) ماڻيجي ماءُ جو وهنوار.

ڪي پهاڪا اهڙا آهن، جن کي ڪي ماڻهو هڪ معنيٰ ۾ ته ڪي ٻيءَ معنيٰ ۾ به استعمال ڪن ٿا. مثال طور،

”آپ ڦاٽي کي به ڪڏهن اڳڙي پيئي آهي؟“

اِنهي پهاڪي جون سترامداس سائل به معنائون ڏنيون آهن. (1) ڦاٽل آپ کي ڇتي هڻڻ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. مطلب ته جنهن ڪم جو ٿيڻ محال يا جنهن ٿيڻ واري ڪم کي دفع ڪرڻ محال آهي، تنهنجي چنتا ڪرڻ نه گهرجي. (2) پڌري يا ظاهر ظهور ڳالهه کي لڪائڻ ممڪن نه آهي. اِن ڪري، هن پهاڪي کي ٻن جدا ڪلاسن ۾ رکي سگهجي ٿو.

اهڙن مسئلن کي ڌيان ۾ رکندي چئي سگهجي ٿو ته موضوع يا مرڪزي ويچار جي آڌار تي پهاڪن کي جدا جدا درجن يا ڪلاس ۾ ورهائڻ آسان ڪم نه آهي. پر اِنهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته اِنهيءَ قسم جي ورهاست

ڪرڻ سان اسين ڪنهن جاتيءَ جي سياڻپ، سوچ - ويچار، وهنواري جيون جي آڌار تي حاصل ڪيل آزمودن، وغيره جو آسانيءَ سان اڀياس ڪري سگهون ٿا. هتي سنڌي پهاڪن کي موضوع جي آڌار تي مکيه درجن ۾ ورهايو ويو آهي. باريڪيءَ سان ڇيد ڪرڻ تي هرهڪ درجي کي ننڍن ننڍن پيٽ درجن ۾ بہ ورهائي سگهجي ٿو. هرهڪ درجي ۾ مثال طور ڪجهہ چونڊيون ۽ پهاڪا ڏنا ويا آهن. انهن جي اپٽار ڪرڻ ۽ سمجهائڻ ڏيڻ کان هتي ڪنارو ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان هيءُ مقالو تمام گهڻو وڌي ويندو.

موضوع موجب پهاڪن جا مکيہ درجا

تاريخ سنبنڌي پهاڪا

پهاڪا پيڙهيءَ در پيڙهيءَ ايامن کان زباني روايت ذريعي هلندا پيا اچن. اِنهيءَ ڪري آڳاٽي دور جي تواريخ، واقعن، شخصيتن، ملڪي حالتن وغيره سان انهن جو واسطو هئڻ سڀاويڪ آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙا گهڻيئي پهاڪا ملن ٿا، جن کي جدا جدا ننڍن درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. واردات سنبنڌي

سنڌو نديءَ جو وهڪرو موجوده سنڌ صوبي ۾ ڪنهن زماني ۾ اُيرندي طرف کان ڦري، الهندي پاسي هليو ويو، اِها تواريخي واقعو آهي. اِن سان واسطو رکندڙ ڪجهہ لوڪ ڪٿائون ۽ بيت سنڌيءَ ۾ مشهور آهن. دلوراءِ جي لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ سندس ظلمن سببان هن جي حڪومت پڙپانگ ٿيڻ جو مکيہ ڪارڻ، سنڌو نديءَ جو رخ بدلائڻ ڄاڻايل آهي. هيٺين بيتن ۾ بہ سنڌو نديءَ جي رخ مٽائڻ طرف اشارو آهي. اِهي سنڌيءَ ۾ پهاڪن جي روپ ۾ مشهور آهن ۽ عام طور ماموئي فقيرن جا چيل بيت ڄاڻايا ويندا آهن:

1- هاڪ وهي هاڪڙو، ڀڳي پنڌ اروڙ،
بهہ، ميچي ۽ لوڙ، سمي ويندا سوکڙي.

2- جِر ويجها مڙهئا، ننگر جي آڌار،
پراٺا پرار، نوان آڏجو نجهرا.

اِهي بيت هن روپ ۾ به مروج آهن:

1- هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي ٻنڌ اروڙ،
ٻهه، ميجي ۽ لوڙهه، سمي ويندي سوڪڙي.

2- ننگر جي آدار،متان ويهجو مڙهئا،
پراڻا پرار، نوان اڏجئو نجهرا.

اِنهن بيتن جي پهرين ڏنل پڙهڻي نبي بخش خان بلوچ مقرر ڪئي آهي. هُن صاحب اِنهن سان واسطو رکندڙ ڳالهين کي هن ريت سمجهايو آهي:

"اندازن چوٿين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري، اروڙ وٽان درياءَ جي رخ ۾ ڦيرو آيو. جنهن سبباڻ درياءَ جو مکيه وهڪرو ڦري، بکر وٽان ۽ پوءِ هيٺ سيوهڻ ۽ ٺٽي طرف ڪان تيڻ لڳو ۽ اڳئين مکيه درياءَ هاڪڙي (اَيرندي ناري) ۾ پاڻي گهٽجڻ لڳو. اِن بعد ايندڙ ٽن سون سالن ۾ – يعني اٺين صدي هجري (14 صدي عيسوي) جي وچ ڌاري، سڄو درياءَ پلٽ کائي بکر ۽ سيوهڻ وٽان وهڻ لڳو ۽ هاڪڙي ناري جي حيثيت فقط هڪ ڦاٽ جي وڃي رهي. اِنهيءَ ڪري هيٺ پراڻ ۽ هاڪڙي ڊوري وارا گهڻا پٽ غير آباد ٿي ويا ۽ ٺٽي وارو پاسو وڌيڪ سرسبز ۽ آباد ٿيو. اِهوئي سبب هو جو سيوهڻ ۽ ٺٽي طرف جي سمن زميندارن زور ورتو ۽ وِڳهه ڪوٽ، روپاهه ۽ عمر ڪوٽ واري سومرن جي مرڪزي ايراضيءَ جي شادابي گهٽجي وئي ۽ پڻ سومرن جي مالي حالت ڪمزور ٿيڻ لڳي. سمن جي اُسرندڙ طاقت جي مقابلي ۾ سومرن جي پوئين حاڪم همير پٽ دودي کي سلطان فيرز شاهه تغلق جي طرفان ملتان ۽ گجرات جي گورنرن مدد پئي ڪئي، ۽ سنڌ ۾ سومرن جا گهڻگهرا پڻ اِنهن اُميدن تي پئي ٽڳيا. جيڪي اِنهن بيتن ۾ ظاهر ڪيل آهن، يعني ته –

1- شال هاڪڙو درياءَ وري ڇوٽ وهي! اروڙ ٻنڌ ڇاڻ پڳي! پوءِ (ٺٽي – سيوهڻ طرف سمن يا سندن سردار) سمي ڏانهن ٻهه، ميجي ۽ لوڙهه سوڪڙي تي ويندا (ڇاڪاڻ جو درياءَ هاڪڙي واري وهڪري مان سير ڪري وهندو ۽ ٺٽي واري پاسي ايترو پاڻي ڪونه ويندو، جو اِتي ٻهه، ميجي ۽ لوڙهه ٿين.)

2- اي ماڙهئا! (سمن جي نئين وسايل) ٺٽي شهر (جي شاهوڪاري ۽ رونق) جي آسري متان وڃي اُن طرف ويهو (جو اُتي پاڻي به ڪونہ ملندو؛ هاڪڙو درياءَ چاڻ وري پرجي وڃو، اِنهيءَ ڪري چڱو ائين تيندو تہ) پران جي پريان وڃي پنهنجا نوان گهر اڏيو (جتي وري وڏيو آباديون ٿينديون). (1)

"بابرڪت شيخ پنو، هڪ مئو، هڪ ٺٽو. "

هي پهاڪو بہ، سمن جي اوائلي دور جي هڪ واقعي سان لاڳاپو رکي ٿو. دهليءَ جو بادشاهہ محمد تغلق سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو. پر عيسوي سن 1351ع ۾ ٺٽي جي ڀاهران بيمار ٿي گذاري ويو. اُن بعد سن 1365ع ۾ سلطان فيروز شاهہ ٺٽي تي چڙهائي ڪئي. پر سنڌس لشڪر ۾ رسد جي ڪمي ٿي پيئي ۽ گهوڙن ۾ وبا جي بيماري ڦهلجي ويئي. اِن ڪري سلطان ڪوچ ڪري گجرات طرف هليو ويو. ان تي سنڌ جي لشڪر ۾ خوشيءَ جو مٿيون نعرو پهاڪي جي صورت ۾ مروج ٿي ويو. شيخ يا پير پنو ڏکڻ سنڌ ۾ اُن زماني درويش هئو، جنهن جي دعا سان هي مصيبتون سنڌ تان ٽري ويون.

2. خاص شخصن ۽ راڄ گهراڻن سنبنڌي

چوڏهين عيسوي صديءَ جي آخري دور ۾ سنڌ ۾ سمن جي حڪومت هئي. سن 1375ع ڌاري ڄام جوڻي جي سازش سببان، ڄام تماچي کي دهليءَ ۾ نظربند ڪيو ويو ۽ ڄام جوڻو، علاوالدين جي خطاب سان سنڌ جو حڪمران ٿيو. پر سنڌس راڄ جي ماڻهن جي ساڻس ڪابہ دلي محبت ڪانہ هئي. ڄام جوڻي اٽڪل 1375ع ڪان 1388ع تائين راڄ ڪيو. اُن بعد ڄام تماچي آزاد ٿي واپس سنڌ ۾ پهتو. هن ڄام جوڻي کي هٽائي حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ ڪيون. اِنهن شخصن سان واسطو رکندڙ درويشن جا چيل ڪي بيت بہ سنڌيءَ ۾ پهاڪن طور مشهور آهن:

جوڻو، مت اوڻو، ڄام تماچي آءَ،
سڀاڄهي ڀاڄهہ پيئي، تو سين ٺٽو، راءَ!

(هي بيت شيخ حماد جو چيل آهي. ڄام تماچيءَ کي دعا ڪندي، هو چوي ٿو تہ ڄام جوڻو مت جو اوڻو يعني گهٽ (عقل وارو) آهي، جنهن اهڙو ڪڏو ڪم ڪيو. اي ڄام تماچي تون جلد اچ. توتي ڌڻيءَ جي مهر آهي. سڄو ٺٽو توسان گڏ آهي.

(1) بلوچ، نبي بخش خان: سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ، 1990ع، ص 183-184

اِنهيءَ سلسلي ۾ درويش نوح هوتيائيءَ جي ٻه ساڳي معنيٰ واري دعا مشهور آهي:

جوٽو وڃي جهوري ماريو،
چام تماچي شهرين چاڙهيو.

جيئن ته اِهي درويش اُن دور جا آهن، تنهنڪري اِهي پهاڪا ٻه چوڏهين عيسوي صديءَ جي آخري سالن جا ليکبا.

ميرن جي گهران ڦٽي

يا

ميرن کي گهر مان لڳي

- اِهي پهاڪا ميرن جي گهرو ڦوٽ جي ياد تا ڏيارين، جنهن جو فائدو وٺي سر چارلس نيپئر سن 1883ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو.

"آيا مير، ڀڳا پير" پهاڪي جو اشارو "

سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جي خاتمي ۽ ميرن يا ٽالپرن جي حڪومت شروع ٿيڻ طرف آهي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي صاحبي 1701ع کان 1782ع تائين هلي. اُن بعد ميرن جي حڪومت شروع ٿي. ڪلهوڙن کي ماڻهو پير به ڪري سڏيندا هئا ۽ سندن ڪيترائي مريد هئا. اِنڪري هتي پير جو مطلب ڪلهوڙن سان آهي.

3- اڳوڻين حالتن سنبنڌي

ڪيترن پهاڪن مان سنڌ جي اڳوڻين حالتن طرف به اشارو ملي ٿو. جيئن ته:

"پارسي گهوڙي چاڙهسي"

يا

"پڙهي پارسي وڪڻي ڪڻ تيل، ڏسو هي قسمت جو کيل"

- اهي پهاڪا مسلمانن جي حڪومت ۾ پارسي ٻوليءَ جي اهميت توڙي پارسي دان عالمن جي اوج طرف اشارو ڪن ٿا.

"انگريزن جي بادشاهيءَ تان سج لهي نٿي ڪونه"

پهاڪي مان اِن حقيقت طرف اشارو آهي ته ڪنهن زماني ۾ انگريزن جي حڪومت تمام وسيع هئي. سندن حڪومت جي ڪنهن نه ڪنهن ڀاڱي تي هر وقت سج جي روشني هوندي هئي.

4- لوڪ ڪٿائن سنبنڌي

مڪاني لوڪ ڪٿائون ۽ نيم تواريخي قصا ڪيترن ئي پهاڪن کي جنم ڏين ٿا. جيئن ته،

"عمر وٺي ويو ماروئي وٺندو، ٿر ته ڪين ٿيلهيندو"؟

اِن پهاڪي جو بنياد عمر مارئيءَ جو مشهور قصو آهي.

"چنيسر جي راڄ ۾ لکين ليلائون"

پهاڪي جو آڌار ليلا چنيسر جي لوڪ ڪٿا آهي.

"دلوراءِ جي نگري جان ناس ٿي ويندو"

اِنهيءَ جو اڌار دلوراءِ جو نيم - تواريخي قصو آهي.

ٻارن جي نصيحتن آميز آکاڻين به گهڻن ئي پهاڪن کي جنم ڏنو آهي. مثال طور،

"گدڙ ڊاک نه پڄي آکي ٿو کٽا"

پهاڪي جو بنياد گدڙ ۽ ڊاک جي منهن واري آکاڻي آهي. جنهن ۾ گدڙ ڊاک جا ڇڳا هٿ نه ڪري سگهڻ، بعد، نيٺ نا اميد ٿي چوي ٿو ته اها ڊاک مون کي کانه کپي، ڇاڪاڻ ته کٽي آهي.

"اها ڪڪڙ ئي مري ويئي، جا سونا آنا ڏيندي هئي"

ان پهاڪي جو واسطو ان آکاڻيءَ سان آهي، جنهن ۾ هڪ پڌيءَ عورت لالچ وس ٿي سيئي آنا هڪ ڏينهن حاصل ڪرڻ جي خيال کان ان ڪڪڙ کي ڪٺو. پر کيس هڪ آنو به حاصل نه ٿيو. ان تي هوءَ پنهنجي ڪيتي تي پڇتائڻ لڳي.

"ڪُجا راجا ڀوج ڪُجا گنگو تيلي؟"

يا

"ڪٿي راجا ڀوج ڪٿي گنگو تيلي،"

اهو پهاڪو نه فقط سنڌيءَ ۾ پر ٻين به ڪيترن ئي ڀارتي ٻولين ۾ مشهور آهي. ٻن شخصن جي وچ ۾ گهڻو فرق ڏيکارڻ لاءِ ان پهاڪن جو استعمال ڪيو ويندو آهي. ڀارت جي اتهاس ۾ 'ڀوج' نالي سان گهڻئي راجائون ملن ٿا. هن پهاڪي ۾ ڪهڙي راجا ڀوج جو ذڪر آهي، ان باري ۾ عالمن جي راين ۾ گهڻو اختلاف آهي، ساڳيءَ طرح، گنگو تيلي ڪير هئو، - ان جي پوري سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي.

”مهاراشٽر واڪ - سمپردايہ ڪوش“ جي سمپادڪن (مرتبن) ’داتي‘ ۽ ’ڪروي‘ جي ويچار ۾ هن پهاڪي ۾ ’پرماروَنش‘ جي راجا ’مُنج‘ طرف اشارو آهي، جيڪو ڀوڄ جي ناني سان بہ مشهور هئو. ڪيس گنگ راج تيلپ (973-997ع) هڪ جنگ ۾ ماري ڇڏيو. انهيءَ جي ناني جو بگڙيل روپ تيلي آهي. ’ڀانڊارڪر انسٽيٽيوٽ‘ پوڻي جي اڳوڻي ڪيوريٽر ’شري پي.ڪي. گوڏي‘ هن پهاڪي جو بنياد سنسڪرت قلمي نسخن ۾ مليل هڪ جهوني لوڪ ڪٿا ۾ ڏيکاريو آهي..ان ۾ ڏيکاريل آهي تہ اُڄين جي راجا ڀوڄ پنهنجيءَ دربار ۾ هڪ گهمنڊي ودوان کي بحث مباحثہ ۾ هڪ رواجي تيليءَ هٿان شڪست ڏياري هئي.

مولانا نياز فتح پوريءَ هن پهاڪي جو بنياد اُن لوڪ ڪٿا ۾ ڄاڻايو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ، مالوا ۽ گجرات جي راجا ڀوڄ پنهنجيءَ ڌيءَ جي شادي هڪ رواجي تيليءَ سان ڪرائي ڇڏي، جنهن ديپڪ راڳ ڳائي راجا جي محل جا چراغ روشن ڪري ڏيکاريا هئا. ان طرح، هن شرط پورو ڪري راجڪماري حاصل ڪئي.

قدرتي ماحول، وڻن ٽڻن ۽ پسن پکين سنبنڌي

انسان قدرت جي گود ۾ پلجي ٿو. وڏن شهرن ۾ رهندي پڻ هو قدرتي ماحول جي اثر هيٺ اچي ٿو. وڻ ٽڻ، پسون، پکي بہ سندس روزمرہ جي آزمودي جي دائري ۾ اچن ٿا. اِنڪري هر هڪ ٻوليءَ ۾ اِنهن بابت اسان کي گهڻيئي پهاڪا ملن ٿا. سنڌيءَ ۾ بہ اهڙي قسم جا پهاڪا جهجهي تعداد ۾ ملن ٿا. اُنهن جا ڪجهہ مثال هتي ڏجن ٿا.

الف: آب هوا ۽ موسم

- اُتراڻ اُتريو، اڌ سيارو ڪُتريو.

(اُتراڻ يا مڪر اسنڪرانت پوهہ جي مهيني ۾ ٿيندو آهي. اُن بعد سنڌ ۾ سيءَ گهٽجڻ شروع ٿيندا آهن.)

- ڦڳڻ ڦولاريو، راتيان سيارو، ڏينهان اونهارو.

(ڦڳڻ يعني مارچ جي مهيني ۾ رات جو ٿڌ محسوس ٿيندي آهي، پر ڏينهن جو چڱي گرمي شروع ٿي ويندي آهي.)

- ڏکڻ مينهن نہ وسڻا، جي وسي تہ ٻوڙي، ڪاتر ڏک نہ هٿڻا جي هٿي تہ جهوري.

(سنڌ ۾ اڪثر ڪري ڏکڻ اولهہ طرف کان برسات نہ ايندي آهي. پر جي اِن طرف جي برسات پيئي تہ چڱي ٻوڙ ٻوڙان ڪري ڇڏيندي آهي.)

- سياري ۾ سيءَ پوي آڙهڙ ۾ آرايون، سنڌ ڪنهين ۾ ڪونہ ڪو، ڪنهن ڪي سارهايون.

(سنڌ ۾ خاص طور اُتر سنڌ ۾ سردي ۽ گرمي ٻئي گهڻيون ٿينديون آهن، جيڪي پريشان ڪندڙ آهن.)

- وسي تہ ڪوهہ نہ تہ روهہ.

(ڪوهستان وارو سنڌ جو علائقو برسات ۾ سهڻو لڳندو آهي، نہ تہ اُهو بٽ ملڪ آهي.)

- وُٺو تہ ٿر، نہ تہ بر.

(ٿر ۾ برسات پيئي تہ سڄو علائقو سڪيو - ستابو ۽ سندر بڻجي پوي ٿو، نہ تہ اُهو ريگستان آهي.)

ب: وڻ - ٽڻ ۽ ٻوٽا - گاهہ

- اڪ ڪان الله رکي.

(خراب ماڻهن يا مصيبتن کان پگوان بچائي).

- اڪن کان ٿو انب گهري ۽ ٻيرن کان ٻير.

(جنهن مان ڪنهن ڪم ٿيڻ جو آسرو نہ هجي، اُن ۾ اُميد رکجي.)

- انبن سندو ساءُ، ڪٿان اچي اڪنڊڻ مان.

- آمون ڏهہ گامون

(انب جا وڻ هڪ ٻئي کان پري چڱي مفاصلي تي پوکبا تہ ڦل جهجهو ڏيندا.)

- اندر ٻڏ ٻهون، ٻاهر آٽڻ ان جو.

(ٻڏ = لاڙ ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ گاهہ جي پاڙ، جنهن کي ماڻهو ڏڪار ۾ اناج نہ ملڻ ڪري، پيهي اٽو ڪري کائين. ٻڏ جي اٽي کي چاهي ڪڻڪ جي اٽي جو آٽڻ لڳائبو، تڏهن بہ اُن جو سواد نہ بدلبو.)

- انبان ٻور، ڪلالان لاها.

(انب جي وڻ ۾ ٻهرين ٻور جهجهو نظر ايندو آهي، جيڪو هوا ۾ ڇڻي ويندو آهي ۽ ڦل تمام گهٽ ملندا آهن. ساڳيءَ طرح، ڪلال جي ڪمائي ڏسڻ ۾ گهڻي اچي، پر اوڌر - سوڌر ۾ ُختم ٿي باقي ٿوري وڃي بچي.)

- لنب، مکڻ چنب .

(ٿر ۾ لنب نالي گاهہ پيدا ٿئي ٿو. اُهو جڏهن کير ڏيندڙ چوپايو مال کائي ٿو، اُن جي کير مان مکڻ جو چنبو يعني جهجهو مکڻ نڪري ٿو.)

- سهڻا ٿوهر پٽن ۾ گهڻا.

(ٿوهر هڪ جهنگلي ول ۾ پيدا ٿيندڙ ڦل آهي، اهو ڳدري ڪان به وڌيڪ سهڻو نظر ايندو آهي. پر سواد ۾ تمام ڪوڙو هوندو آهي. ٻاهران جيڪو سٺو نظر اچي، پر اندر ۾ برو هجي، تنهن لاءِ چئجي.)

ب: ميوا، ڀاڄيون

- ڏياريءَ ڏيئو ڏٺو، ننڍيو وڏو چير مٺو.
- گولاڙو ڳٽيان پچي.

(گولاڙو جهنگلي ول جو هڪ ميوو آهي، جيڪو ٻين ڦلن جي اُبتڙ يعني ڳٽيان هيٺيان پچندو آهي.

- پلي سيري ڪان به پلي، سيري ۾ نه ساءُ، پلي گوڏا ڪوڙي ڪاءُ.

(پلي = گاهه جو هڪ قسم جيڪو ڪاڏي جي ڪتب اچي ٿو.)

- ڇٽ بڪيو موري ڪائي، موري ٻڪ گهٽيئي لائي

(موري پاڻ دير هضم آهي، پر ٻئي ڪاڏي سان گڏ ڪائڻ تي پاڻ ٻڪ کي وڌائيندي آهي.)

- واڱڻ ڪن کي وائي، ڪن پيٽي

(واڱڻ ڪن کي وائي سور پيدا ڪن ته ڪن کي ياءِ پون.)

- انبن جون سڪون انبڙين مان نه لهن.

ٻ: پسون - پکي، جيو - جنتو

پسون: - اُٺ جي وات ۾ وڻ وجهه ته به رڙي، ڳڙ وجهه ته به رڙي.

- اُٺن جا بار ڪي گڏهه ڪڻن.
- اُٺ پنهنجي مٽ ۾ ترڪي.
- ڪتو ڇا ڄاڻي ڪڪڪ جي مانيءَ مان.
- ڪتو ڪڙمر جو ويري.
- ٻڪري ڪير ڏني ڦولهڙين گاڏر.
- اُٺ چري ٻنيهه ته ٻڪري چري ڇنيهه.
- ڪانياري ٻلي ڪوئي سندي (جي) جوءِ.
- ڪيرتيءَ ڳانءِ جي لت به پلي.
- ٻه شينهن ٻيلي ۾ نه ماپن (رهن).

پکي: - "ماڏي ککڙ ٻه ڪڏهن ٻانگ ڏني آهي؟
- ڪانگ ڪي لڙ ۾ لاتو (مزو).
- سياڻو ڪانءُ ٻه ٽنگو ڦاسي.
- مور گهڻوئي سهڻو، پر سندس پير ونگا.

جيت: - مگن ڏاڏي، ڪارڙي ڏاڏي، مگَ پڇي ڪارڙو مڇي، مگَ لُٽو ڪارڙو مئو.
(ڪارڙو = هڪ تر ڪان به ننڍو ڪارو جيت جيڪو لاڙ ۾ ٿيندو آهي. مگن جي پوک ۾ پيدا ٿئي ۽ مگن جي لاباري ۾ ناس ٿي وڃي.)
- ڪيليءَ کي ڪڻ، هاٿي کي مڻ.
- ککر ۾ کڙو نه هٽجي.
- گنجي جي مٿي ۾ نڪا جون نڪا ليک.
- جتي ڳڙ هوندو اُتي مکيون ضرور اينديون.
- ڏبري ڍور کي مچر به گهڻا.

ڪيتي - ٻاريءَ سنبنڌي

- جي وسي چيٽ، ته اَن نه ماپي ڪيٽ
(چيٽ جي برسات وسي ته اناج جام پيدا ٿئي.)
- اُتم ڪيتي وڏندڙ واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار.
- ڪلر منجهان ڪين ٿئي، توڙي جال پيارينس جر.
- ڪُني ڦرائجي ۾ پني نه ڦرائجي.
- زمين ڪري ته اَڪَ ڪري.
- پوک ڪٿو ته ٿئي گهڻو.
- پوکين تان کي پوک جيسين پاڻي اٿيئي ٻاڙ ۾.
- ياڻ ته ڪيتي، نه ڪوري ريتي.
- جتي هر تتي گهر، جتي ماني تتي ماڳ.
- ڪيتي سر سيتي.
- اڳي به ان هئو، پوءِ به ٿيو ان، ڪانو ۽ پن، ويو وڇئون نڪري.

سماجي سرشتي سنبنڌي

ڳڏيل ڪٽنب ۽ رشتيدارن سنبنڌي

سماجي سرشتي جو ننڍي ۾ ننڍو ايڪو آهي ڪٽنب يا آکهه. ڪو زمانو هئو، جڏهن ڳڏيل ڪٽنب جو رواج هئو. هڪ ئي چلهه تي پنجاهه سٺ

ياتين جو ڪاڏو نهندو هئو. وقت گذرندي جدا جدا ڪارٽن ڪري اِهو رواج ويو گهٽبو. اڄ ڪالهه جي حالتن ۾ جڏهن هڪ ئي ڪٽنب جا ياتي روزگار سانگي الڳ الڳ هنڌن تي وڃي نوڪريون ڪن ٿا، تڏهن گڏيل ڪٽنب جو ڍانچو گهٽبو ڪري ٽٽي پوي ٿو. ڪٽنب جي جدا جدا ياتين سان ۽ ٻين رشيتيدارن سان واسطو رکندڙ پهاڪا هرهڪ ٻوليءَ ۾ گهڻي تعداد ۾ ملن ٿا. هتي اِنهيءَ قسم جي سنڌي پهاڪن جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

الف: برادري يا نيات

- ڪڙم قبيلي کان شل ڪو ڪتو به ڌار نه ٿئي.
- پنهنجا وري به پنهنجا.
- رت هميشه دانگيءَ ڏي (تي به) ورندو آهي.
- نيات آهي گت گنگا.
- پيو پَرِ، ويو گهرُ.
- پت پيئي، وٺ پيئي.

ب: پنهنجي گهر جو سک

- پنهنجو گهر داتا جو در.
- پنهنجي گهر جهڙي ڪا ٻي بادشاهي؟
- جو سک اپني چوٻاري ۾، سو نهين بلخ بخاري ۾.
- جهنگ جو تتو گهر نري. گهر جو تتو ڪٿي نه نري.

ٻ: پيءُ

- سنت اُهو جو گهاءُ سهي، پيءُ اُهو جو بار سهي.
- بابي جي بهار آهي.
- اَب جو ڏنو کهڙي ڪم جو، جاسين رب نه ڏئي.
- باپ جي ڪٽيءَ ۽ آپ جي ڪٽيءَ وڏو سنڌو.

پ: ماءُ

- ٻي مندو بهار، ملي ماتا جي گود ۾.
- ماءُ ڏسي پيٽ، زال ڏسي کسيا.
- ماءُ جندڻ ڪڍيٺي، ته به ڏيءَ آسائتي.
- ماءُ چٽيندي پٽڙا، ياڳ نه ڏيندي ونڊ.

پ: پٽ

- پٽ پٽيتيءَ سندو، ڏهاڙي ۾ هٿ وڏي.
- پراوا پٽ جي پنهنجا ٿين ها، ته زالون سور ئي نه سهن ها.
- پٽ وٽي ڪنئي وارو، ننهن وٽي لڏي واري.
- پٽ وڏيو سون وڏيو، ڌيءَ وڏي سئڙي لڳي.
- پٽ ڄائي ڪان پوءِ پٽ پڌري ٿئي.
- ڪاڻائو پٽ ڪاٺ ۾ پلو.
- پٽ ڪپٽ پينگهي ۾ پڌرو.

ت: ڌيءَ

- ڌيءَ ڌڻ وڌندڙ وڻ (ڌيءَ وڻ وانگر جلد وڌندي آهي.)
- پيئيءَ ليئيءَ ڌيءَ ڪم اچي.
- ڄاڻي وڻ هڪڙو ڄاڻي وڻ ٽيھ، شال نه ڄمي ڌيءَ جا ڏجي پرائي پٽ کي.
- ڪپاٽ پٽ ڪان سپاٽ ڌيءَ پلي.
- ڌيءَ پيڪي گهر جي ڏائڻ، نائي ساهريٰ گهر جو ڪتو.
(شاديءَ بعد ڌيءَ کي پيڪن ۾ گهڻو نه رهڻ کپي؛ نائيءَ کي ساهرن جي گهر ۾ گهڻو رهڻ نه گهرجي.)
- ڌيءَ پاڙي اندر ساڙي، ڌيءَ دور ڪاٺي چور.
- ڌيءَ گهر جي لڇمي آهي.

ٿ: ڀاءُ

(1) ڀاءُ آهي ڀاءُ، پر جي ٿئي دشمن ته ڪيي ساهه.
(2) ڀائر وڏيا ۾ وير نه چڱجن.
(3) ڀاءُ مت، ڀاڄائي ساهيڙي.
(4) ۾ ڀائرَ ٽيون ليکو.
(5) ڏڪ ڪائجي ڀاءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ.
(6) ڀائر ڪوٽ جا ڪنگر، پٽ گهر جي سونهن؛
وينا ڪن ورونهن، ڏجڻ ڏوران ٿي ڏري.

ٽ: ناناڻا

(1) ناناڻن جي اڳيان ٿي ڏاڏاڻا ساراهي.
(2) ناني رڌڻ واري، ڏوهٽا ڪائڻ وارا.

(3) ناني نوري جتي ڪتي پوري.

(4) ڏوهٽا وڏندي جا ويري.

(5) ڪائي پي ڏوهٽا، ڪوئبا ڏاڏي پوٽا.

ٿ: زال مڙس جو رشتو

(1) ڪني ۽ وني ساھ ڏني به نہ ڇڏجي.

(2) ڪاٺي وٺي به ڪانہ، ڪاٺيءَ بنا سري به ڪانہ.

(3) ڪُرڪٽي ڪانڌ ڪان ور ويلا جهنگ ۾.

(5) گهوٽ ڪنوار راضي تہ ڪوھ ڪندو قاضي؟

(6) ور ڪتيو ڪانجي، ور ڏنو نہ ڪانجي.

(7) پولڙن ڪي بہ پنھنجون زالون پياريون آهن.

(8) راٺي جا راءِ ڪي وٺي.

(9) ڄڃ تان لک بہ قربان.

(10) سڄ مرچان ڪوڙ ڳڙ، پير پيسا جوءِ گر، جيئن آکي تئين پيو ٿر.

ٽ: زال مڙس جو گڏجي گهر هلائڻ

(1) مرد جي ڪُتي زال جي ڪيوتي.

(2) مرد جي ڪتي زالِ جي ستي؛ جي زال ٿي چٽي، تہ مرد جي پاڙ ئي پٽي.

(3) گهڻين زالين گهر نہ هلي، گهڻين مردين هر نہ هلي.

(4) بيبي، نيڪ بخت تہ پائيءَ جي دال ٿي وقت؛
بيبي بدبخت تہ مهيني جي پگهار هڪ وقت.

ٺ: نونهن

(1) نونهن سيڪو ٻئي جي سارهائي، ڌيءَ سيڪو پنھنجي سارهائي.

(2) نونهن آهي ٻن گهرن جو ڏيئو، پيڪو بہ ٺاري تہ ساهرو بہ ٺاري.

(3) ڌيئڙي سو ڪر جو ڏنئہ ماءُ گهر، ننهڙي سو ڪر جو ڏنئہ سس گهر.

(4) ڌڪ هڻ ڌيءَ کي تہ سکي نونهن.

(5) نونهن گهر جي لڇمي آهي.

ڇ: ناني

(1) پٽ پيٽئون، ناٺي اکيئون.

(2) ڌيءَ پيڪي گهر جي ڏائڻ، ناني ساھر گهري جو ڪتو.

(3) ڇانئا ابتا ڏاٽا.
(4) نائي آهي ڪاٺي، پيو هردم ڇُپي.

ڇ: مرد جا ساهرا

(1) سس ري نہ ساهرا، ساليءَ ري نہ نينهن،
چنڊ ري نہ راتڙي، سج ري نہ ڏينهن.
(2) سالا ڪاٺين ساليون ڪاٺين واهہ مارئي جي ڪٽي،
پائر ڪاٺين پينر ڪاٺين پيئي مارئي تي چٽي.
(3) سالا شينهن کي بہ پيارا.

ڇ: سيڻ

(1) سيڻ آهن نيڻ.
(2) سيڻ ڪونہ ٿا ڳالهائن، ڳالهائن ٿا نيڻ.
(3) جن کي ڏنيون ڇايون، تن سان کهڙيون باهيون.
(4) ڏني ڇائي ڇٽي وائي.
(5) سيٽن جو ڏنو سانوڻ جو مينهن.
(6) سيٽن جو ڏنو آهي اڪين جو ڊؤ.
(7) سيٽپو، ويٽپو، ويرپو.
(8) جن اڳيان وار وڇايان، تن سان کهڙو سينو سايان.
(9) سيڻ تہ سڪ، نہ تہ ڇڪ.
(10) سيڻ تہ نيڻ، نہ تہ ويڻ.

جهہ: ڏيراڻيون

(1) کهہ پيو ڏيرپو، جنهن وڇايو پيٽپو.
(2) ڪني ڪني، پر ڏيراڻيءَ نہ ڏني.
(3) ڏيراڻيون توڙ جون ويراڻيون.
(4) پيڻ نہ کجي ڏيراياڻي، ٿي پوي (نہ) ويرياڻي.

ڇ: شاديءَ جو رشتو

(1) انگ اڙيو ڇوڪرو ڪريو.
(2) پٽ پرٽيو معنيٰ پرنيو.
(3) ڇانئو پٽ لٽي سڪ، پرٽيو پٽ پيئي پڪ.
(4) پٽ تيسين جيسين جوءِ ملي اٿس، پر ڌيءَ هميشه ڌي آهي.

(5) مڱيو تہ ويو ملڪ کان، پرڻيو تہ ويو ماءُ پيءُ کان، ڄائس ٻار تہ
ويو پاڻ کان.
(6) ڪنو وٽي، وهہ جي وٽي.
(7) پريو مڙس پٺ نہ ڪجي، وڃائجي نہ وهي.
ڪٺڪن ۾ لاٻارا پوندا تہ ماريو پوندو ڍهي.
(8) مڙس پوڙهو زال جوان، تنهن کي ڄاڻج ڪُڪِ جو ڪان.

پاڙو

ڪتنب جي دائري کان پوءِ سماج ۾ ٻيو دائرو آهي پاڙو. پاڙيسرين ۾ مٺ محبت آهي تہ پاڙو جنت جهڙو چڱو آهي. پر جيڪڏهن منجهن ڦڪت يا اٻٽٽت پيدا ٿئي ٿي، تہ پوءِ پاڙو دوزخ بڻجيو پوي. اِنهن ٻنهي حالتن تي پهاڪا ملن ٿا. جيئن تہ:

(1) پاڙو ابو امڙ آهي.
(2) پاڙون نبين کي بہ پيارو.
(3) سؤ ڏيئي پاڙو وٺجي، سؤ ڏيئي پاڙو ڇڏجي.
(4) جتي ويڙها، تتي جهيڙا.
(5) جتي ٻاهہ ٻري، اُتي جاءِ جلي، پاڙي واري کي کهڙو سيڪ.

مذهب موجب ورڇ

ڀارتي سماج ۾ مذهب جي آڌار تي مکيہ ٻہ درجا آهن، هڪڙا هندو ٻيا مسلمان. ٻنهي ۾ وري ذاتين ۽ وڏ ننڍائيءَ موجب گهڻيئي ننڍا ننڍا درجا آهن، جن تي چڱي تعداد ۾ پهاڪا ملن ٿا. اهڙن پهاڪن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

الف: هندو ۽ مسلمان

(1) هندو ۽ مسلمان ٻئي پوٽا هڪ ڏاڏي جا.
(2) هندو آهن هوند تي.
(3) واڻيو وڙهي ويسيءَ سان.
(يعني ڪاڏي پيتي ۾ ڪنجوسي ڪري ناڻو جوڙي ٿو.)
(4) واڻيو اڏي ڪڏ متان ڪڏ، ڄٽ اڏي ڇڏ متان ڇڏ.
(واڻيو ڪمائي ٿو تہ ڄايون - ڄڳهون اڏائي اُن ۾ پيسي جي سيڙپ ڪري ٿو. ٻئي طرف، هوند وارو مسلمان وري گهڻيون شاديون ٿو ڪري.)

(5) ميمڻ وڃي مڪي، ته به سير-ساهمي (وٽ تاراجي) تڪي.
(6) ميمڻ وڃي مڪي، ته به وٽ سندس ڪوٽا.
(7) چانديا چور، شابراڻي (شباڻي) شاهد.
(8) خان جي خاني مانيءَ مان معلوم ٿئي.
(9) گهر ڇاڻي، گهر ۾ ئي ڏجي.
(مسلمانن ۾ شاديون ويجهن عزيزن ۾ ٿين ٿيون، اِن طرف اشارو)
(10) ميانِ (ملان) جي ڊوڙ مسيت تائين.
(11) ڇٽ جي دمڙي ڇني چمڙي، واڻئي جو سؤ ڪونهي پئو.
(12) ڇٽ پڙهيو، الله اڙيو.
(13) ڪريلائي ڇٽ سان، ڦيري هٽيئي پٽ سان.
(14) ڪامورو وڙهي قلم سان، ڇٽ وڙهي ڏڪي سان.

ب: ملا ۽ قاضي

(1) نئون ملو زور سان ٻانگ ڏيندو آهي.
(2) ملو چور ٻانگو شاهد.
(3) منهن ۾ ملو دل ۾ ڪاسائي.
(4) ملو مئو، مهابو لٿو.
(5) قاضي ڇاڻي، قيامت (قيام) ڇاڻي.
(6) قاضي رشوت تي راضي.

پ: ٻانيڻ

(1) ٻانيڻ ٻنهي لاءِ محتاج.
(2) براهمڻ جو وچن سورج جي ساکيا.
(3) مورک ٻانيڻ، به پارسيون.
(4) ٻڌو پنو، ٻانيڻ چاڙهيو ڪُنو، ته ڪانون ويهي رنو.
(5) مٺي تٺ ٻانيڻ به نه واڇي.
(6) سنتوکي براهمڻ سکي.

ڌنڌي مطابق ذاتيون

(1) ذات به تيلي سينڌ به ميلي.
(2) ڪٿي راجا ڀوڄ، ڪٿي گنگو تيلي.

(3) تيليءَ جو تيل سڙي، مشعالچيءَ جي گانڊ سڙي.
(4) هلڪڙي ذات حجم جي ٺڪر کي ٺنگو.
(5) ڪنير جي گهر ٻُتو دلو.
(6) ڪنير ڪنيارڻ سان نہ پڄي، تہ گڏھ جا ڪن مروڙي.
(7) ڌوٻيءَ جو ڪتو، نہ گهر جو نہ گهاٽ جو.
(8) ڌوٻيءَ جي گهر پيا چور، هو نہ مُنو مُنا اور.
(9) ڌوٻيءَ جي گهران ويئي چو (شو).
(10) سونارو ماءُ جي نٿ مان بہ نہ ٽري (مڙي).
(11) شير نہ ڏيکيا ڏيک ٻلاڙا، چور نہ ڏيکيا ڏيک سونارا.
(12) سوناري جا سؤ ڌڪ لوهار جو هڪ ڌڪ.
(13) لڪيا لوهارن کي ٺڪر ۾ ٽانڊا.
(14) موچيءَ جا گهڙيا موچيءَ جي منهن ۾.
(15) موچڪي رنبي حلال ۾ بہ وهي تہ حرام ۾ بہ وهي.
(16) ڪوري ڪڏ ڪٽي، ۾ پاڻ اُن ۾ پوي.
(17) ڪوري هٽي ٽڙو، تہ ٽٽي نہ دڙو.
(18) نہ ست نہ ڪپاھ، ڪورين ۾ لٺيون ڌڪا.

سرڪاري عملدار

(1) آفيسر جو اڳ ۽ گهوڙي جي پٺ ڪڏهن نہ وڃي.
(2) حاڪم جي ياري، بہ آگر تاڪ ٻي سپ واري.
(3) ديوان جو دم دمڙيءَ جي دال تي.
(4) سيد ۽ سپاهي تن کان رکج يا الهائي.
(5) عامل (سپاهي) نہ دوست، ڦڦڙ نہ گوشت.
(6) ڪامورو معنيٰ ماڪوڙو، جي چنبڙيو تہ مٺي بہ نہ ڇڏي.
(7) حڪيمن ۽ حاڪمين شال نہ ڪو تات پوي.
يا حڪيمن ۽ حاڪمين شل ڪنهن کي ڏٺي نہ وجهي.

زندگيءَ ۾ ناڻي جي اهميت

هر دور جي سماج ۾ ناڻي کي گهڻي اهميت ڏني ويئي آهي. ناڻو سماجي سرشتي جو مکيہ انگ بڻجي ويو آهي. اِن ڪري پيسي جي مهما ۾ چڱي تعداد ۾ پهاڪا ملن ٿا. مثال طور،

(1) اُتَ بہ ناٽو، ويھہ بہ ناٽو، ناٽي بنا نہ ويڳاٽو.
(2) جنھن جي گنديءَ ۾ داڻا، تنھنجا چريا بہ سياڻا.
(3) شاھوڪار جو تت بہ ڪستوري.
(4) ڇِمي، ڪليڻ ڏڪٽي.
(5) مايا اچي تہ انتو ڪري، وڃي تہ چيلھہ ڀڃي.
(6) سيڪو بيٺي جو يار آھي.
(7) سون سؤ ورھئين بہ سوايو.
(8) سون کي ڪھڙي ڪس.
(9) مايا ميڙ مڪر سان، ماني کاءُ شڪر سان.
(10) پئسي پلو مھانگو، ريئي پلو سھانگو.
(جڏھن ناڻو ڳنڍ ۾ آھي، تڏھن مھانگي شيءِ خريد ڪرڻ ۾ ڪو ويچار نٿو ڪجي).

جيون درشن، لوڪ – وھنوار ۽ نيتيءَ سنبنڌي

ھر ھڪ ٻوليءَ ۾ اھڙا پھاڪا چڱي تعداد ۾ ملن ٿا، جن ۾ جيون جي فلاسافي، لوڪ–وشواس، نيتي–آديش، لوڪ–وھنوار، وغيره بابت اظھار يا ھدايت ھوندي آھي. اِن حصي جي پھاڪن جا ڪجھہ مثال ھن ريت آھن:

الف: ايشور (خدا) جي ھستيءَ ۾ اعتقاد

(1) ڪک پن ۾ پاڻ وسي ٿو.
(2) ڪِوِل کي ڪڻ، ھاٿيءَ کي مڻ.
رازق سڀ ڪنھن کي رزق رسائي ٿو.
(3) سر سر رزق سنباھي ٺاڪر.
(4) جنھن کي رب رکي، تنھن کي ڪير چکي.
(5) ڏس آڳي جا اسرار،جو عيب دار اڳي ڪري.
(6) عيبن ڪان آجو ھڪ الله.
(7) جيڏانھن ڪريان پرک، تيڏانھن صاحب سامھون.

ب: قسمت يا ڀاڳ ۾ وشواس

(1) سڀ داڻي پاڻيءَ جي اختيار آھي.
(2) تقدير اڳيان ڪھڙي تدبير.

(3) جيڪي هوندو پاڳ ۾، سو وهي پونڊو پاڳ ۾.
(4) ڪرم هيڻ ڪيتي ڪري، ٻلد مري يا ٽوٽا پڙي.
(5) ڪنهن جي پاڳ سان ڪا ريس.
(6) روپ روئي ڪرم کائي.
يا سونهن سڪي قسمت کائي.

ب: دنيا فاني آهي

(1) ڪڏهن ٻاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏيو اڏيو ڪيترو؟
(2) ڪوڏر ۽ ڪاني آهي سر هر ڪنهن.
(3) ماڪ جي قطري جئان ٿي زندگي اِنسان جي.
(4) گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا.

پ: نيتي وچن

(1) ري پنهنجي ڪتيءَ سير ٻري نه باهه.
(2) خون ۽ ڪستوري ڳجهو نه رهي.
يا خون ۽ ڪستوري لڪائي نه لڪي.
(3) اڄ جو ڪم سڀان تي نه وجهجي.
(4) پت، ننهن تي پاڻي آهي.
(5) اندر ڏوتو ئي نه آهي ڏوئي ٿو ڏاڳا.
(6) من نه ٿيو مسلمان، ڪلمو پڙهيو ته ڇا ٿيو.
(7) انڊن وچي ملتان لڏو آ.
(8) زبان شيرين، ملڪ گيري.
(9) ڪچيءَ ڪنا نه ورپا ته پڪيءَ ڇا ورندا.
(10) ڪم کي ڪم سيکاري.

ٻين موضوعن تي پهاڪا

هتي جن مکيه موضوعن تي پهاڪن جا مثال ڏنا ويا آهن، انهن کان سواءِ ٻيا به گهڻيئي نندا نندا موضوع آهن، جن تي پهاڪا ملن ٿا. حقيقت ۾ ڏسجي ته اِنسان جي وهنواري زندگيءَ جو اهڙو ڪو پهلو مشڪل ملندو، جنهن تي پهاڪو چيل نه هوندو. اِنهيءَ ۾ ڪل - يوڳ، طعنا طنڪا، ويس ـ

وڳا، ڪاڏا – پيتا، ريتون رسمون، ساٽ – سوڻ، وغيره گهڻيئي پهلو شامل آهن، جن تي پهاڪا چيا ويا آهن. مثال طور،

– ڏيهه ڪري ڏياري ته هرچند ڪري هولي. (وڏا ڏڻ)،
– مٽي جو ڏيئو ڏهه ڏينهن (رسم)؛
– سنڌي نه چڙهي ڏاگهه ته ٿئي ڪٿ ڪانون هاب (رسم)؛ پنجابي ايڪ ته پاوين ڏون، پنجابي ڏون ته جهڳائي جهون. (ڪن خاص علائقن جا ماڻهو)؛
– اٺدا رکن روزا ته ڏيئهن به ٿين وڏا؛
– اتدي رن پوتلي ۾ خوش؛
– ڪاڻا سوامي نمسڪار، چي بابا وڙهڻ جا پار. (وڏ وارن ماڻهن جو حوالو)؛
– ڪلڙي جي ڪمائي، ڏاڙهي مڇ جي صفائيءَ ۾ ويئي.
– شيرو پلو شاهه جو نه پيءُ جو نه ماءُ جو؛
– ڏندن پڳي ڏينڊري ڪائي ڪچا ڪرنا. (ڪل – پوڳ)؛
– جيڪو ڪري گيهه سو نه ڪري ماءُ پيءُ.
– ان وڏائي ڪويري (ڪاڏا – پيتا.)

فاحش پهاڪا

هر هڪ ٻوليءَ ۾ فاحش ۽ گارين وارن پهاڪن جو به تعداد چڱو آهي، جيتوڻيڪ اُنهن جي استعمال جو دائرو ڪن خاص طبقن جي ماڻهن تائين محدود هوندو آهي. اهڙا پهاڪا گهڻو ڪري لڪيل ۽ اوچي درجي جي ساهت ۾ ڪتب نه آندا ويندا آهن. پر وهنوار زندگيءَ ۾ ڪن خاص طبقن جا ماڻهو جڏهن اُنهن جو استعمال ڪندا آهن، ته اِڳلي جو منهن وڃي پٽ سان لڳندو آهي. اِنهيءَ قسم جي پهاڪن کي به اثرائتي ۽ سياويڪ اظهار جي لحاظ کان نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. اِن ڪري فلمن جي گفتگوءَ ۾ يا ادب ۾ ڪن خاص طبقن جي ماڻهن جي ڪردار نگاريءَ ۾ اهڙن پهاڪن جو استعمال ڪرڻ سان زمان ۽ مڪان جي خاص ماحول کي چٽڻ ۾ گهڻي مدد ملي ٿي.

اهڙن پهاڪن جا ڪجهه مثال آهن:

– ٽڪ به ڪلڙي جي، ته ڳٽي به ڪلڙي جي.
– وڏو لن قاضيءَ به نه ڪڍيو.
– واٽيو اڏي ڪڏ مٿان ڪڏ، چٽ اڏي چڏ مٿان چڏ.

- چڙ ياءَ ڪاٺي چورما، لن ياءَ ڪاٺي لپاتون.
- جن کي چڏن ۾ چير، سي ڪائين ڪنڊون ۽ ڪير،
 جن کي چڏن ۾ پيلا، سي ڪائين ڏڪا ۽ ٺيلها.

(مطلب تہ سماج ۾ مرد جي ڀيٽ ۾ عورت کي مان - مرتبو، نوڪري، وغيره ملڻ ۾ آساني آهي.)

- ٺلهيءَ ڳٺيءَ ٺڪ ناهي.

(وڏن ماڻهن جيڪڏهن ڪو اَجوڳو ڪم ڪيو، تہ ڪين ڪوبہ چئي يا ورجائي شرمسار ڪرڻ جي همت نہ ڪري سگهندو.)

8
محاورن جو جنم ۽ ارتقا

محارون تي ويچار ڪندي اسان ڏٺو، تہ محاورا اکري معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ڏيندا آهن، جيڪا اسان کي بيان جي حوالي ۾ گهربل هوندي آهي. مثال طور، ”هو اتئين ٻگهلو ڀڳت، ڪائنس خبردار رهجانءِ.“ هن جملي ۾ چوندڙ جو اهو مطلب هرگز نہ آهي، تہ ڪو اڳلو ڪو ٻگهہ پکي آهي. پر سندس مطلب اهو آهي تہ جنهن ماڻهوءَ کان خبردار رهڻ لاءِ تاڪيد ڪيل آهي، اهو ”ٺڳ، دوکيباز، مڪار“ آهي. هتي ”ٻگهلو ڀڳت هئڻ“ هڪ محاورو آهي، جنهن جي اکري معنيٰ بدران ٻي معنيٰ کنئي ويئي آهي. محاورا ڏس، اِشاري، وينجنا ذريعي اکري معنيٰ بدران ٻي معنيٰ کهڙيءَ ريت ڏيندا آهن، ان تي اڳ ئي وستار سان بحث ڪيو ويو آهي.

محاورن جو جنم

ٻوليءَ ۾ محاورن جي استعمال سان هڪ نرالي سونهن پيدا ٿئي ٿي. ان کان سواءِ ٻولي وڌيڪ زوردار ۽ اثرائتي بڻجي ٿي. انسان سياويڪ طرح سونهن ۽ نزاڪت کي چاهيندڙ آهي. سندس اها تمنا هوندي آهي، تہ پنهنجن ويچارن ۽ خواهشن جو اهڙي سهڻي ۽ زوردار ڍنگ سان اظهار ڪري، جو ٻڌندڙ متاثر ٿي وڃن. انسان جي من جون اهي خواهشن ئي محاورن جي جنم جو مکيہ ڪارڻ آهن.

ٻهاڪن وانگر محاورن جو جنم بہ عام ماڻهن جي روزمرہ واريءَ گفتگو مان ٿئي ٿو. محاورن کي گهڙڻ لاءِ عالمن جي ڪاميٽي مقرر ڪانہ ڪئي ويئي، جنهن ڪنهن عاليشان عمارت ۾ گڏجي ويهي محاورا جوڙيا. اهي تہ وهنواري زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ ڳالهہ ٻولهہ واريءَ ٻوليءَ ۾ سياويڪ

طرح پيدا ٿيا آهن. اوهان ڏٺو هوندو ته هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، لوهار-سونارا، ڪنير-متير (اوڏ)، مهاڻا ملاح، ڊڪڻ-رازا، ماڇي - ساتي وغيره پنهنجي ڌنڌي ڌاڙيءَ ۾ ڪيترا نه تز اصطلاح ۽ محاورا ڪتب ٿا آڻن. شهري ماڻهن کي اڪثر اهڙن محاورن ۽ ڌنڌن - پيشن سان واسطو رکندڙ خاص لفظن جي ڄاڻ نه هوندي آهي. ان ڪري شبد ڪوش يا لغات جوڙيندڙ عالم گهڻو ڪري جدا جدا ڌنڌن ۽ ڪيترن جي ماهرن سان ملاقاتون ڪري، سگهڙن سان ڪچهريون ڪري، ٻوليءَ جا لفظ ۽ محاورا ڪٺا ڪندا آهن ۽ انهن جي معنيٰ جي تصديق ڪندا آهن. مثال طور، پيڏي هڻڻ (ٽڪڻ، تور ۾ دوکو ڪرڻ) محاوري جولاڳاپو ڌنڌي - واپار سان آهي. 'پيڏي' لفظ جو مطلب آهي ڪرائيءَ جو اُپريل هڏو. تور ۾ ٺڳي ڪندڙ اڪثر ڪرائيءَ جي هڏيءَ سان شاهميءَ جي ڪانيءَ تي تل ڏيئي وزن گهٽائي ڇڏيندو آهي.

'ڏگهري لٿي اٿس' يعني شرم حياءَ نه اٿس. هتي ڏگهري لفظ جو مطلب آهي ڪاٺ جي پٽي يا ميخ جا ڪرسيءَ وغيره کي جوڙ لاءِ هڻجي. ان لفظ جو سنبنڌ واڍڪي هنر سان آهي.

'تي داٿيون پوڻ' جو لاڳاپو چوپڙ راند سان آهي. ساڳيءَ طرح، 'ڪلر ۾ ٻج ڇٽڻ'، 'مين ميک ڪرڻ'، 'ڏڪڙ تي اٺو لڳڻ'، 'ڪوهه جي مٽي ڪوهه ۾ هڻڻ'، 'ٻن ٻيڙين تي سوار ٿيڻ'، 'تاجيءَ پيتي پٽ هڻڻ'، 'تڳڙيون ٿيڻ'، 'ڪڳيون هڻڻ'، محاورن جو جنم زندگيءَ جي الڳ الڳ ڪيترن ۾ شخصي آزمودن ۽ مشاهدن سبباڻ ٿيو آهي.

ٻهاڪن جئان، محاوارا پڻ الڳ الڳ شخصن جي وهنواري زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل تجربن جي پيدائش آهن. ڪنهن شخص جيڪي محسوس ڪيو، تنهن کي سهڻي نموني محاوريدار ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪيائين. اظهار جو اهو ڍنگ اهڙو واثرائتو هئو، جو جن ٻڌو، انهيءَ کي وٺي ويو. پوءِ اهي به موقعي موجب انهن کي دهرائڻ لڳا. ان طرح ڪنهن هڪ شخص جو سرجڻ ڪيل لفظي ميڙ يا گفتو، ٻوليءَ ۾ ٻين جي اپنائڻ تي مروج ٿي محاوري جي درجي تي پهچي ويو. هتي انهيءَ ڳالهه جو ڌيان رکڻ گهرجي، ته ڪنهن به هڪ شخص جو چيل استعمال يا لفظي ميڙ تيستائين محاورو نه چئبو، جيستائين اهو ٻوليءَ ۾ 'روڍ' يا مروج نه ٿيو آهي، يعني ٻين دواران پڻ اهو ساڳئي مقرر روپ ۾ اپنايو نه ويو آهي.

محاورن جو ارتقا

محاورن جي خاصيت بابت ويچار ڪندي اسان ڏٺو تہ اهي ڪنهن مقرر روپ وارا (روڍ - استعمال) رواج ۾ آيل استعمال آهن. جيڪي اکري معنيٰ بدران بيان جي مطابق ٻي گهربل معنيٰ ڏيندا آهن. پر جهڙيءَ طرح ٻوليءَ جو روپ، ارتقا جي منزلن دوران بدلجڻ هڪ سياويڪ ڳالهہ آهي، تهڙيءَ طرح وقت گذرندي ڪن ڪن محاورن جي روپ توڙي معنيٰ ۾ تبديلي اچڻ بہ سياويڪ آهي. ان ڪي محاورن جو وڪاس بہ چيو وڃي ٿو. مثال طور، "ان جل هئڻ" محاوري جو مطلب آهي، ' قسمت ۾ لکيل هئڻ'. اهو محاورو ٻن روپن ۾ بہ واهپي ۾ آهي: 'داڻو پاڻي هئڻ'، 'آب داڻو هئڻ'، 'ان جل جي اختيار هئڻ'. سڀني روپن ۾ انهيءَ جي معنيٰ ۾ ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي. ساڳيءَ طرح، 'آسمان مان تارا لاهڻ' (ڪهڙوبہ ڏکيو ڪم ڪرڻ) محاورو "اڀ مان تارا لاهڻ" روپ ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. "ٻاهتريو آهي" جو ٻيو روپ "ٻاهتر ۾ آهي" پڻ استعمال ٿيندو آهي. ٻنهي جو مطلب ساڳيو آهي. يعني عقل ڪتو اٿس. اهڙي قسم جي محاورن جي باري ۾ خاطريءَ سان اهو فيصلو ڪرڻ ممڪن نہ آهي، تہ انهن جو اصل روپ ڪهڙو هئو ۽ بدليل روپ ڪهڙو آهي؟ ان هوندي پڻ ڪن محاورن جي اصلوڪي روپ جي باري ۾ ڪي قدر انومان ڪري سگهجي ٿو. جيئن تہ، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد اوائلي ويدڪ پراڪرت مان آهي، جيڪا سنڌ واري علائقي ۾ ڳالهائي ويندي هئي، ۽ سنسڪرت، پراڪرت، اپڀرنش ٻولين سان انهيءَ جو ساڳين ڪتب مان هئڻ ڪري ويجهي ۾ ويجهو ناتو آهي. ان ڪري جن محاورن ۾ تتسم يا تدڀو لفظ ملن ٿا، انهن جي اهڙي روپ کي مول روپ ليکي سگهجي ٿو. مثال طور، "ان جل هئڻ" اصلوڪو روپ مڃي سگهجي ٿو ۽ "آب داڻو هئڻ" ان جو فارسي، اردوءَ جي اثر ڪري بدليل روپ چئي سگهجي ٿو.

تهذيب ۽ ثقافت جي ارتقا سان گڏ، زبان ۾ بہ نوان نوان لفظ، محاورا ۽ استعمال جڙن ٿا. سنڌيءَ ۾ پڻ هاڻوڪي دور جي اثر ڪري چڱائي نوان محاورا استعمال ٿيڻ لڳا آهن. مثال طور،

چارسؤ ويهہ هئڻ (ٺڳ چور هئڻ)، پالش لڳائڻ، مکڻ لڳائڻ، ٻترنگ ڪرڻ(تنهي جو مطلب آهي خوشامد ڪرڻ)، چمچو هئڻ (خوشامدڙيو هئڻ) سنڌيءَ ۾ داخل ٿيل نوان محاورا آهن.

ٻين ٻولين جي اثر ڪري ٻه هر هڪ زبان ۾ محاورن جو ذخيرو وڌندو رهي ٿو. ٻين آريائي ٻولين وانگر سنڌيءَ ڪي ٻه گهڻيئي محاورا آڳاٽين آريائي ٻولين کان ورثي ۾مليا آهن، جيئن ته،

وڄ ڪرڻ(مصيبت پوڻ. اٿرو ويد ۾ ٻريوگ ڏسو- وديت هنشيتي، جنهن جي بلڪل ساڳي معنيٰ آهي.)

پاڙئون پٽڻ (جڙ کان ناس ڪرڻ، پيٽيو ڪٺ اپنشد ۾ پريوگ مولتو وناش)

موت جي منهن مان ڪيڻ(ڪٺ اپنشد: مرتيو مکتا پرمڪتم) آڳاٽي ڀارتي ادب کان ورثي ۾ مليل اهڙن محاورن يا ٻوليءَ جي استعمال جو ڀنڊار سنڌيءَ ۾جام آهي پر ان کانسواءِ عربي- فارسيءَ، اردو-هنديءَ ۽ انگريزيءَ جي اثر ڪري ٻه گهڻيئي نوان نوان محاورا سنڌيءَ ۾ واهپي ۾ اچي ويا آهن. انهن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

فارسي: پوست ڪشيدن.

اردو- کال کينچنا.

سنڌي: کل لاهڻ.

فارسي: پنبا درگوش نهادن.

هنديءَ: ڪان ۾ روئي دينا.

سنڌي: ڪنن ۾ ” ڪپهه وجهڻ“

اڄ ڪلهه ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي معياري لکڻين ۾ هندي محاورا چڱي تعداد ۾ واهپي ۾ پيا اچن. اهڙن محاورن جا ڪجهه مثال آهن:

لنگوٽيو يار هئڻ (لنگوٽيا يار هونا)،

ڏند ڪتا ڪرڻ (دانت کتي ڪرنا)،

بيڙو کڻڻ (بيڑا اٹھانا)،

التي گنگا وهڻ (الٽي گنگا بهنا)،

گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيئڻ (گهاٹ گهاٹ کا پاني پينا)،

تين وار ڪرڻ، (تين وال ڪرنا يا تين بار هونا)،

هٿ ڌوئي پٺيان پوڻ (هاٿ ڌوکر پيڇي پڑنا)،

جوتن ٽڪرن تي پلجڻ (جوتي ٹکڑون پر پلنا)،

رام ٻاڻ هئڻ (رام باڻ هونا)،

ستيوادي هرشچندر ٿيڻ (ستيہ وادي هرشچندر هونا).

لال جهنڊي، هري جهنڊي، سفيد جهنڊي ڏيکارڻ (لال، هري، سفيد جهنڊي دکانا)

انگريزيءَ جي اثر هيٺ سنڌيءَ ۾ داخل ٿيل محاورن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

- اکين جو تارو، اکين جي پتلي (هندي: آنک کي پتلي)

(Apple of one's eye)

- پڇ پائي ڀڄڻ (هندي: دم دبا کر ڀاگنا)

(He ran away with his tail between his legs)

- ڌرتي آسمان هڪ ڪرڻ (آڪاش پاتال ايک ڪرنا)

(to move heaven and earth)

- هوائي قلعا اڏڻ (هوائي قلعي بنانا)

To build castles in the air

- هڪ تير سان ٻہ شڪار ڪرڻ، هڪ پٿر سان ٻہ پکي مارڻ

(ايک پٿر سي دو چڙيا مارنا، ايک پنٿ دو ڪاٿ)

To kill two birds with one stone

- ساڄڙ يا ساڄ - هٿيو ٿيڻ (داهنا هات هونا)

(A right hand man)

جدا جدا ٻولين جي محاورن ۾ هڪجهڙائي هئڻ جو ڪارڻ فقط هڪ ٻوليءَ جو ٻيءَ ٻوليءَ تي اثر هئڻ نہ آهي. ان جا ٻيا بہ سبب ٿي سگهن ٿا، جيڪا آهن: انسان جي تجربن، سوچ ويچار ۾ هڪجهڙائي، انساني من ۽ سياءَ ۽ جذبن ۾ هڪجهڙائي. انهيءَ ڪري دنيا جي دور دور ملڪن جي ٻولين ۾ سرجيل ساهت ۾ بہ انسانيت جي بنيادي خواهشن، جذبن ۽ امنگن جي اظهار ۾ هڪجهڙائي نظر اچي ٿي.

9

محاورن جي ورهاست

الفابيٽ موجب محاورن جي ترتيب

جدا جدا ٻولين ۾ محاورن جا جيڪي به ننڍا وڏا مجموعا تيار ڪيا ويا آهن، انهن ۾ محاورن کي انهن ٻولين جي الفابيٽ موجب ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي. اهوئي سڀ کان سهڻو طريقو آهي، جنهن موجب ڪنهن به محاوري جو مطلب آسانيءَ سان ڳولي سمجهي سگهجي ٿو. سنڌيءَ ۾ پڻ محاورن جا مجموعا تيار ڪندڙن اها واٽ ورتي آهي.

موضوع موجب ورهاست

پهاڪن ۽ چوڻين جو اڀياس ڪندي اسان ڏٺو ته لساني جي بيهڪ جي خيال کان پهاڪا ۽ چوڻيون پورا جملا آهن يا جملن جا ايڪا آهن. ان ڪري انهن ۾ ڪنهن خاص موضوع جو ذڪر هوندو آهي. اُن ۾ شڪ نه آهي ته هڪ ئي پهاڪي ۾ الڳ الڳ موضوعن جو بيان ٿي سگهي ٿو، يا جدا جدا بيان جي حوالي ۾ ڪتب اچڻ تي پهاڪو الڳ الڳ مطلب ظاهر ڪري سگهي ٿو. ان ڪري پهاڪن کي موضوع موجب جدا جدا درجن ۾ رکڻ ۾ مشڪلات ٿئي ٿي. ٻئي طرف ڏسجي ته ٻوليءَ جي بيهڪ جي لحاظ کان محاورو يا اصطلاح فقط هڪ لفظي ميڙ آهي يا فقرو آهي، جيڪو ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي. انهيءَ جو حاصل مطلب بيان جي حوالي مان ظاهر ٿيندو آهي. ان ڪري محاوري ۾ ڪنهن خاص موضوع جو ذڪر نه هوندو آهي. انهيءَ هوندي پڻ محاوري جي بيهڪ ۾ جيڪو خاص مرڪزي لفظ ڪتب آيل آهي، جنهن جي آڌر تي اهو محاورو جڙيل آهي. تنهن کي ڌيان ۾ رکي اسين ان محاوري جو واسطو الڳ الڳ موضوع يا شين وغيره سان

ڏيکاري سگهون ٿا. مثال طور.

آپ ۾ ترارون هڻڻ(وڏائي ڪرڻ) ۾ آپ مرڪزي لفظ آهي.

بخت کي اٺون هڻڻ (بيعقلي بي شڪريءَ جي هلت ڪرڻ) محاوري ۾ بخت مکيه لفظ آهي.

اٽي ۾ لوڻ هئڻ (ٿوري انداز يا تعداد ۾ هئڻ) محاوري ۾ اٽو مکيه لفظ آهي.

جن محاورن ۾ مصدر کان سواءِ فقط ٻيو هڪڙو ئي لفظ ڪتب آيل آهي. (جيئن تہ، اک ڪڍڻ، پيٽ ڀوڻ، سيج پڇائڻ) اتي مکيہ لفظ جي چونڊ ڪرڻ جو سوال ئي نٿو اٿي. انهيءَ طرح محاورن جي رچنا ۾ مکيہ لفظن جي آڌار تي اسين محاورن کي الڳ الڳ درجن ۾ ورهائي سگهون ٿا.

انسان جي تجربي جو دائرو جيترو وسيع هوندو، اوترا ئي گهڻا ۽ الڳ الڳ موضوعن سان واسطو رکندڙ محاورا سندس ٻوليءَ ۾ ملندا. جيئن جيئن نئين تهذيب ۽ ثقافت جي اثر هيٺ ڪا لساني سماج اچي ٿي، تيئين تيئين انهيءَ جي ٻولي ۾ محاورن جو تعداد وڃي ٿو وڌندو. هتي سڀني موضوعن جي آڌار تي ٺهيل محاورن جي ورهاست ڪرڻ منهنجو مقصد نہ آهي. ان ڪري فقط مکيہ موضوع جو هتي ذڪر ڪجي ٿو، جن جي آڌار تي سنڌيءَ ۾ محاورا ٺهيا آهن. هر هڪ موضوع جي درجي بندي اندر ننڍا ننڍا ٻيا بہ درجہ مقرر ڪري سگهجن ٿا.

1- اتهاس، لوڪ ڪٿائون ۽ آکاڻيون

رامائڻ ۽ مهاڀارت سڀني ڀارتي ٻولين جي ادب لاءِ سرچشما آهن. انهن جي ڪٿائن ۽ شخصيت جي آڌار تي ٺهيل محاورا ڪيترين ئي هاڻوڪين ٻولين ۾ مروج آهن. سنڌيءَ ۾ اهڙن محاورن جا مثال آهن:

رام ٻاڻ هئڻ (اچوڪ، اٽر هئڻ).
ڪنيڪرڻ واري ننڍ هئڻ (گهري ننڊ هئڻ)
مهاڀارت مچڻ يا شروع ٿيڻ (جهيڳڙو، لڙائي شروع ٿيڻ)

نادري حڪم ڪرڻ، نادر شاهي هئڻ (ظلم، زور زبردستي ڪرڻ) محاوري جو سنبنڌ نادرشاهہ بادشاهہ (1687- 1747ع) سان آهي. سن 1736ع ۾ هن ايران جي تخت تي قبضو ڪري، صفوي خاندان جو خاتمو آندو. ان بعد هن اتر- اولهہ هندستان جي ڪن حصن تي حملو ڪيو. 1739ع ۾ سنڌ تي حملو ڪري، اتي گهڻي تباهي آندائين. هو نهايت ظالم بادشاهہ هئو، جنهن

تان اهي محاورا مشهور ٿيا.

گهوڙا گهوڙا ڪرڻ يا گهوڙا ڙي گهوڙا (دانهون ڪرڻ) يا گهوڙا پونس (مصيبت پويس) محاورن جو لاڳاپو ڏاڏيل يا دشمن جي حملن سان آهي، دشمن جي لشڪر کي گهوڙن تي ايندو ڏسي، خابرو حملي کان اڳ ۾ ئي ڳوٺ وارن کي رڙيون ڪري خبردار ڪندا هئا. ڪن عالمن جي راءِ ۾ اهو محاورو سنڌ تي مدد خان پناڻ جي حملي ڪرڻ وقت ٿيو آهي. هن سنڌين تي گهڻي ئي ظلم ڪيا. ان ڪري سندس لشڪر کي پري کان ئي ايندو ڏسي ماڻهو "گهوڙا ڙي گهوڙا" چوندا، ڳوٺن مان ڀڄڻ لڳندا هئا.

رستم هئڻ (وڏو پهلوان هئڻ) محاوري جو اشارو ايران جي مشهور پهلوان رستم ڏانهن آهي. ساڳيءَ طرح، سڪندر هئڻ (ٻلوان هئڻ) مقدر جو سڪندر هئڻ (پنهنجي قسمت پاڻ ٺاهڻ) محاورا يونان جي مشهور بادشاهه سڪندر جي ياد ٿا ڏيارين. جنهن آڳاٽي زماني ۾ اتر- اولهه هندستان تي ڪاهه ڪئي هئي. ۽ سنڌ تي به حملو ڪيو هئو.

ليلا مجنون هئڻ (پاڻ ۾ تمام گهڻو پريم هئڻ)، ڪُتي ڪائون مجنون هئڻ (آرام پسند هئڻ) محاورا ليلا مجنونءَ جي قصي تي ٻڌل آهن. ساڳيءَ طرح، نوري ڄماڻي هئڻ (تمام حليم ۽ نهٺي هئڻ) جو لاڳاپو نوري ڄام تماچيءَ جي قصي سان آهي.

ٻارن جي نصيحت آميز آکاڻين جي آڌار تي به گهڻيئي محاورا ٺهيل آهن. جيئن ته، سونا آنا ڏيندڙ مرغي هئڻ (گهڻيءَ آمدنيءَ وارو وسيلو هٿ ۾ هئڻ) محاورو ان آکاڻيءَ تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ڪنهن ٻڍيءَ کي هڪ مرغي هوندي هئي، جيڪا هر روز هڪ سونو آنو ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن ان ٻڍيءَ عورت سڀ سونا آنا هڪ ئي وقت حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ ان مرغيءَ جو پيٽ چيري هن کي ماري ڇڏيو. پوءِ آنا نه ملڻ تي پنهنجي ڪئي تي پڇتائڻ لڳي.

انگور کٽا هئڻ (پڄي نه سگهڻ ڪري ڪو بهانو ڏيئي ڪا ڳالهه ڇڏي ڏيڻ) محاوري جو آڌار گدڙ ۽ ڊاک جي منهن واري مشهور آکاڻي آهي. گدڙ جڏهن منهن ۾ مٿي لٽڪندڙ ڊاک حاصل ڪري نه سگهيو، ته 'پوءِ ته کٽا' چئي اتان هليو ويو.

2. قدرتي ماحول، وڻ - ٽڻ ۽ پسون پکي، وغيره

انهن موضوع سان واسطو رکندڙ محاورا هر هڪ ٻوليءَ ۾ گهڻي تعداد

۾ ملن ٿا. سنڌي محاورن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

الف: قسمتي ماحول:

آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ (تمام اونچو هئڻ)؛
اپ ۾ ڪکر ٿيڻ (اميد پوري ٿيڻ)؛
وڄ ڪرڻ (مصيبت پوڻ)؛
التي گنگا وهڻ (ابتي ريت هئڻ)؛
پاڻيءَ تي ليڪو هئڻ (ڪن ۾نگر، استر هئڻ)؛
جل ۾ ڪنول جئان هئڻ (نرليپ، نرمل هئڻ).

ب: وڻ ٽڻ، ٻوٽا، ونسپتي

ٻير پوکڻ (حاجي رسسائڻ)،
اڪ ڪرڻ (خراب ڪرڻ)؛
موري گجر سمجهڻ (تڇ، خسيس سمجهڻ)،
ڪارو ڪٻر هئڻ (ٻئي کي خراب ڪندڙ هئڻ.)

ٻ: پسون پکي

گهاٽي جي ڏاند وانگر وهڻ (پتڪڻ،سخت محند ڪرڻ)،
گونگي ڳانءِ هئڻ (حليم، مانيٺو سياءُ هئڻ)؛
سوئر وانگي ڪنڌ ۾ ڪلي هئڻ (مغروري هئڻ)؛
ڪتي ٻليءَ ڪان قابو هئڻ (بلڪل سوگهو هئڻ)؛
ٽاٽارڪي ٻلي هئڻ (نٽر، نود هئڻ).

ڀ: جيو - جنتو

کوهہ جو ڏيڏر هئڻ (محدود ڄاڻ رکندڙ هئڻ)؛
چور تي لڳڻ (چنبڙي پوڻ)؛
چچڙ تي پوڻ (جند نہ ڇڏڻ، چنبڙي پوڻ)،
سانڊي وانگر رنگ بدلڻ (هڪ زبانو يا هڪ پاسي نہ هئڻ)؛
نانگ کي کير پيارڻ (دشمن سان ڀلائي ڪرڻ)؛
گهر جي گهريتڙي هئڻ (گهر کان ٻاهر نہ نڪرڻ)؛
ڏئي مک ڳهڻ (ڏسي وائسي خراب ڪم ڪرڻ).

پ: کيتي ٻاري:
ڪوڙيءَ ڪي گهمرو هئڻ (سڀ هڪجهڙا هئڻ)؛
ڪيٽ ڪانياڻي ڇڏڻ (سڀ لاڳاپا لاهڻ)؛
ڪي مينهاڻو ڪي رڄاڻو اچڻ (گهڻن پاسن کان آمدني اچڻ)؛
ربيع نہ خريف هئڻ (ڪوبہ واسطو نہ هئڻ)؛
ڪلر ۾ ٻج ڇٽڻ (ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيڻ، اجائي محنت ڪرڻ).

3. جسم جي عضون سان واسطو رکندڙ

هن درجي ۾ محاورا تمام گهڻي تعداد ۾ ملن ٿا. انهن ۾ خاص ڪري فعل جي مٽ – سٽ سان محاوري جو مقصد بہ بدلجي ويندو آهي. ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

الف: اک: اک ڏيکارڻ (ڇنڀڻ)؛
اک ٽيٽ ڪرڻ (اڻ لکو ڏسڻ)،
اکيون چرخ ٿيڻ (حيرت ۾ پوڻ)؛
اکيون پوري ڪم ڪرڻ (بنا سوچ وچار جي ڪم ڪرڻ).
ب: ڪن: ڪن ڏيڻ (ڌيان سان ٻڌڻ)؛
ڪن پرڻ (ڪوريون سچيون ڳالهيون ٻڌائي پڙڪائڻ)؛
ڪن هڻڻ (تهڻ).

پ: ڪنڌ: ڪنڌ ڪيرائڻ (ناڪار ڪرڻ)؛
ڪنڌ ڪڻڻ (ماناڻو ڏسڻ ۾ اچڻ)؛
ڪنڌ ڪي وهاڻو ڏيئي وهڻ (بي اونو، بي پرواهہ ٿي وهڻ).

ڀ: نڪ: نڪ وڍيو هئڻ (بي شرمو هئڻ)؛
نڪ ڪي مر نہ لائڻ (پاڻ کي لڄي نہ ڪرڻ)؛
نڪ وڍڻ (جٽ ڪرڻ).

ت: هٿ: هٿ اٽڪائڻ (وڙهڻ)؛
هٿ ڪرڻ (حاصل ڪرڻ)؛
هٿ ٽنگڻ (سوال ڪرڻ)؛
هٿ ڪپي ڏيڻ (لکي ڏيڻ).

ٺ: پيٽ: پيٽ ڀريو هئڻ (مغروري هئڻ)؛
پيٽ پٺيءَ سان لڳڻ (ڪمزور هئڻ)؛
پيٽ ۾ ساهه پوڻ (دل جاءِ تيڻ)؛
پيٽ پوڻ (ٻاءِ پوڻ).

ٺ: پير: پير تي ڪهاڙو هڻڻ (پاڻ کي پاڻيهي نقصان رسائڻ)؛
پير تپڻ (وڃڻ لاءِ آتو ٿيڻ)؛
پير ۾ پدم هئڻ (وڏي ڀاڳ وارو هئڻ)؛
پير ڀرڻ (سٺي هلت ڪرڻ).

سماجي حالتون، ۽ ريتون رسمون

هن درجي جي محاورن جو آڌار سماج جون حالتون، ريتون رسمون وغيره آهن. انهن جي باريڪ اڀياس ڪرڻ سان سماج جو چٽو اکين سامهون ظاهر ٿي بيهندو آهي. پهاڪن ۽ محاورن ۾ سنڌيت واري باب اندر ان موضوع تي ويچار ڪيو ويو آهي. هتي فقط ڪجهه محاورا مثال طور ڏجن ٿا:

ڄڄ تي ويهڻ (اڄنگو خرچ ڪرڻ)؛
پڳڙيون ٿيڻ (نقصان پوڻ)؛
ٽانڊو ٽوپي بند ڪرڻ (نيات مان ڪيڻ)؛
ٿالهيئون لاهڻ (برادريءَ مان ڪيڻ)؛
ڏينهن جو ڏيئو ٻارڻ (ڏيوالو ڪيڻ)؛
گورو ٺي گنگا تي هئڻ (آخري وقت هئڻ، نقصان ٿيڻ)؛
ڏتر سنوان نه هئڻ (پاڻ ۾ اڻبڻت هئڻ)؛
ڏاڙهي ڏيڻ يا ڏاڙهيءَ تي هٿ رکڻ (وچن ڏيڻ).

لوڪ - وشواس ۽ عقيدا

ستارو گردش ۾ هئڻ (قسمت خراب هئڻ)؛
ستارو زور هئڻ (نصيب زور هئڻ)؛
پير ۾ چنيچر هئڻ (ڀٽڪڻ، رلڻ)؛
گرهڻ لڳڻ (هاڃي ٿيڻ، بدنصيبي هئڻ)؛
ڇايا پوڻ (جن ڀوت جي لڳت هئڻ)؛
مين ميک ڪرڻ (سوچ ويچار ڪرڻ)؛
پير ۾ پدم هئڻ (ڀاڳن ورو هئڻ).

سنگيت ۽ ناچ-گانا

ڏڪڙ تي اتو لڳڻ (ڄڳهڙو ٿيڻ)؛
ڌمال ڪيڻ (چنبڙ ڪيڻ، چيڃڻ)؛
ڍهل تي ڏونڪو لڳڻ (ڳالهه ظاهر ٿيڻ، ڪلي عام ٿيڻ)؛
ڪڳيون هڻڻ يا هنيوچيون هڻڻ (تمام خوش ٿيڻ)؛
سُر ۾ سُر ملائڻ (ٻئي جي پٺڀرائي ڪرڻ)
مينڍ ۾ مارئي ڳائڻ (سس پس ڪرڻ، ڪليءَ طرح نه چوڻ)؛
مرليون وڄائڻ (خوشامد ڪرڻ، ريجهائڻ)؛
ست سُري ٻڌائڻ (سڌي طرح ٻڌائڻ)؛
تيرهن تالو هڻڻ (نخريلو، چالاڪ هڻڻ).

رانديون

ڪمر ڪشڻ (تيار ٿيڻ)؛
ٻانهون ڪنجڻ (وڙهڻ لاءِ تيار ٿي اچڻ)؛
پنئن ٻارهن هڻڻ (گهڻي سوڀ حاصل ڪرڻ)؛
ٽي داٽيون پوڻ (هار ٿيڻ)؛
ساري سر هڻڻ (قسمت زور هڻڻ)؛
پنجون لڙائڻ (مقابلو ڪرڻ)؛
ٻاون ڏيڻ (شڪست ڏيڻ).

فاحش محاورا

فاحش محاورا عام ماڻهن جي روزاني وهنوار واريءَ زندگيءَ جي اپج آهن. ان ڪري سماج جي هيٺين طبقي جي ماڻهن جي گفتگوءَ ۾ اڪثر فاحش لفظ ۽ محاورا پيا استعمال ٿيندا آهن. انهن جي واهپي جو دائرو جيتوڻيڪ محدود آهي، تنهن هوندي پڻ انهن مان سماج جي ڪنهن خاص طبقي جي سوچ - ويچار ۽ من جي حالتن توڙي جذبن جو عڪس ظاهر ٿئي ٿو، اهڙن محاورن جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:

ٽٽ ڏيڻ (اجايو بڪڻ)؛
ٽٽ سان سوپاريون ڀڃڻ (وڏو دم هڻڻ؛ اجائي هام هڻڻ)؛
هنگڻ مهل وٽ سنيالڻ (عين وقت تي گهربل شيءِ هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ)؛

ڪَچن جون ڳنڍيون هئڻ (گهاٽي دوستي هئڻ)؛
ڪنڌ ڪچن ۾ هئڻ (شرمندو ٿيڻ)؛
تَتِ منجهڻ (پريشان ٿيڻ)؛
ڳچيءَ ڳورو هئڻ (وڏو ماٺهو هئڻ)؛
ڳچيءَ سان ڳالهائڻ (سڌو منهن ڏيئي نہ ڳالهائڻ)؛
ڳچي اُڃ تي رکڻ (ڳالهہ نہ مڃڻ، اجائي سيپَ، وڏائي ڏيکارڻ)؛
اڳڙيءَ جو لن هئڻ (بلڪل نِمڪو، بي همت هئڻ)؛
ليکي تي للو ڏيڻ (حساب ڪتاب ختم ڪرڻ، رستو ٽوڙڻ).
ڀيٽيو "جاڳي ڏنائين جڳ جي، ليکي اُتي للو ڏيڻ" ساميءَ جا سلوڪ، ڀاڱو ٻهريون ڀوچراج ناگراڻيءَ، صفحو 191).

انگريزيءَ ۽ ٻين ڪن يورپي ٻولين جي عالمن پنهنجين ٻولين جي فاحش محاورن ۽ بازاري ڳالهہ ٻولهہ جي استعمالن (Slangs) جون ڊڪشنريون تيار ڪري ڇپائي پڌريون ڪيون آهن. ادب ۾ بہ چورن جوارين، ڳنڍي ڇوڙن جي ڪردار نگاريءَ جي لحاظ ڪان سندن گفتگوءَ ۾ اهڙن محاورن جو ڪن ليکڪن استعمال ڪيو آهي. سنڌيءَ ۽ ٻين ڀارتي ٻولين جي اِنهيءَ پهلوءَ تي علمِ السانَ جي نقطي نگاهہ کان تحقيق ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

10

پهاڪن ۽ محاورن جون لساني خاصيتون

پهاڪن ۽ محاورن جي خاصيتن بابت ويچار ڪندي اسان ڏٺو تہ ٻوليءَ ۾ اهي مروج استعمال آهن. اهي مقرر روپ ۾ سوين سالن کان وٺي هلندا پيا اچن. انهيءَ ڪري لسانيات جي لحاظ کان انهن کي تمام گهڻي اهميت آهي. وقت گذرندي ٻوليءَ جي روپ ۾ تبديل اچيو وڃي، پر پهاڪا ۽ محاورا اڪثر پنهنجي آڳاٽي بيهڪ کي قائم رکندا پيا اچن. اهوئي مکيہ سبب آهي جو انهن ۾ اسان کي ڪيترائي اهڙا لفظ ملن ٿا جيڪي هاڻوڪي ٻوليءَ ۾ عام طور واهپي ۾ نہ ٿا اچن، يعني اهي عام فهم نہ آهن. ساڳيءَ طرح، وياڪرڻ جي لحاظ کان پڻ لفظن، فقرن يا جملن جي بيهڪ جا ڪيترائي آڳاٽا روپ پهاڪن ۽ محاورن پاڻ وٽ گڏ ڪري رکيا آهن. انهيءَ نقطي نگاهہ کان پڻ انهن جو اڀياس ڪرڻ لازمي آهي. هيءَ هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي جيڪڏهن تفصيل سان لکجي، تہ هوند هڪ وڏو مقالو جڙي پوي. انهيءَ ڪري هتي ڪجهہ مثال ڏيئي، توري ۾ پهاڪن ۽ محاورن جي ٻوليءَ وارين خاصيتن تي ويچار ڪجي ٿو.

1. ٻوليءَ جا جهونا لفظ جيڪي هاڻي عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ استعمال نہ ٿا ٿين يا عام فهم نہ آهن:

آڪيڙو = وڪڙ، وراڪو، پيچ (آڪيڙا چاڙهڻ = سختي ڪرڻ)
آتوتي = حاسد، ساڙڪندڙ (اتوتي هئڻ = چپ پوڻ، ريسارو ٿيڻ)
ايل = ڦاهو، سزا، قيد (ايل چاڙهڻ = سزا ڏيڻ)
ٻيٽ = ڪمر پٺو، همت (ٻيٽ ٻڌڻ = سندرو ٻڌڻ؛ همت ڏيکارڻ)
ٻڌ = لاڙ ۾ ٿيندڙ هڪ گاهہ (اندر ٻڌ ٻهون، ٻاهر آنڻ ان جو)
پنجر = اک جي پنبڻي (پنجر پرڻ = ڏک سور ٿيڻ، اثر ٿيڻ)

پيڏي = ٻانهن جي ڪرائيءَ جو اپريل هڏو (پيڏي هٽڻ = تور ۾ ننگي ڪرڻ)
ٽڙو = وهٽ جو سنج، گدي جا گهوڙي جي هني هيٺيان رکجي. (ٽڙا متي تي ڏيڻ = ٻي مانو ڪرڻ)
مارنگ = چلهه تي برتن جي هيٺيان رکيل پتر (گهر جو پير، چلهه جو مارنگ)
مهارو = گهر ۾ اهو ڪمرو جتي شاديءَ بعد گهوٽ ڪنوار سمهن.
(آهاري، وهنواري، گهوٽ مهاري، لڄا ڪري ته هاري).
پراڇت = پڇتاءُ، پرايشچت (پاپ جي مايا، پرڇت جاءِ)
ڦلهير = رک، پسر (ڦلهير ۾ ڦوڪون ڏيڻ = اجائي ڪوشش ڪرڻ)
سيلهه = ڪنڊو (جي پوندا سوڙهين، سيلهه ٻه لڳندا تن).
چيري = سوڙ، رلهي (چيريءَ آهر پير ڊگهيرجي)
رائرو = راجا جو، راجائي،(رائري گهران گيهه جهلجي پاند ۾)
رڻو = قرض (سنسڪرت 'رڻ') رائر = سرڪاري ڊل (سنسڪرت راجڪر)

رڻي ۽ رائر جو سڏ جنهين کي هوءِ
منجي اتي جوءِ، وڃي تنهن کي وسري.

2. وياڪرڻ جا جهونا روپ

هوءِ = هجي (سڏ جنيهن کي هوءِ)
هئي = هجي (گهر ۾ ڪڏ هئي، ته ٻهر ٻاهر چو اڇلجي (گلشڪر)
وڌنت = وڌندڙ (اتم ڪيتي وڌنت واپار)
چراند = چرپر، هلچل (هٽ چراند ڪرڻ)
ڪيتو = ڪيل ڪم (ڪيتو لوڙڻ = ڪيل ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻ)
سيتي = سان (ڪيتي سر سيتي)
مياس = مئس (جني ڪاڻ مياس، سي ڪلهي ڪانڌي نه ٿيا).

3. واڪيه رچنا جو علحدو نمونو

الف: آئون ٻه ويندي پيڪي، مون ٻه لهندي سڪ.
(هاڻي چئبو: آئون ٻه ويندس پيڪي...)

ب: جملي ۾ فاعل نه هئڻ

- اندر اڇو نه ڪري، ڏوئي تو ڏاڳا.
- اکن ڪان آما (انب) گهري، ٻپرن ڪان ٻير.

ٻ: جملي ۾ فعل نہ هئڻ

- ٻہ ٻائر ٽيون ليکو.
- ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا.
- جڙيءَ کي جس.

ڀ: حرف جري حالتن جا جهونا روپ

- سلو سو، جو انگورين ٻلو.
- مروان موت، ملوڪان شڪار.

ٽ: تڪ ملائڻ

- آن ٻلي، ذات ٻلي.
- آمون، ڏهہ گامون.

ٿ: سماس

آڏ وڏائي،
چِلهہ،
منٺو،
ٽتونگو،
ٻگهرو.

3. ٻين ٻولين جا پهاڪا هوبهو يا ٿورءَ ڦير گهير سان کڻڻ

الف: سنسڪرت: يٿا راجا تٿا پرجا.
هندي: ايڪ پنٿ، دو ڪاج.
فارسي: دراز ريش، خضر يا ابليس.

ب: سرائڪي: اپڻي گهوٽ تہ نشا ٿيوئي.
اپڻا مال هئہ، روسون ٻي ڪاسون ٻي.

ٻ: وچستاني: آج همان، ڪل تمان.

جدا جدا ٻولين جي پهاڪن ۽ محاورن ۾ وياڪرڻي بيهڪ توڙي معنيٰ جي لحاظ کان جيڪا هڪجهڙائي ملي ٿي، ان جو باريڪيءَ سان اڀياس ڪرڻ پنهنجي ليکي هڪ دلچسپ موضوع آهي. انهيءَ سان ٻولين جي آپسي سٻنڌ توڙي هڪ ٻوليءَ جو ٻيءَ ٻوليءَ تي ڪيئن اثر پيو آهي، انهيءَ تي بہ چڱي قدر روشني وجهي سگهبي.

11

پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن ۾ سنڌيت

سنڌي پهاڪا، چوڻيون ۽ محاورا عام سنڌي ماڻهن جي جذبات، آزمودن ۽ سوچ – ويچار جو اظهار آهن. اِنهيءَ ڪري انهن ۾ سنڌن تهذيب ۽ ثقافت جو عڪس وسيع پيماني تي ملي ٿو. ان ۾ سُنا ۽ مٺا، ڀلا ۽ بُرا ٻئي پهلو شامل آهن. هتي اُوهان کي هڪ طرف پير ۽ فقير، سادو ۽ سنياسي، سکر ۽ رڄ مڙس، واڻيا ۽ وڪال، شاهه ۽ سوداگر نظر ايندا، ته ٻئي طرف ٺڳ ۽ چور، لچا ۽ لفنگا، نشئي ۽ ڀنگئي، ڀڙوئا ۽ ڀانڊ به ڏسڻ ۾ ايندا.

عام طور، وڏ گهراڻيون عورتون گهر اندر ڍڪ پردي ۾ رهنديون آهن. هو ست ڏارين اڳيان اچڻ پسند نه ڪنديون آهن. پر پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن جي دنيا ۾ اُهي بي – حجاب اوهان سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري ٿيون اچن. نه فقط ايترو، پر لوڪن جي انهن لساني استعمالن ۾ نچڻ ۽ ڳائڻ، سازيندڙن ۽ سُرندڙن، رنن ۽ ڪنجرين سان به اوهين ملاقات ڪري سگهو ٿا. عام ماڻهن جي گفتگو ۽ ٻوليءَ جو رنگ ڍنگ به نرالو آهي. ٽپ ٽپ تي چرچي گهبي گارگند جو ڦهڪو پيو پوندو. اهڙا لفظ ۽ اصطلاح جن کي اعليٰ ادب ۾ ڪم آڻڻ فاحش ۽ متروڪ ليکيو ويو آهي، اهي عوام جي ٻوليءَ ۾ عام جام استعمال ٿين ٿا. مطلب ته لوڪ سماج ۽ لوڪ – ماڻس جو اهڙو پهلو مشڪل ملندو، جنهن جو اظهار ٻوليءَ جي هنن ننڍڙن استعمالن ۾ نه ٿيو هجي.

پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن ۾ سماجڪ حالتن ۽ عوام جي گوناگون

رنگن سان چٽيل زندگيءَ جي تصوير جو جائزو وٺڻ نهايت اوکو ڪم آهي. ان تي جيترو لکجي اوترو گهٽ آهي. اِنهيءَ ڪري مان هتي فقط نموني طور ڪجهه پهلوئن تي روشني وجهندس.

1. سماجي حالتون

سماج ۾ ڪجهه ڪُرسمون (غلط رسمون) ايتري قدر پختي پائي تي ويون آهن، جو سماج - سڌارڪن ۽ اڳواڻن جي سخت ڪوشش باوجود اُهي ختم تي نہ سگهيون آهن. ڏيتي ليتيءَ جي ڪُرسم اُنهن مان هڪ آهي. ان ڏانهن اشارو ڪندڙ پهاڪو آهي.

'ابو گسي، ڌيءَ وسي' . پيءُ پنهنجي ڌيءَ جي شاديءَ لاءِ قرض جا ڪوٽ چاڙهڻ کان بہ نٿو ڪيٻائي. پوءِ پلي تہ سندس گهر ڏولائن ۾ اچي وڃي. نياڻيءَ جي شاديءَ بعد هن جي جند آزاد تي، ائين بہ نہ آهي. ڪيس ڏڻ - وار تي بہ سيٹن کي راضي رکڻو پوي ٿو. جيڪڏهن ائين نہ ڪيائين، تہ پوءِ سندس ڌيءَ کي ساهرن ۾ جيڪي طعنا - طنڪا سهڻا پون ٿا، انهن جو ڪاٿو ئي نہ آهي.

'سڄي، آبي ڄائي، ڇڄ ڇنڊيندي آئي' .

يا

'سڄڻ اباڻن ڏوڙ مرڪن ڏيئرون' .

ان ڪري ڇوڪريءَ جو پيءُ وس پڄندي سيٹن سان ڏند نٿو ڏئي، ڇاڪاڻ تہ، 'سيٹن جا ڳالهائين نيڻ، نہ ڪ ڏند.' 'سيڻ آهن نيڻ' . انهن سان ڇپي ڇتي ڳالهائڻو پوي ٿو. جيڪڏهن اتفاق سان ڪو گُتو لفظ نڪري پيو تہ اجائي ڦڪت تي پوندي 'سيٹپو ويٽپو، ويرپو' ماءُ پيءُ پنهنجي ڌيءَ کي اهائي نصيحت ڏين ٿا تہ شاديءَ بعد ساهرن جي پيت تي هلجي:

ڏيئڙي سو ڪر، جو ڏٺہ ماءُ گهر،
نونهڙي سو ڪر، جو ڏٺہ سس گهر.

سلڇڻي ڇوڪري وس آهر اهائي ڪوشش ڪري ٿي تہ پنهنجيءَ هلت چلت سان سيني جو راضپو هٿ ڪري. ان ۾ سندس پيڪن جي بہ نيڪ نامي آهي. "نونهن آهي ٻن گهر جو ڏيئو، پيڪو بہ ٺاري، تہ ساهرو بہ ٺاري." ان هوندي بہ جيڪڏهن ڪيس ساهرن ۾ ڏکيا ڏينهن ڏسڻا ٿا پون، تہ لاچار چئي ٿي ڇڏي تہ:

"ساهرا آهرا پاپرا ڪندا،
جو پاسو وراءِ، چپ چپ ڪندا."

ڇوڪريءَ جا مائٽ صبر سان مِنو ڪري ويٺين تا. هو سمجهن تا تہ جيڪڏهن سيٽن سان چپ پياسين، تہ اِن مان وڪاند وڏڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو نتيجو مشڪل نڪرندو.

'ڏني چائي، تہ چتي وائي.'

يا

'جن کي ڏنيونسين ڇايون، تن سان ڪهڙا سينا ساهيون'

يا

'جتي وڃاياسين وار، اتي ڪهڙا پارا!'

مطلب تہ حالت اها آهي، جو "جنڊ ڪڻ تہ جنڊ ٻورو، پڙڪڻ تہ پڙڳورو." ساهرن جي انهن سهمڻ ۽ سورن پٺيان ڏجي، ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪري اهو تي چاهي، تہ ڪيس اهڙو گهر ملي، جتي سس - سهرو نہ هجن.

'ٻڳوان تنهنجو تورو، مڙس ڏجانئم ڇورو.'

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ 'ڌيءَ گهر جي لڇمي آهي.' هوءَ جمڻ سان ئي ياڳ بہ ڪنيو تي اچي. پر ٻئي طرف، مائٽ اهو بہ سمجهن تا: 'ڌيئر پرائو ڌن آهن.' ڪاليداس پنهنجي ناٽڪ 'ابِگيان - شاڪنتلم' ۾ بہ ان قسم جو اظهار ڪيو آهي "اَرٿو هي ڪنيا پرڪيہ ايو" يعني ڌيءَ اهڙو ڌن آهي، جيڪو ٻئي جي امانت آهي. ان ڪري مائٽن جي من ۾ هميشه اهو انديشو رهي ٿو تہ خبر نہ آهي تہ نياڻيءَ کي ور گهر سٺو ملندو يا نہ؟ شاديءَ بعد سندس زندگيءَ سکي گذرندي يا نہ؟ انهيءَ وسوسي ڪري ئي سماج ۾ ٻيءَ خواهشن جو جنم ٿيو آهي. اها آهي ڌيءَ جي پيٽ ۾ پٽ جي جنم جي آس رکڻ.

انهيءَ جو ٻيو ڪارڻ اهو بہ نظر ٿو اچي، تہ اسان جي سماج ۾ خاندان جو سلسلو پٽن جي جنم سان ڳنڍيل آهي. پٽ جائو معنيٰ پيڙهي وڌي. 'پٽن پيءَ هڻڻ' محاوري جو اشارو اِن خواهش تي ٻيڌل آهي، جنهن جي اصطلاحي معنيٰ آهي 'ٻي ڦلڪو يا ڳٽتين ڪان آجو هڻڻ.' ٻئي طرف، ڇوڪريءَ شادي ڪئي تہ اَن کي اصطلاحي ٻوليءَ ۾ چئون 'هوءَ وڃي شينهن ڪلهي چڙهي.' نياڻيءَ جو پيءَ هو ڳٽتين ۾ ڳيتل، سو ڌيءَ پرڻائي سمجهيائين تہ هوءَ هاڻي وڃي شينهن مڙس جي ڪلهي چڙهي يعني لائق

شخص جو سهارو حاصل ڪيائين. ڌيءُ پرڻائڻ کي هندو پيءُ ائين ئي سمجهي، ڄڻ ته 'گنگا سنان ڪيائين.' پهرين پٽ ڄمڻ جي آس رکندي به جيڪڏهن ڪنهن کي ڌيءُ ڄمي ٿي، ته هو پاڻ کي آٿت ڏيڻ لاءِ ائين ٿو چوي، "پهرين ڌيءُ پٽ برابر." سماج ۾ اڪثر اِهو ڏٺو ويو آهي ته ڌيءُ جي بنسبت پٽ جي ڄمڻ تي وڌيڪ خوشي ملهائي ٿي وڃي. ڪي ماڻهو ته پٽن جي ڄمڻ تي شان- مان سان ڇنيون ڪندا آهن. ٻئي طرف هو ڌيئرن جون ڇنيون به ڪونه ڪرائين. پٽ ۽ ڌيءُ سان واسطو رکندڙ پيون به گهٽيئي چوٽيون سنڌيءَ ۾ ملن ٿيون. انهن مان اِهو به ظاهر آهي ته ڪن حالتن ۾ ڌيءُ جو جنم بهتر سمجهيو ويو آهي. مثال طور:

- نامراد پٽ کان ڌيءُ به چڱي.
- ڪپاٽ پٽ کان سپاٽ ڌيءُ ڀلي.
- پيئيءُ ليئيءُ ڌيءُ ڪم اچي.

اڄڪلهه جي زماني ۾ ڌيءُ پٽ جي وچ ۾ خاص فرق ليکيو نٿو وڃي، ڇاڪاڻ ته ڇوڪريون به سماج جي جدا جدا کيترن ۾ ڇوڪرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪري رهيون آهن. ڪيترين حالتن ۾ ته اهي ڇوڪرن کان گوءِ کٽي وييون آهن.

گڏيل ڪٽنبن ۾ ڏيراڻين جي وچ ۾ رشتو- ناتو اڪثر مٺ محبت ۽ سڪ پريم وارو نه رهيو آهي. انهيءَ جي جهلڪ گهٽين ئي چوٽين مان ملي ٿي. جيئن ته،

- کهه پيو ڏيرپو، جنهن وڃايو پيٽپو؛
- ڪِني ڪُني، پر ڏيراڻيءَ نه ڏني؛
- ڏيراڻيون توڙ جون ويرياڻيون؛
- ڏيهه چوي، ڏيراڻي نه چوي؛
- جرنٺيس، جيڏي نٺيس، پنهنجي نه نٺيس.

گهريلو جيوت ۾ جدا جدا رشتن ناتن بابت سنڌيءَ ۾ گهٽيئي چوٽيون ملن ٿيون. جيئن ته،

- ڄائو پٽ لٿي سڪ، پرٽيو پُٽ پيئي پِڪ.
- پٽ پرٽيو معنيٰ پَرَ نيو.

– ڪنو وٺي، وهه جي وٺي.
– ڪٺيو ڪائي مڙس جو، ڇي جيئي منهنجو ابو.
– سس ري نه ساهرا، ساليءَ ري نه نينهن،
چنڊ ري نه راتڙي، سج ري نه ڏينهن.
– سالا ڪائين ساليون ڪائين، واهه مارئي جي ڪٽي،
ياڻر ڪائين، ڀينر ڪائين، ڀيئي ماري تي چٽي.
– سالا شينهن ڪي ٻه پيارا آهن.
– ياڻر ڪوٽ جا ڪُنگر، پُٽ گهر جي سونهن،
وينا ڪن ورونهن، ڏڇڻ ڏوران ئي ڏري.
– ڪائي ڀي ڏوهتا، ڪونبا ڏاڏي پوتا.
– لوڪ ليکي چري ڪري، مڙس ليکي حور،
چٽي ڏنائينس پنڙا، ته لهي ويس سور.
– مرد جي ڪٽي، زال جي سهير.
– گهڻين زالين گهر نه هلي، گهڻين مردين هر نه هلي.

سماج ۾ ٻيڌائي ۾ شاديءَ کي سنو نه ليکيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح هندو سماج ۾ اِهو به صحيح قدم نه سمجهيو ويو آهي، ته مرد هڪ زال جي حيات هوندي ٻي شادي ڪري. اِن تي ڪجهه چوڻيون ڏسو:

- پريو مڙس پٺ نه ڪجي، وڃائجي نه وهي،
ڪٺڪن ۾ لاٻارا پوندا ته ماريو پوندو ڍهي.
- پيريءَ جي شادي آهي خيراتي کوهه کٽائڻ.
- ٻن ونين جو ور، تنهن جو مساڻ ۾ گهر.
- مڙس پوڙهو، زال جوان، تنهن کي ڄاڻج ڪک جو ڪان.

سنڌي براهمڻن لاءِ چوٽي مشهور آهي، ته ”ٻانيڻ ٻانهن لاءِ محتاج.“ ڪو وقت هئو، جڏهن سنڌ جي براهمڻن ۾ ڏي- وٺ ۽ شادي وهانءَ جي لحاظ کان تمام گهڻو ڪٽرپڻو هئو. براهمڻن ۾ جدا جدا ڪلاس هئا. جئن ته ٻاڙهي، ٻاونجاهي، سيتپال، رتنپال، وغيره. ڪن ڪلاسن جا براهمڻ پاڻ کي ٻين کان اوچ ليکيندا هئا. ۽ هيٺين ڪلاسن يعني طبقن مان شادي- مرادي نه ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن شادي ڪئي ته اهو پنهنجي طبقي مان ڪريل ليکبو هئو. پوءِ ان سان به رشتي- ناتي جي وات ٽٽي. اِن ريت شاديءَ جي

خيال کان دائرو ڏينهون ڏينهن تنگ ٿيندو ويو، جيڪي طبقن جي پابنديءَ ۾ ڪتر ٻڌيا، آنهن ۾ ڪيترا ياعمر ڪنوارا رهجي ويا. اِنهيءَ سماجي حالت تي اِها چوڻي ٺهي ويئي آهي. وقت گذرندي جيئن اِهو ڪترپڻو هتي ويو آهي، تہ هاڻي اِها چوڻي سنڌي براهمڻن سان لاڳو نٿي ٿئي.

آڳاٽي زماني کان وٺي هرهڪ سماج ۾ طبقاتي ڪشمڪش ٿوري يا گهڻي هلندي پيئي رهي آهي. شاهوڪار- غريب، امير- فقير، ظالم- مظلوم، وغيره طبقن جو وجود اڄان تائين آهي. انهيءَ جي جهلڪ بہ پهاڪن ۽ چوڻين ۾ ملي ٿي. جيئن تہ،

- شاهوڪار جو ڏنُ بہ ڪستوري.
- شاهوڪار جو سالو بہ سيڪو سڏائي، غريب جو پيءُ بہ ڪونہ سڏائي.
- آفيسر جو اڳ ۽ گهوڙي جي پٺ ڪڏهن بہ نہ وڃجي.
- عامل نہ دوست، ڦڦڙ نہ گوشت.
- ڪامورو ۽ ماڪوڙ، ٻئي چنبڙيا تہ ڪڏهن نہ ڇڏيندا.
- حاڪم جي ياري، بہ آگر ڏاڪ، ٻي سڀ واري.
- سيد ۽ سپاهي، تن کان رکج يا الاهي.
- سپاهيءَ جهڙو يار، پيو دشمن نہ ڏار.

ساڳيءَ طرح، اِنسان زندگيءَ جي تجربن مان اِهو بہ محسوس ڪيو آهي تہ اڄ ڪالهہ پيسي کي وڏي اهميت آهي. پيسي جي طاقت تي ماڻهو سماج ۾ جيڪي گهرجيس، سو ڪري سگهي ٿو. گهٽ ذات وارو بہ ناڻي جي ٻل تي اعليٰ درجي جو ليکيو وڃي ٿو. هر ٻوليءَ ۾ ڏن جي اِنهيءَ مهما تي گهڻيئي چوڻيون ۽ پهاڪا ملن ٿا. سنڌيءَ جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

- اُٺ بہ ناڻو، ويهہ بہ ناڻو، ناڻي بنا نہ ويڳاڻو.
- جنهن جي گنڍيءَ ۾ داڻا، تنهن جا چريا بہ سياڻا.
- پير عيسيٰ پير موسيٰ، ٻڏا پير پيسا.
- لڇمي ڪلچڻ ڍڪڻي.
- ناڻو نر بہ ڇتون ڪري.
- پيءُ سندس پيهون ڪٽيون ڏاڏي ڪتيا ڏاڻا،
  اڳي پڇيائون ٿي ذات پات، هاڻي پڇن ٿا ناڻا.
- زر بسيار تہ عشق ٺهہ ٺهہ، زر نيست تہ عشق پون پون.

2. ريتيون رسمون

'هٿن جا پاڻ ۾ ڏٿر سنوان نه آهن.' انهيءَ جملي ۾ 'ڏٿر سنوان نه هئڻ' هڪ محاورو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته منجهن وڪاند، گهپي- ڪلڪل آهي. (يا پاڻ ۾ ناتام آهن). هن اصطلاح جو بنياد شاديءَ ۾ ڏٿرن مٺڻ جي رسم آهي. ڪنوار شاديءَ بعد جڏهن پهريون ڀيرو ساهري گهر ۾ قدم رکندي آهي، ته ڪانئس، اِها ريت ڪرائيندا آهن. ٿالهه ۾ لوڻ يا ڪڻڪ رکبي آهي. ڪنوار انهيءَ مان ٻڪ ڀري گهوٽ کي ڏيندي آهي ۽ پوءِ گهوٽ وري ڪيس ٻڪ ۾ واپس ڏيندو آهي. ان طرح اناج يا لوڻ کي ٻڪن ۾ ڀري ڏي وٺ ڪرڻ کي 'ڏٿر مٺڻ' چئجي ٿو. گهوٽ سان ڏٿر مٺڻ بعد هوءَ ٻين ساهرن مائٽن سان به واري وٽيءَ اِها رسم ادا ڪندي آهي. ان وقت زالون چونديون رهنديون آهن- "جيترا ڏٿر مٺيندي، اوترا پٽ ڄڻيندي." لوڻ جي ڏي- وٺ ڏيکاري ٿي، ته جيئن ڪاڌي ۾ لوڻ جو جوڳو استعمال ڪرڻ سان ڪاڌو لذيذ ۽ سوادي ٿئجي ٿو، تيئن ڪنوار به نئين گهر ۾ پنهنجيءَ سٺيءَ هلت چلت ذريعي سيني سان سڪ- محبت ۽ سونپ سان هلي پاڻ کي 'گهر لڇمي' ثابت ڪندي.

لوڻ جي ڏي- وٺ ڪرڻ مان هڪ ٻئي سان نمڪ حلال ٿي رهڻ جي ڀاونا پڻ ظاهر ٿئي ٿي. عوامي عقيدو آهي ته جيڪڏهن ڪن پاڻ ۾ ٻَڪن کي سڌو رکي، هٿن جي وچين حصي کي کولي، ڏٿر نه ميا آهن ته پوءِ اڳتي هلي منجهن وڪاند ۽ جهيڙي ٿيڻ جو امڪان آهي.

'پڳڙيون ٿيڻ' جي اِصطلاحي معنيٰ آهي، 'خاتمو ٿيڻ، گهٽو نقصان ٿيڻ.' اِنهيءَ محاوري جو بنياد قضئي جي ٽئين يا چوٿين ڏينهن جي رسم سان آهي، جنهن کي چائنو يا اوٺارو به چئبو آهي. هندن ۾ ريت آهي ته جڏهن ڪو گذري ويندو آهي ته ڪانڌي ٽن چئن ڏينهن تائين گهر ۾ مٿي اگهاڙو رهندا آهن. هو ڌنڌو- واپار به بند رکندا آهن. پڳڙين جي رسم وقت برادريءَ وارا ۽ واقفڪار انهيءَ گهر ۾ آعزا پرسيءَ لاءِ شام جو اچي گڏ ٿيندا آهن، جتي قضيو ٿيو آهي. اُن وقت ڪانڌين کي پڳڙي ٻڌڻ جي رسم به ادا ڪئي ويندي آهي. اِنهيءَ جو اندروني مطلب آهي ته آهي اُن بعد وري وڃي ڌنڌي- واپار ۽ دنيوي ڪرت ڪار کي منهن ڏين. اِنهيءَ جو واسطو گهر جي جوابداري سنڀالڻ ۽ ورثي سان به آهي.

ڪنهن شخص کو ڪم نہ ڪيو يا صحيح نموني ان جي پوئواري نہ ڪئي، تہ ٽوڪ ۾ چئبو- ’سورهن ئي سراڌ پورا ڪيائين‘. اِنهيءَ جو اکري معنيٰ جي لحاظ کان لاڳاپو هندن ۾ موت جي ڪريا ڪرم سان آهي، جنهن ۾ پنڌرَ پائڻ ۽ براهمڻن کي کارائڻ جي ريت هوندي آهي. اِنهيءَ تي ٻيو بہ هڪ پهاڪو مشهور آهي. ’پيءُ ڏيکار يا شراڌ ڪر‘. اِن جو حاصل مطلب آهي تہ هڪ هيڪاڻي ڪر.

’گورو ئي گنگا تي اٿس‘ . اِنهيءَ محاوري جي اصطلاحي معنيٰ آهي. ’سڀ ڪجهہ ناس ٿي وڃڻ، خاتمو ٿيڻ، حال نہ هئڻ.‘ اِنهيءَ جي حقيقي معنيٰ جو لاڳاپو مئل پراڻيءَ جون هاڻيون ميڙي وڃي گنگا ۾ پرواهہ ڪرڻ سان آهي.

’ڳڙ جيرو کائي، پٽن ماءُ نت نت ويائي‘ چوٽيءَ جو واسطو ٻار جي ڄمڻ بعد روهي يوڃڻ جي رسم سان آهي. اِن ۾ جنڊ وٽ ويهي پوڄا ڪبي آهي ۽ ويائي زال کي ڦيرن ڏيارڻ وقت وات ۾ ڳڙ ۽ جيرو ڏيئي اِها چوٽي بہ ٻيون زالون دهرائينديون آهن.

- ’حقو پاڻي بند ڪرڻ‘ ،
- ’تانئو توپي بند ڪرڻ‘ ، ’پِتَ مان ڪڍي ڇڏڻ‘ ،
- ’تاليئون لاهڻ‘

اصطلاحن جو مطلب آهي ڪنهن کي پنچائت مان ڪڍي ڇڏڻ، پت برادريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ. ڪو زمانو هئو، جڏهن سماج ۾ پنچائتي سرستي کي گهڻي اهميت هئي. اڄ ڪالهہ ڇاهي وڏن شهرن ۾ اِنهيءَ جو اثر گهٽجي ويو آهي، پر ننڍن ڳوٺن ۾ پنچائت جي سرشتي جي ميڄتا اڃا تائين موجود آهي. جڏهن پنچائت ڪٺي ٿيندي آهي، تہ حقو تيار ڪري پنچن سامهون رکيو ويندو آهي. برادريءَ وارن ۽ شريڪن کي حق آهي تہ اُن حقي جو استعمال ڪن. اتي پنچائتي ٿهليو بہ حاضر هوندو آهي، جيڪو پاڻيءَ پيارڻ جو ڪم ڪندو آهي. ساڳيءَ طرح ڏڻن- وارن يا خاص موقعن تي جڏهن پنچائت لاءِ ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڪيو ويندو آهي، تہ برادريءَ وارا قطار ۾ گڏ ويهي، کائيندا پيئندا آهن. ڪنهن جيڪڏهن پنچائت جي نيمن جي خلاف هلت ڪئي تہ پوءِ ڪيس سزا ڏيڻ لاءِ برادريءَ ۾ گڏ ويهي حقي پيئڻ ۽ ڪاڌي- پيتي جا حق کسي وٺندا آهن. انهيءَ ڏانهن اشارو ڪندڙ اِهي محاورا آهن.

’ڄڄ تي ويهڻ‘ يا ’ڄڄ ڪرڻ‘ جي اصطلاحي معنيٰ آهي ’هٿ ڦاڙ ٿيڻ، اڍنگا خرچ ڪرڻ.‘ ’ڄڄ‘ جي اکري معنيٰ آهي شاديءَ وقت ۽ ان بعد ڪجهه ڏينهن گهوٽيتن کي کارائڻ پيئارڻ. اڳاٽي زماني ۾ جڏهن اجان ريلون ڪين پيئون هيون، تڏهن گهوٽيتا شاديءَ بعد به ڪجهه ڏينهن ڪنواريتن جي ڳوٺ ۾ ٽڪيا پيا هوندا هئا. ڪنواريتا، ڄڄ جي رهڻ ۽ کاڌي پيتي جو سمورو بندوبست ڪندا هئا. روزانو ڄڄَ کي ٽي ويلا دعوتون ڏيندا هئا. اهڙي موقعي تي هڪ طرف گهوٽيتا اڪثر وجهه پيا ڳولهيندا هئا، ته ڪهڙيءَ طرح ڪنواريتن کي مهمان نوازي ڪرڻ ۾ تڪائي پريشان ڪريون، ته ٻئي طرف ڪنوار جي طرف وارا به آڌرياءَ ۽ خاطرداري ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽائيندا هئا، چاچين کي ٽيهه- ٽيهه ڄڄ به ملندا هئا. هرهڪ جي کاڌي تي.آرتي ڪري اوتيل نج ديسي گيهه پاتل تان وهني هيٺ نه ڪريو، ته چئبو ڪنواريتن ڪنجوسي ڪئي آهي. اِن ڪري ڪنوار جي طرف وارن جو پيسو ۽ کاڌو پيتو گهڻو نقصان ٿيندو هئو. اِنهيءَ ڪري ’ڄڄ ڪرڻ‘ جي اصطلاحي معنيٰ ٿي ويئي، اڍنگو خرچ ڪرڻ. اڄ ڪالهه ويچارن ۾ ڦيرو اچي ويو آهي. مهانگائيءَ جي زماني ۾ صرفي کان ڪم ورتو وڃي ٿو. ڄڄ جي بدران هاڻي شادين ۾ گڏيل دعوت جو رواج پئجي ويو آهي، جتي گهوٽيتا مهمان ۽ ڪنوار جي طرف وارا سڀيئي گڏجي دعوت ۾ وهن ٿا. اِن کي ’پريتي ڀوڄن‘ (يعني پريت، سک پريم جي دعوت) چئجي ٿو.

مسلمانن جي مذهبي رسمن رواجن تي به چڱائي ٻهاڪا ۽ محاورا ملن ٿا. جيئن ته،

– فاتح پڙهي ڇڏڻ (کنهن کي جيئري ئي مُئن برابر ليکڻ)،
– محرمي هئڻ (هميشه اُداس، ملول هئڻ)؛
– مُلان جي ڪُني حلال هئڻ (وڏو ماڻهو جيڪو ڪري سو حلال آهي)؛
– تڪبيرون چوڻ (جيئري ئي مُئل ليکڻ)
– مُلان ٻانگ نه ڏيندو ته صبوح نه ٿيندو ڇا ؟
– مري ويو مردود، نه ختمو نه درود.
– جهڙا روح تهڙا ختما.
– آهي ته عيد، نه ته روزو.
– ويا روزا ڇڏائڻ، ته نماز گلي پين.

3- لوڪ اعتقاد

الف: لوڪ وشواس جو مطلب آهي عوام جا عقيدا. عام ماڻهن جو ڌڻيءَ جي هستيءَ ۾ پورو پورو اعتقاد آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اهڙو پهاڪو يا چوڻي مشڪل ملندي، جنهن ۾ خلقٹهار جي وجود بابت شڪ ظاهر ڪيو ويو هجي.

- 'انسان خطا جو گهر آهي.'
- 'عيبن کان آجو آهي هڪ الله.
- انسان کي ڀڳوان جي ڀاڻي تي راضي رهڻ گهرجي.
- 'ڏنا جي ڏاتار، سي جهوليءَ پائي مون جهليا.'
- 'مارڻ واري کان بچائڻ وارو ڏاڍو (ويجهو) آهي.'
- 'راکي رام تہ ماري ڪونہ.' (ياجنهن کي وب رکي، تنهن کي ڪير چکي).
- 'بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي.'
- 'سچيءَ دل تي صاحب راضي.'
- 'ايشور (ڌڻيءَ) جي در دير آهي، پر انڌير نہ آهي.'

اِن قسم جون ڪيترين ئي چوڻيون سنڌيءَ ۾ ملن ٿيون، جن مان ڌڻيءَ جي هستيءَ ۽ رضا ۾ انسان جو اعتقاد ظاهر ٿئي ٿو.

عام ماڻهن جو قسمت جي ليک ۾ بہ گهڻو اعتقاد آهي. چاهي انسان کي پنهنجي تدبير تي ڪيتروئي ڀروسو هجي، تہ بہ هو تقدير کي ڏاڍو ٿو سمجهي. اِن بابت ڪجهہ چوڻيون ڏسو:

- سڀ ڏاڻي ڀاڻيءَ جي اختيار آهي.
- جيڪي هوندو ڀاڳ ۾ سو وهي پوندو ڀاڳ ۾.
- تقدير اڳيان ڪهڙي تدبير؟
- داڻي داڻي تي مهر آهي.
- جيڪي لکيو منجهہ ازل، تنهن کي ڪيرُ وجهي جهل؟
  (يا لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙيءَ نہ وهي).
- چاجي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو نہ ٿئي.
- ڪنهن جي ڀاڳ سان ڪا ريس؟

ب: جوتش يا نجومت، گرهہ- نکتر، سوڻ- اَپسوڻ بہ عام ماڻهن جي دل ۽ دماغ تي ڇانيا پيا آهن. اِن بابت ڪجهہ پهاڪا، چوڻيون ۽ محاورا هن ريت آهن:

'پير ۾ ڇنڇر اٿس' جي اصطلاحي معنيٰ آهي ته هو پٽڪندو ٿو رهي. جوتش موجب پيرن تي ڇنڇر جو گرهه هجي، ته انسان کي ٿرتانءُ ڪرڻ نه ڏيندو آهي. ڇنڇر جي ساڍي ست ورهي يا اڍائي ورهي دشا به عوام ۾ گهڻي مشهور آهي.

'هٿن جو پاڻ ۾ چوٿون چندرما آهي' يعني منجهن هميشه ڪتپٽ، جهيڙو هلندو ٿو رهي. راس ڪان چوٿين گهر ۾ چندرما جو هئڻ سٺو نه ليکبو آهي.

ساڳيءَ طرح، 'اڻچٽاڪو هئڻ'، 'ڏوٽا ٻاري هئڻ' محاورن جو به مطلب آهي: 'پاڻ ۾ ميل ميلاپ نه هئڻ.' اِنهن جو اکري مطلب ٻن ڄڻن جي جنم-ڪنڊليءَ کي ملائڻ وقت انن ۽ ڇهن، يا ٻن ۽ ٻارهن راسين جي لهڻا ڏيٺيءَ سان آهي. جوتش موجب اِن کي سٺو نه ليکيو ويندو آهي.

'ڄيني، سک نه ويني' يا 'ڄينو، سک نه وينو' چوڻين جو مطلب آهي ته جيڪو ٻار جيٺ جي مهيني ۾ ڄمي ٿو، اُن کي زندگيءَ ۾ گهڻي ڪشمڪش ڪرڻي پوي ٿي.

'ستارو زور اٿس' يعني ڀاڳ زور اٿس. ٻئي طرف 'ستارا گردش ۾ هئڻ' جو مطلب آهي.

'ڏکيا ڏينهن هئڻ.' 'چولو مٽائڻ' معنيٰ گذاري وڃڻ. اِنهيءَ جي بنياد ۾ پنر- جنم يعني وري نئون جنم وٺڻ جي ڀاونا سمايل آهي. آتما اَمر آهي. ان کي جيستائين مڪتي نه ملي آهي، تيستائين اُها هڪ چولو ڇڏي، ٻيو چولو وٺندي رهي ٿي. يعني جنم- مرڻ جي چڪر ۾ ڦري ٿي.

'ڇايا پوڻ' يعني ڀاڇو پوڻ، جن- ڀوت، ڏائڻ وغيره جو اثر ٿيڻ.

4. سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي

سنڌيءَ ۾ ڪجهه پهاڪا، چوڻيون ۽ محاورا اهڙيءَ قسم جا آهن، جن جو بنياد سنڌ جون تاريخي واردتون، يا شخص آهن. اِنهن ۾ سنڌ جون مشهور لوڪ ڪٿائون ۽ قصا به اچي وڃن ٿا. ساڳيءَ طرح، سنڌ جي مڪاني حالتن ڏانهن اشارو ڪندڙ چوڻيون به چڱي تعداد ۾ ملن ٿيون. هتي ڪجهه مثال پيش ڪن ٿا:

'لاکي جي مهل' محاوري جي اصطلاحي معنيٰ آهي 'صبوح جي ويل.'

هن محاوري ۾ جنهن لاکي بابت اِشارو ڪيل آهي، اُن کي سڃاڻڻ هڪ پرولي آهي. پرمانند ميوارام سنڌي- انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ ڄاڻايو آهي ته 'لاکو' هڪ پير جو نالو آهي. دوڪاندار صبوح جو دوڪان کولڻ وقت اول اُنهيءَ جي پرارٿنا ڪندا آهن، جيئن ڏنڌو واپار سٺو ٿئي. سنڌ ۾ لاکي پير جي نالي سان ڪوسي پاڻيءَ جا چشما مشهور آهن. ساڳيءَ طرح، لاکا ڳوٺ ۽ لاکا روڊ اسٽيشن به مشهور آهن. سنڌ ۾ مهاڻا پيڙيون هاڪارڻ وقت اڪثر ائين چوندا آهن- 'لاکا لهراڻي، لهر بحر جا سائين'.

ٻئي طرف واڻيا وڪال صبوح جو دڪان کولڻ وقت چون- "لاکي جي مهل، سخي نر جي ڀُهٽي." انهن چوڻين جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو، ته لاکو ضرور ڪو پهتل شخص يا درويش هئو. ڪن عالمن جو رايو آهي، ته هتي اِشارو 'لاکي ڦولاڻيءَ' نالي راڄا ڏانهن ڪيل آهي. هو ڪڇ ۽ سنڌ جي لوڪِ ڪٿائن ۾ پنهنجيءَ بهادريءَ ۽ سخاوت جي ڪري گهڻو مشهور آهي. هو روز صبوح جي ويل غريبن ۽ گهرجائن کي ڏاڻ ڏيندو هئو. ڪوبه سوالي سندس دَر تان خالي نه ويندو هئو. اِنهيءَ ڪري ممڪن آهي ته سندس نالي تي اِهي چوڻيون ۽ محاورا مروج ٿيا هجن.

لاڙڪاڻي شهر بابت چوڻي مشهور آهي ته:

هو قوم لاڙڪن جو هتڙي قديم ٺاڻو،
پيو نانءُ پوءِ هن تي، لاڙڪ تان لاڙڪاڻو."

هتي اصل ۾ لاڙڪ يا لاڏڪ نالي ذات وارن جو ڳوٺ هئو، جنهن تان پوءِ ان علائقي کي 'لاڙڪاڻو' چوڻ لڳا. تاريخ نويسن لاءِ 'لاڙڪ' ذات وارن جو اصل نسل سڃاڻڻ به وڏو مسئلو بڻجي پيو آهي. ڪن جو رايو آهي، ته سنسڪرت ساهتيہ ۾ جنهن 'لاٽ' نالي جاتيءَ جو گهڻن ئي هنڌن تي ذڪر آيو آهي، آهي لاڙڪ يا لاڏڪ ذات وارن جا ابا ڏاڏا آهن.

جي هجيئي ناڻو ته گهمُ لاڙڪاڻو، نه ته وٺ ويڳاڻو.

يا

"ڳنڍ ۾ ڪٿي تون ناڻو، گهمُ خان لاڙڪاڻو.

هي چوڻيون ضرور ڪلهوڙن جي اياڪاريءَ ۾ مروج ٿيون هونديون، جڏهن لاڙڪاڻو پنهنجي شان- شوڪت ۽ اوج ڪري گهڻو مشهور ٿي ويو هئو.

"ڪنن جي ڳالهين ميربجر مارايو" پهاڪي جو مطلب آهي، ته گهٽي ڳجهه ڳوهه نه ڪجي يا لڪي ڇپي ڪنن ۾ ڳالهيون نه ڪجن. ان مان اڳلي ڪي ڪنهن خطري جو شڪ ٿو ٿئي. اِنهيءَ پهاڪي جي بنياد وارو واقعو، رائچند هريجڻ پنهنجي ڪتاب 'تاريخ ريگستان' ۾ هن ريت لکيو آهي:

"ميان عبدالغنيءَ، مير بجار خان جي وڏنڊڙ طاقت مان خوف سمجهيو، جنهن ڪري مير کي مارائڻ لاءِ، جوڌپور جي راجا بجيہ سنگهہ سان صلاح ڪري مدد گهريائين. اُن موجب 5- نومبر 1779ع= 1836 سنبت= 1193 هجريءَ جي ۾ راٺوڙ سردار هرنات سنگهہ، ۽ محڪم سنگهہ راجا جي طرفان مير وٽ خد ااباد ۾ وڪيل ٿي آيا، جن ڪجهہ وقت کان پوءِ هندي ٻوليءَ ۾ ڪي ڪاغذ مير وٽ پيش ڪيا، ته اِهي ميان عبدالغنيءَ توهان جي خلاف راجا ڪي لکيا آهن، ۽ ٻيون به ڪي ڳالهيون ڪرڻ لڳا ۽ وجهہ وٺي ڪيس هڪ چٽي ڪک ۾ پالو هنيو ۽ ٻئي ترار جو وار ڪيو. قتيل مير ترار سان هڪڙي کي ماري وڌو ۽ ٻيو ڀڄي ويو، ۽ انهن جي ٻن نوڪرن کي، مير جي نوڪرن ماري وڌو. پوءِ مير پاڻ مري ويو."(1)

سنڌي لوڪ ڪٿائن تي ٻيٺل ڪجهہ پهاڪا ۽ چوٽيون هن ريت آهن:

- اجان اُٺ ڪين سسئي.
- عمر وٺي ماروئي وننڊو، ٿر ته ڪين ٿيلهيندو؟
- ڇا جي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو م ٿئي.
- منهنجو ڪم واڪا ڪرڻ، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.
- دودو ڏوڙ، چنيسر ڇائي، هُن جي ڪسر هُن ۾ آئي.
- سوڍن مڙن سوَ، ته به متُ نه پانئج مينڌري.
- لڪين ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾.
- لک لهي ٿي لوڏ، جيجان ٿن جتن جي.

سنڌ جي جاگرافيءَ ۽ مڪاني حالتن ڏانهن اشارو ڪندڙ ڪجهہ چوٽيون ڏسو:

- جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌاران جوکو.
- لاڙ ساڙ.
- گوني سدا اونهي.
- سنڌ سمو، ڪاڇي چنو، پاٽي جيسلمير.

(1) رائچندر هريجن، تاريخ ريگستان، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ. 1956ع، ص 168

- راهوجن ۾ رات قادر ڪنهن جي نہ وجهي.
- وٺو تہ ٺُر، نہ تہ ٻر.
- لاڙ جو پڙهيو، سِري جو ڍڳو.

5. سنڌي ٻوليءَ جو روپ

اسان ڪي پهاڪن، چوڻين ۽ اصطلاحن ۾ ڪيترائي لفظ اهڙا ملن ٿا، جيڪي عام ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪتب نٿا اچن. اڄ پڻ سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ چڱائي تيٺ لفظ ۽ ڳوناٺا اصطلاح عام فهم آهن، جيڪي پارت جي سنڌين لاءِ، خاص طور ننڍي پيڙهيءَ وارن لاءِ بلڪل نوان آهن. اِنهن ننڍڙن استعمال ۾ وياڪرڻ جا بہ چڱائي اهڙي قسم جا روپ ملن ٿا، جيڪي روزاني گفتگوءَ واري ٻوليءَ ۾ واهپي ۾ نٿا اچن يا تمام ورلي ڪتب آندا وڃن ٿا. مروج استعمال جو انهيءَ لحاظ کان اڀياس ڪرڻ بہ نهايت دلچسپ آهي. هتي فقط ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

پيڍي= ڪرائيءَ واري اَپريل هڏي (پيڍي هڻڻ= تور ۾ ٺڳڻ)؛
پهير= لوڙهو (پهير چور ٽئي تہ واهي ڪيترو وهي)؛
سيلهہ= ڪنڊو (جي ڪهڙندا سورهيُن، سيلهہ بہ لڳندا تن)؛
ڏکهري= ڪاٺ جي پٽي يا ميخ جيڪا ڪاٺ ڳنڍڻ لاءِ هڻجي
(ڏکهري لهڻ= شرم حياءُ هليو وڃڻ)؛
سير= زور سان (ري پنهنجيءَ ڪٽيءَ سير ٻري نہ ٻاهہ)؛
ڪرنهن= جهيڙو ڪلڪل (آ تہ پيڻ ڪرنهن ڪريون)؛
آهري= آرسي (آنڌي اڳيان آهري).

وياڪرڻ جا پراڻا روپ:

اهڙن روپن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:
ڪرند پسند ڏيند لهند: وڏنت واپار؛
مُياسِ (جنين ڪاڻ مُياس، سي ڪلهي ڪانڌي نہ ٿيا)؛
باليٺو نہ ماليتو: آڄ همان سيان ٿمان؛
ڳالهوڙو (ڳالهہ مان ڳالهوڙو)؛
ري= ڪانسواءِ
سيتي= سان، ذريعي (ڪيتي سر سيتي).

آخر ۾ هتي پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن بابت هڪ ٻي اهميت ڀريءَ حقيقت طرف ڌيان ڇڪائڻ چاهيندس. جيڪڏهن اسين ڀارت جي آڳاٽين ٻولين سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش جي ساهتيہ (ادب) جو اڀياس ڪريون، تہ هڪدم معلوم ٿي ويندو تہ اُنهن ۾ ڪيترائي اهڙا سُندر ٻول ۽ استعمال آهن، جيڪي خِيالات توڙي اظهار جي نرالي ڍنگ جي لحاظ کان سنڌيءَ ۽ ڀارت پاڪ اُپکنڊ جي ٻين هاڻوڪين ٻولين جي مروج استعمال سان گهڻي مشابهت رکن ٿا. اِنهيءَ جو ڪارڻ ڇا آهي؟ منهنجي ويچار ۾ انهيءَ جا ٽي مکيہ سبب آهن.

1- ڀارت- پاڪ اُپکنڊ جي هاڻوڪين آريائي ٻولين جو ساڳيو تاريخي ورثو.
2- انسان ذات جي عالمي جذبات ۽ آزمودي جي هڪجهڙائي.
3- جدا جدا ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر.

پوني جي هڪ عالم وشوناٿ نروٽي ٽن جلدن ۾ ”ڀارتييہ ڪهاوت ڪوش“ نالي سان ڀارت- پاڪ اُپ کنڊ جي جدا جدا ٻولين جي پهاڪن ۽ چوڻين جي وڏي لغت شايع ڪئي آهي. اُنهيءَ ۾ سنڌي چوڻيون ۽ پهاڪا انگريزي ۽ هندي ترجمي سان گڏ مون کيس لکي ڏنا آهن. اِنهيءَ ڊڪشنريءَ جي پهرين ٻن جلدن ۾ سيني ٻولين جا هم- معنيٰ پهاڪا جدا جدا موضوعن جي بابن هيٺ ڏنل آهن ۽ ٽئين جلد ۾ هر هڪ ٻوليءَ جا، علحديءَ وصف وارا خاص پهاڪا ڏنل آهن. اِن لغت تي سرسري نگاهہ وجهڻ سان ئي هڪدم ظاهر ٿي پوي ٿو، تہ سنڌيءَ ۾ بہ ڪيترائي پهاڪا آهن، جيڪي ٻين ٻولين جي پهاڪن سان بلڪل هڪجهڙائي ڏيکارين ٿا. مثال طور، ’انڌن ۾ ڪاڻو راجا‘ پهاڪو گهڻو ڪري سيني ٻولين ۾ ملي ٿو. ساڳيءَ طرح ’سؤ ڪوئا کائي، ٻلي هلي حج تي‘ پهاڪو بہ لڳ ڀڳ سيني ٻولين ۾ ملي ٿو. اِنهيءَ جي بنياد واري لوڪ ڪٿا سنسڪرت جي پنچتنتر نالي ڪتاب ۾ ڏنل آهي. اُها پاليءَ جي جاتڪ ڪٿائن ۾ بہ ملي ٿي. ’گدڙ ڊاک نہ پڄي، آکي ٿو کٽا‘ پهاڪو بہ گهڻين ٻولين ۾ ملي ٿو. اِهو تہ انگريزيءَ ۾ بہ مروج آهي: "Grapes are Sour" اِن جي بنياد واري آکاڻي پڻ سنسڪرت جي ”پنچتنتر“ ۾ موجود آهي.

محاورن ۽ ورجيسن جو لاڳاپو گهڻي قدر ٻوليءَ جي بيهڪ سان آهي. اِن هوندي پڻ جدا جدا ٻولين جي محاورن ۾ چڱي قدر هڪجهڙائي ملي ٿي. جيئن تہ،

مکي چوس هڻڻ،

مارواڙي هڻڻ،

نادر شاهي يا نادري حڪم،

رستم هڻڻ،

ستارو بلند هڻڻ،

محاورا اردو، هندي، پنجابي ۽ ڪن ٻين ٻولين ۾ ملن ٿا.

هاڻوڪي سماجڪ ماحول سان واسطو رکندڙ ڪي نوان محاورا به جدا جدا ٻولين ۾ عام جام اِستعمال پيا ٿين. مثال طور،

چار سؤ ويهه آهي،

ڏَس نمبري آهي؛

چور بازاري؛ ڪارو ناڻو؛

مَسڪو لڳائڻ؛

چمچو هڻڻ؛

لال يا سائي جهنڊي ڏيکارڻ؛

بائڪاٽ ڪرڻ.

جدا جدا ٻولين جي ٻهاڪن، چوڻين ۽ محاورن ۾ هڪجهڙائيءَ جو اڀياس ڪرڻ به هڪ دلچسپ موضوع آهي. ان مان عوامي زندگيءَ، لوڪ جي تهذيب ۽ ثقافت جي عالمي وصفن، قدرن ۽ ماڻن جي ڄاڻ ملي سگهي ٿي.

مددي ڪتاب

سنڌي ڪتاب:

1- ڪوڙو مل چندنمل کلناڻي- سنڌي پهاڪا- 1889ع

2- ڪيولرام سلامتراء آڏواڻي- گلشڪر- گورنمينٽ سينٽرل بوڪ ڊيپو، ڪراچي 1905ع.

3- گهنشامداس رامداس پڳت- سنڌي ٻوليءَ جي سونهن- حيدرآباد سنڌ، 1910ع.

4- پيرومل مهر چند آڏواڻي- پهاڪن جي پيڙهه- حيدرآباد سنڌ.

5- قليچ بيگ مرزا- پهاڪن جي حڪمت- حيدرآباد سنڌ، 1928ع.

6- پيرومل مهرچند آڏواڻي-گلقند (ڀاڱو 1-2) حيدرآباد سنڌ 1928ع.

7- غلام اصغر- سنڌي ڪتمڙا عرف اصطلاحات اصغر، حيدرآباد سنڌ، 1956ع

8- عبدالڪريم سنديلو- پهاڪن جي پيڙهه، حيدرآباد سنڌ، 1966ع.

9- الهه بخش ٽالپور- پهاڪن جي پيڙهه- حيدرآباد سنڌ، 1969ع

10- تيرٿداس پيسومل هاٿيراماڻي- پهاڪن جي پاڙهه- ممبئي، 1973ع.

11- ليکراج ڪشنچند عزيز- سنڌي اصطلاح (ٻه ڀاڱا) ممبئي. 1976ع؛ 1978ع.

12- سترامداس جڙيا سنگهاڻي- ڏُرن جي ڏهلي (پهاڪا ۽ چوڻيون) (ٻه ڀاڱا) احمدآباد، 1982ع.

13- سترامدس جڙيا سنگهاڻي- ماڻڪ، موتي (ورجيسون ۽ محاورا) "ٻه ڀاڱا" احمد آباد، 1982-1983ع.

14- نبي بخش خان بلوچ (ايڊيٽر)- جامع لغات سنڌي (پنج ڀاڱا) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1960-1990ع.

15- سنتداس پنهونمل ڪشناڻي- سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (سمپادڪ: مرليڌر ڪشنچند جيٽلي) پي- وي- ڪشناڻي ٽرسٽ، پٽي 1993ع.

انگريزي ڪتاب

1- Kripalani, Rochiram Gajumal, A Hand Book of Sindhi Proverbs. Karachi, 1892.

2- Shahani, M.J., A Hand Book of Sindh idioms, Karachi, 1938.

3- Fallon, S.W.A., Dictionary of Hindustani Proverbs, London, 1886.

4- Smith, W.G., Oxford Dictionary of Proverbs, Oxford, 1935.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين "اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙھندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناھي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُھديدار يا پايو وِجھندڙ نہ آھي. جيڪڏھن ڪو بہ شخص اھڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُھو ڪُوڙو آھي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏھن ڪو اھڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُھو بہِ ڪُوڙو آھي.

جَھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پَڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَڀِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

ٻَـنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ –

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)